
خليفو پيرو فقير شورو رحمۃ اللہ عليہ
(فقيرانہ زندگي جو تفصيلي جائزو)
درگاہ حضرت پير محمد عرف پيرو فقير شورو
ليکڪ
مولوي محمد يامين شورو
(مسڻ وڏي)
سهڪار
فقير حاجي جان محمد شورو

# خليفو پيرو فقير شورو رحمة الله عليه

(فقيرانہ زندگي جو تفصيلي جائزو)

ليکڪ
**مولوي محمد يامين شورو**
(مسڙ وڏي)

سهڪار
**فقير حاجي جان محمد شورو**

ڇپائيندڙ
**غوثيه جماعت خانقاه پيرو فقير شورو**
**ڳوٺ پيرو فقير شورو- ٽنڊو آدم**
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

## حق ۽ واسطا محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | خليفہ پيرو فقير شوروؒ |
| موضوع | : | فقيرانہ زندگي جو تفصيلي جائزو |
| ليکڪ | : | مولوي محمد يامين شورو |
| سهڪار | : | فقير حاجي جان محمد شورو (سجاده نشين خانقاهہ پيرو فقير شورو) |
| ڇاپو پهريون | : | مارچ 2017ع |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | جهانزيب علي جوٽيجو |
| ڇپائيندڙ | : | غوثيه جماعت خانقاه پيرو فقير شورو۔ ٽنڊو آدم |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد. 03332634650 |

**قيمت : -/250**


### ملڻ جو هنڌ

**فقير حاجي جان محمد شورو**

(سجاده نشين خانقاهہ پيرو فقير شورو) ڳوٺ پيرو فقير شورو.

**0300-4778932**

### رابطي لاءِ

**مولوي عبدالرحمان شورو** (مدرسه خانقاهہ پيرو فقير شورو)

**0300-2386909**

# انتساب

ارپيم انهن الله لوڪ فقيرن جي
نالي،
جن پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون،
خالق جي بندگي
۽ مخلوق جي خدمت ۾
گذاري،
خدا پرستي ۽ انسان دوستي
جي،
وس آهر حق ادائي ڪئي.

گر قبول افتد زهے عزّ و شرف

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”**خليفو پيرو فقير شورو** رحمة الله عليه“ اوهان اڳيان پيش آهي.
هن ڪتاب جو ليکڪ مولوي محمد يامين شورو آهي.

ڪتاب سنڌ جي هڪ گمنامي جي گوشہ ۾ گذاريندڙ غير معروف بزرگ، سهروردي سلسلہ جي سالڪ ۽ پنهنجي حلقہ ۾ غوثيہ جماعت جي اهم اڳواڻ ۽ حضرت غوث بهاءُ الحق والدين محمد زڪريا ملتاني جي خانقاهہ جي خليفہ پيرو فقير شوري جي حالات بابرڪات بابت آهي.

هي ڪتاب 2017ع ۾ **ساحل پرنٽرس، حيدرآباد** وٽان غوثيہ جماعت خانقاه پيرو فقير شورو۔ ٽنڊو آدم پاران ڇپرايو ويو.
ٿورائتا آهيون فهيم فدا شورو صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


▪ مهاڳ — مولوي محمد يامين شورو 7

1. شورا قبيلي جو اصل نسل 11
2. شورن جو راڄوٽي نظام 22
3. شورا درويش ۽ بزرگ 29
4. ڳوٺ پيرو فقير شورو هڪ تعارف 31
5. تحقيق جو بنيادي پٿر 35
6. سهروردي سلسلي جا روحاني اڳواڻ ۽ ملتاني خانقاهہ جا سجاده نشين 41
7. خليفي پيرو فقير شوري جي دؤر جون تاريخي جهلڪيون 46
8. ٿر ۽ بر ۾ خليفي پيرو فقير جا پنڌ 51
9. بزرگ پيرو فقير شوري جو سوانحي خاڪو 58
10. حالات، واقعات 60
11. خليفو پيرو فقير جي پوٽن وغيره بابت ٻڌل واقعات 78
12. بزرگ پيرو فقير شوري جو اولاد 111
13. يادگيريون (شورا فقير_1) 118
14. يادگيريون (شورا فقير_2) 123
15. فقيري ۽ ولايت 128
16. صوفي فقير، سچا سالڪ ۽ اهل سنت والجماعت 134
17. صوفيت، صوفي ازم ۽ تصوف 148
18. تصوف ۽ طريقت جا سلسلا 160
19. سهر وردي مشائخن جو طريقو ذڪر ۽ تسبيحون 167
20. وفات جون تاريخون 178
21. مددي ڪتاب 184

## مهاڳ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
نحمده و نصلي عليٰ رسوله الکريم

سنڌ جي اوليائن، بزرگن، صوفي فقيرن ۽ درويشن تي جيڪو تاريخي مواد آهي سو مختلف ڪتابن جهڙوڪ: تحفة الطاهرين حديقة الاولياء، سفينة الاولياء، مرغوب الاحباب، تاريخ تحفة الڪرام، برهانپور جا سنڌي اولياء (اردو) تذڪره مشاهير سنڌ، تذڪرة الا اولياء ۽ ڪن ٻين ڪتابن ۾ جمع ٿيل آهي.

اڳاٽين تاريخن جي مطالعہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ان ۾ تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ تي توجهہ گهٽ ۽ فضيلتن، ڪرامتن، عجيب غريب داستانن، واقعن، ٻڌل سئل ڪهاڻين تي وڌيڪ آهي. ڪنهن بہ بزرگ جي حالات بابت گهربل معلومات جيڪا تاريخي تقاضائن ڪي پوري ڪري سا ٻنهہ گهٽ. هاڻي هن دؤر ۾ جيڪڏهن ناقدانہ نظر (ڇنڊ ڇاڻ واري سوچ) سان ڪا تحقيق بہ ڪجي ٿي تہ، اها بزرگن جي تاريخ سان هٿ چراند تصور ڪئي وڃي ٿي. حالانڪ جنهن مواد ڪي جيستائين تنقيد جي ڪسوٽيءَ تي رکي نہ ٿو پرکجي تيستائين تہ اهو مواد خود قابل اعتماد نہ ٿو رهي. اسان هن ڳالهہ جا حمايتي آهيون تہ، تاريخ ۾ اهڙي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻ گهرجي، تہ جيئن نج حقيقت، ملاوت کان پاڪ صاف ٿي اسان جي سامهون اچي ۽ اهڙي ڇٽيل ڇنڊيل حقيقت لازمي طرح پروسي جوڳي هوندي نہ رڳو اوليائن سڳورن بابت تاريخون، پر خود سنڌ جي باري ۾ لکيل مشهور تاريخ فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامو بہ افسانوي رنگ کان بچي نہ سگهيو آهي. ان ۾ بہ اهڙي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ جي ضرورت آهي. پر اصل مسئلو آهي تہ، اسان ڪهڙي آڌار تي انهن تاريخن تي تنقيدي نظر وجهون؟! جڏهن تہ اسان وٽ ڪا بہ

اهڙي مستند تاريخ يا ڪا تحرير ڪونهي جيڪا هڪ معيار بنائي باقي ٻين تاريخن کي ان سان ڀيٽي واضح ڪري سگهون تہ اصل حقيقت ڇا آهي ۽ ملاوٽ ڇا آهي يا ڇا ڪونهي؟ مختلف تاريخن ۾ لکيل مواد جي ڪمي بيشي کي پڌرو ڪريون تہ ڪيئن ڪريون؟ انهي جو ڪارڻ اسان جي نظر ۾ هي آهي تہ، سنڌ بابت جيڪو بہ تاريخي مواد آڳاٽو لکيل آهي سو مقامي ماڻهن يا مقامي عالمن بجاءِ سنڌ کان ٻاهرين ماڻهن جو لکيل آهي جيڪي سنڌ جارهاڪو نہ هئا. جهڙوڪ عرب، ايراني، يوناني ۽ انگريز وغيره. جن ۾ اڪثريت عرب سياحن ۽ ايراني سياحن جي آهي. انهن جيڪي ڏٺو يا ٻڌو سو لکي ڇڏيائون. انهن مؤرخن لکڻ وقت ڪا بہ تحقيق ڪا نہ ڪئي هنن ڇڻ پنهنجو سفرنامو يا سير سياحت جي روئداد ۾ ڊائري لکي. انهي ڪري هنن ڪنهن بہ تحقيق جي ضرورت محسوس بہ نہ ڪئي. ڇو تہ هنن فقط پنهنجون يادگيريون تحريري صورت ۾ لکي محفوظ ڪيون. هنن مؤرخن هيءَ دعويٰ بہ ڪو نہ ڪئي هئي تہ اسان ڪو هيءَ تحقيقي مواد ڪنو ڪري رهيا آهيون. انهي ڪري ٻڌل سئل ڳالهہ ۽ تحقيقي مواد ۾ لازمي طرح فرق ٿيندو. ٻيو تہ اهي عرب ۽ ايراني وغيره مؤرخ جيئن تہ عربي، فارسي، يوناني ۽ انگريزي ۾ تاريخون لکي ويا انهي ڪري سنڌ جي ماڳن مڪانن ۽ ماڻهن جي نالن ۾ بہ فرق ٿي ويو. جيتريقدر منهنجو اڏورو مطالعو آهي تنهن مان مون کي تہ اندازو اهو ٿئي ٿوتہ، انهن مؤرخ سياحن ٻڌل ڳالهين کي پنهنجي تاريخ ۾ وڏيڪ جڳهہ ڏني آهي. جنهن ڪري چند مشهور مشهور بزرگن کان سواءِ ٻيا جيڪي گمنام سنڌ جي ٻهراڙين، واهڻن وستين ۾ ويهي خدا جي ٻانهن کي سندن رب جي راهہ ڏيکاري ۽ ڏسي رهيا هئا، سي بزرگ انهن مؤرخن جي نظرن کان اوجهل رهيا ۽ اهڙي طرح ڳڻڻ کان ٻاهر اولياء بزرگ ۽ درويش تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ نہ ٿي سگهيا. پر پوءِ بہ اسان انهن ٻاهرين مؤرخن جا وري بہ احسان مند آهيون جن اسان جي سنڌ جي اوليائن بزرگن تي ٻڌل سئل مواد بہ تحرير ڪري اسان کي انهن جي حالات کان واقف ڪيو. جي نہ تہ شايد اهو مواد بہ اسان جي سامهون موجود نہ هجي ها.

ويجهڙائي ۾ ڪن دلي دوستن جي حڪم تي سنڌ جي هڪ گمنامي جي گوشہ ۾ گذاريندڙ غير معروف بزرگ، سهروردي سلسلہ جي سالڪ ۽ پنهنجي حلقہ ۾ غوثيہ جماعت جي اهم اڳواڻ ۽ حضرت غوث بهاءُ الحق والدين محمد زڪريا ملتاني جي خانقاهہ جي خليفہ پيرو فقير شوري جي حالات بابرڪات متعلق ڪتابن جي ورق گرداني ڪئي پر ڪٿي بہ ڪو تاريخي، ڪتابي مواد ميسر نہ ٿي سگهيو. بس جيڪو مواد مذڪوره بزرگ جي پونيرن فقيرن خاص ڪري بزرگ پيرو فقير شوري جي خانقاهہ جي موجوده سجاده نشين فقير حاجي جان محمد شوري وٽان ملي سگهيو سو سڏاري سنواري ڪتابي صورت ۾ لکي جمع ڪرڻ شروع ڪيم. فقير جان محمد جيڪي ڪجهہ لکي ڏنو سو بہ بزرگ پيرو فقير شوري جي معتقدن وٽان ٻڌي سڻي لکي جمع ڪيو. ڪجهہ مواد حضرت مولانا مفتي محمد صديق خاصخيلي عرف استاد فقير مننار مهتمم مدرسہ ڳوٺ سچيڏنو ورياهہ لڳ ٽنڊو آدم جي ٻڌايل زباني روايتن ۽ سندس لکيل يادگيرين تي مشتمل آهي.

آئون پنهنجي سمجهہ سارو ۽ وس آهر جيڪي بہ سهيڙي سموهي سگهيو آهيان، سو پڙهندڙن جي پيش خدمت آهي. اميد اٿم تہ پڙهندڙ بزرگ خليفہ پيرو فقير بابت هن نئين نڪور مواد جو قدر ڪندا. جيڪڏهن اسان جي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٻاجهہ ۽ شفقت سان درگذر ڪري اسان کي پنهنجي غلطي کان آگاهہ ڪندا تہ جيئن هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ انهي جي درستي ڪري سگهجي. هن ڪتاب لکڻ مان منهنجو مقصد فقط هي آهي تہ سنڌ جو پڙهيو لکيو طبقو، اسان جي هن بزرگ خليفہ پيرو فقير شوري جي حالات کان واقف ٿئي، تہ جيئن مذڪوره بزرگ جو نالو تاريخي ميدان ۾ عام خاص جي نظر تي اچي ۽ آئنده لاءِ سنڌ جي بزرگن ۾ هن فقير جو بہ شمار ٿئي. اسان جي مُدعا هن فارسي بيت ۾ سمايل آهي.

نام نيڪ رفتگان ضايع مَ ڪن،
تابمانَد نام نيڪت بر قرار.
يعني: بزرگن جي چڱي نالي کي گم نہ ڪر،

تہ جيئن تنهنجو چڱو نالو بہ دنيا ۾ برقرار رهي.

10 ربيع الاول 1438ھ
مطابق 15 ڊسمبر 2016ع
بروز ڇنڇر

بزرگن جي پيرن جي خاڪ
**مولوي محمد يامين شورو**
خطيب جامع مسجد مسڻ وڏي
۽ ناظم مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي

# شورا قبيلي جو اصل نسل

## از: مولوي محمد يامين شورو

مون جڏهن شورا قوم بابت تاريخي مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيو تہ ڪيئي ڪچيون ڦڪيون، غلط سلط ڳالهيون مليون جيئن تہ اهي سڀ ڳالهيون ماڻهن وٽان مليل زباني روايتون هيون. انهي ڪري مون ڪوشش ڪري لکيل مواد هٿ ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

مون کي افسوس آهي تہ، اسان جي سنڌي قومن بابت لکيل مواد بنهہ گهٽ آهي. جيڪڏهن ڪو هڪ اڌ ڪتاب آهي بہ تہ، ان ۾ وري تفصيل ڪونهي. خاص ڪري شورا قوم تي تہ بنهہ نالي ماتر مواد آهي. منهنجي انهي سلسلي ۾ ڪوشش ۽ ڳولا جاري آهي جيئن جيئن مواد ملندو ويندو تيئن ئي مليل مواد کي مضمونن جي صورت ۾ ترتيب ڏيئي پيش ڪبو. في الحال جيڪا بہ معلومات گڏ ٿي سگهي آهي سا سيني جي سامهون آهي، شورا قوم، راجپوت نسل مان آهي. راجپوت جي تشريح ڪندي الهہ رکيو ٻُٽ صاحب لکي ٿو تہ،

راجپوت لفظ مان اعليٰ نسل جون ذاتيون مراد آهن. چچنامي ۾ چيل آهي تہ، راجا ڏاهر جي لشڪر جا خاص سپاهي راجپوت نسل جا ٺڪر هئا. موجوده دور اندر سنڌ ۾ رهندڙ راجپوت نسل جون قومون سوڍا سڏجن ٿيون ۽ ٺڪر جي قومي نالي سان مشهور آهن. اهي ٺڪر سنڌ ۾ تيرهين ۽ پندرهين (13 ۽ 15) عيسوي صدي جي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿا. سومرن ۽ سمن جي لشڪر ۾ اڪثر ڪري ان ذات وارا سپاهي هئا. (1)

مٿي لکي آيو آهيان تہ "شورا قوم راجپوت نسل مان آهي." انهي سلسلي ۾ منهنجي نظر مان هڪ مضمون گذريو جنهن جو خلاصو عرض ڪجي ٿو سنڌ جي اوليائن مان شيخ رهاڻ جو نالو تمام گهڻو مشهور آهي. جنهن لاءِ سنڌ ۾ پهاڪو ڏيندا آهن تہ "شيخ رهاڻ جگري جوان" اهو بزرگ

سنڌ جي مشهور شهر رڪن پور ۾ رهندو هو. شيخ رهاڻ جا مريد ساري هند ۽ سنڌ ۾ آهن بلڪ ڪڇ ۽ مارواڙ ۾ بہ آهن. مارواڙ جو راجا ڏروت، راجپوت نسل جي گجر پاڙي مان هو. راجا ڏروت کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڌي هئي. جن جا نالا هن طرح آهن. (1) جکرو (2) ڏندرو (3) چنيسر ۽ (4) هڪ ڌيءَ مِلٽي.

شيخ رهاڻ، راجا ڏروت کي مسلمان ڪيو.

راجا ڏروت، سندس مرشد شيخ رهاڻ جي وصيت موجب گنجي ٽڪر پرسان رهڻ لڳو. هن پاڻ سان چار ٻانها (1) منڊرو (2) سوهو (3) چِليو (4) هيل يا گگو آندا هئا. راجا ڏروت گنجي ٽڪر تي ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ گذاري ويو ۽ سندس وصيت مطابق کيس ڪڇ جي طرف دفنايو ويو.

جيئن تہ راجا ڏروت جي گذاري وڃڻ بعد سندس پٽن ۾ ايتري همت ۽ حوصلو نہ هو جو پنهنجي پيءَ جي بادشاهي سنڀالي هلائي سگهن، مٿان وري آسپاس جي بادشاهن جي حريص نگاهن ۽ سندن حملن جا خطرا هر وقت موجود هيا. انهي ڪري راجا ڏروت جي ٽنهي پٽن جکرو، ڏندرو، چنيسر ۽ ڀيڻ مِلٽي پاڻ ۾ گڏجي هيءَ فيصلو ڪيو تہ مارواڙ جي راڄڌاني کي وزيرن حوالي ڪري اتان نڪري هليو وڃجي. انهي فيصلي مطابق ٽنهي ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ پاڻ سان چار ٻانها وٺي گهوڙا پلاڻي روانا ٿيا. سندن سفر جو رخ سنڌ ڏانهن هيو. ڪڇ کان ايندي مانجهوءَ جو پٽڻ اڪري ويروءَ واري جبل وٽ پهتا. پر اتي جي آبهوا کين نہ وڻي انهي ڪري اتان لڏو ڪٽي جهول ماڙي جي پڙ ۾ گهڙا مڪان ۾ اچي رهيا. جهول ماڙي جهمپير جي ايراضي ۾ آهي. تنهن زماني ۾ جهمپير وسندڙ شهر ۽ بندر هو. جتي هڪ پهلوان هيڪل راوتيو نالي رهندو هو. تنهن پنهنجي سک ۽ آرام لاءِ جهول ماڙي نهرائي هئي انهي پهلوان جو مرشد جک جوڳي هو. جيڪو رمل ۽ ڊاري جو ماهر هو. اهو اصل ڪڇ جي طرف جو هو. پهلوان ايترو تہ مشهور هو جو 7-8 (ستن-اٺن) ڪوهن ۾ ڪنهن کي ٻاهہ ٻارڻ بہ ڪو نہ ڏيندو هو. انهي هيڪل پهلوان، ناريجن مان شادي ڪئي هئي.

هڪ ڏينهن راجا ڏروت جا ٽيئي پٽ جکرو، ڏندرو ۽ چنيسر شڪار تي ويا ۽ شڪار ڪري موٽي آيا. هيڏانهن وري هيڪل راوتيو پهلوان پنهنجي

مرشد جک جوڳي ڏانهن ويو. جنهن کيس ٻڌايو تہ ”تنهنجي ماڙيءَ پرسان کي ماٺهو رهندڙ آهن، جن مان توکي نقصان ٿيندو.“

راجا ڏروت جا پٽ جيکي شڪار ڪري موٽيا هئا تن مان جکري چيو تہ آئون هيڪل پهلوان سان رهاڻ ڪرڻ لاءِ وڃان ٿو. هيڏانهن پهلوان پنهنجي مرشد جک جوڳيءَ وٽان موٽي پنهنجي رهائش واري جاءِ جهول ماڙيءَ ڏي اچي رهيو هو تہ کيس رستي ۾ راجا ڏروت جو پٽ چنيسر مليو. جيئن تہ هيڪل راوتيو پهلوان آسپاس جي ستن اٺن ڪوهن ۾ ڪنهن کي سهندو ئي ڪو نہ هو سو چنيسر کي ڏسندي ئي هڪل ڪري ساٽس اٽڪي پيو. ٻئي پهلوان وڙهڻ لڳا. نيٺ چنيسر، هيڪل راوتئي پهلوان کي ماري سڌو جهول ماڙيءَ تي ويو. جنهن پهلوان جي نوڪرن کي چيو تہ ”مون پهلوان ماري ختم ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي ان جي هٿن ۾ ستن اٺن ڪوهن واري ايراضي ۽ توهان سڀ منهنجي قبضي ۾ آهيو.“ تنهن تي نوڪرن، چنيسر کي ٻڌايو تہ هيڪل پهلوان جو مرشد جک جوڳي سامهون واري جبل جي ٽڪريءَ تي (جيڪا ٽن ميلن جي پکيڙ ۾ آهي) رهي ٿو. اها ڳالهہ ٻڌڻ ڪانپوءِ هي ٿيئي ڀائر جکرو، ڏندرو ۽ چنيسر انهي بزرگ وٽ ويا. اتي پهچڻ ڪانپوءِ بزرگ کين چيو تہ اوهان مون وٽ نہ رهو. اوهان مان مون کي نقصان ٿيندو.“ پر هي ٿيئي انهي بزرگ جک جوڳيءَ جي خدمت ۾ مصروف رهيا. انهي جوڳي وٽ هڪ ڪتاب هو جنهن ۾ ڏاري ۽ رمل جو علم هو. جنهن وسيلي هو خزانا هٿ ڪندو هو. ان بزرگ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ پنهنجي شاگردن کي چيو تہ ”آئون هِن ٽڪريءَ ۾ ٻوٽيون ڳولڻ ٿو وڃان، توهان ڪتاب کولي ٻيهجؤ.“ جڏهن اهو جوڳي ٽڪريءَ اندر ڪنهن غار يا ڏوريءَ ۾ ويو تہ سندس شاگرد ڪتاب کولي ٻهيڻ بدران بند ڪري ڪٽي آيا ۽ اهو جوڳي اتي ئي ڪنهن غار ۾ غرق ٿي ويو. اها ٽڪري ۽ جهول ماڙي ماڻهن جي عبرت لاءِ اڃا تائين موجود آهي.

راجا ڏروت جي ٽنهي پٽن جو اولاد هن ريت مشهور ٿيو:

جکري جي اولاد مان جکرا، هيجب ۽ هيڪل ٿيا.

ڏندري جي اولاد مان مير بحر، ملاح ۽ مهاٽا ٿيا.

چنيسر جي اولاد مان شورا ٿيا. (2)

مٿي لکيل خلاصہ مان هيءَ ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ شورا قوم جو ڏاڏو راجا ڏروت، راجپوت گهراڻي جي گجر قبيلي جو هو. سندس راجڌاني جو ملڪ مارواڙ ڪڇ هو. جتان راجا ڏروت جي گذاري وڃڻ بعد سندس اولاد ڪڇ کان سنڌ پهتو. راجا ڏروت کي سنڌ جي مشهور تاريخي بزرگ شيخ رهاڻ مسلمان ڪيو. راجا ڏروت جي مسلمان ٿيڻ بعد سندس پٽ ۽ اولاد نسل در نسل مسلمان رهيو. راجا ڏروت جو اولاد سنڌ ۾ سڀ کان پهرين جهمپير جي علائقي ۾ جهول ماڙيءَ پر سان گهڙا مڪان ۾ رهيو.

هڪ زباني روايت مطابق تہ جڏهن راجا ڏروت جا پٽ ۽ ان جي ڏيءَ ملٽي گهڙا مڪان ۾ اچي رهيا هئا تہ اتي رهڻ کان ڪجهہ عرصو بعد جهول ماڙيءَ واري علائقي جي ناريجا قوم جي سردار ڪانئڻ پيڻ جو سڱ گهريو. جيئن تہ هي ڌُلجي مسافر ٿي آيا هئا تنهن ڪري سندن وڏي پاءُ جکري، سڱ ڏيڻ جي هاڪار ڪئي، پر ٻيا ٻہ ڀائر ڏندرو ۽ چنيسر سختيءَ سان انڪار ڪري ويٺا. هاڻي هنن ڀائرن لاءِ ڏکيائي ٿي پئي. انهي پريشاني وچ ۾ سندن نوڪرن ۾ ٻانهن مان هڪ مگٽهار (لنگهو) هو. تنهن هنن کي تسلي ڏني تہ توهان فڪر نہ ڪريو. مون وٽ هڪ رٿا آهي انهي مطابق سڱ ڏيڻ کان ٻہ بچي وڃبو تہ ناريجن سان سڱ ڏيڻ جي هاڪار ڪري انهن جي دشمني کان محفوظ ٿي وڃبو. انهي ڪانپوءِ ناريجن جي سردار پنهنجي شادي جا ڏينهن مقرر ڪري آسپاس دعوتون ڏنيون. نيٺ شادي جا ڏينهن آيا ۽ گهوٽ کي ساٽ سنوڻ ٿيڻ لڳا. لنگهي اهو موقعو بهتر سمجهي، جنهن جاءِ تي ساٽ سنوڻ ٿي رهيا هئا، انهي جاءِ جي چوڌاري تيزاب هاري پوءِ ان کي تيلي لڳايائين تہ چوڌاري باهہ ٻرڻ شروع ٿي وئي ۽ لنگهي پاڻ کي جاچين ۾ شريڪ ڪري دهل وڄائڻ شروع ڪيو. تان جو انهي باهہ جي چوڌاري وڪوڙي وڃڻ ڪري جاچي ماچي، گهوٽ وغيره سڀ سڙي ويا. تان جو اهو لنگهو بہ سڙي ويو.(3)

مون پنهنجي چاچي مرحوم عبدالواحد شوري کان سندس پيءَ (يعني منهنجي ڏاڏي محمد عمر شوري مرحوم) جي هيءَ ڳالهہ ٻڌي هئي تہ "اسان

راجا ڏروت جو اولاد آهيون. اسان جو اصل وطن جيلسمير آهي. جتان ڪان گذر سفر جي بهاني هتي سنڌ ۾ پهتاسون. نڪر، رانوڙ ۽ سوڍا سيئي اسان راجا ڏروت جي خاندان ۽ ان جي جدا جدا پاڙن، اوڙڪن جا نالا آهن.“ انهيءَ ڳالهہ مان پن قسمن جي معلومات ملي ٿي. پهرين تہ راجا ڏروت، جيسلمير جو بادشاهہ هو انهي راجا ڏروت جي اولاد مان شورا قوم آهي. ٻيو تہ راجا ڏروت جي خاندان جي جدا جدا پاڙن ۽ اوڙڪن جا نالا نڪر، رانوڙ ۽ سوڍا آهن.

مون ڏاڏا مرحوم جي مٿي ذڪر ڪيل ڳالهہ تي ويچاريندي انهن لفظن جي معنيٰ ڏي بہ توجهہ ڪيو تہ نڪر، رانوڙ ۽ سوڍي جي اصل معنيٰ ڇا آهي؟ ڇو تہ سنڌي قومن جي پاڙن ۽ اوڙڪن تي سندن وڏن جي نالي يا انهن جي ڪنهن گڻ پويان نالو پوي ٿو ۽ انهي نالي سان قوم مشهور ٿي وڃي ٿي. ٽنهي لفظن جي معنائن لکڻ کان اڳ اسان راجا ڏروت جي جيسلمير جي راجا هجڻ جي شاهدي بابت لکنداسون اردوءَ ۾ لکيل تاريخ فرشتہ جي مصنف محمد قاسم فرشتہ پنهنجي انهي تاريخ ۾ جيسلمير جي هڪ راجا جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو نالو ”ڏولت“ هو.

منهنجي سمجهہ ۾ اهو ”راجا ڏولت“ ساڳيو ڏروت آهي. البتہ اردوءَ جي اُچار ۾ ڏولت ٿي ويو آهي. باقي تاريخ فرشتہ جي لکڻ ۽ منهنجي ڏاڏي جي ٻڌايل زباني روايت مطابق تہ اهو جيسلمير جو راجا هو. جڏهن تہ اسان شروع ۾ لکي آيا آهيون تہ اهو راجا ڪڇ مارواڙ جو هو. آئون سمجهان ٿو تہ فرق ٿورو آهي، ڇو تہ مارواڙ توڙي جيسلمير ٻئي رياستون ڪڇ علائقي جون آهن. انهي ڪري ٻنهي رياستن جي هڪ ٻئي کي ويجهي هئڻ ڪري ڪنهن مؤرخ مارواڙ لکيو تہ ڪنهن وري جيسلمير ڄاڻايو آهي.

هاڻي نڪر، رانوڙ ۽ سوڍي جي اصل معنيٰ لکجي ٿي. جنهن مان پتو لڳائي سگهجي تہ راجا ڏروت جي اولاد ۾ ڪهڙا گڻ هئا؟

لفظ نڪر: معنيٰ مورتي پوڄيندڙ جل ديوتا جي پوڄارين جو ٻائو هندو فقير.(4)

لفظ ناڪر: معنيٰ راجپوتن جي هڪ ذات. سردار، عزت جو لفظ، راجائن ۽ گُرن جو لقب، سوامي. (5)

لفظ رائوڙ: معنيٰ اسم خاص، راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو. (صفت) سگهارو، پهلوان، جانٺو بهادر، ڏٺو مُٺو جبرو، جنگجو. (6)

لفظ سوڍا: معنيٰ سنڌ ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.(7)

مٿي ذڪر ڪيل معنائن ۾ غور ڪرڻ بعد سمجهه ۾ اچي ٿو ته راجا ڏروت جو اولاد پهلوان، بهادر ۽ سگهارو هو. جنهن مان ڪِن خاص گڻن وارن کي نڪر، رائوڙ يا سوڍو سڏيو ويو. تنهنڪري انهن جون باقاعده جدا جدا ذاتيون سڏجڻ لڳيون.

شورا قوم جو اصل راجا ڏروت سان ملي ٿو. راجا ڏروت جو سمورو خاندان ڪڇ کان سنڌ منتقل ٿيو. اهڙي شاهدي اسان کي تاريخ تحفة الڪرام مان ملي ٿي. مذڪوره تاريخ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ڪڇ کان جيڪي به قومون سنڌ ۾ داخل ٿيون تن جون پنج نُکون آهن جن مان مون کي هينئر چار نُکون ياد آهن جيڪي هي آهن: (1) نِيت، (2) پيت، (3) سميت، (4)؟، (5) ڏروت.

مناسب آهي ته راجا ڏروت ۽ سندس خاندان کي مسلمان ڪندڙ سنڌ جي بزرگ هستي شيخ رهاڻ جو مختصر تعارف لکون ۽ هي به معلوم ڪريون ته اها ڪهڙي صدي ۽ زمانو هو جڏهن راجا ڏروت شيخ رهاڻ جي هٿ تي اسلام قبوليو ۽ ان جي خدمت ۾ وقت بوقت حاضر ٿي اسلام جا حڪم ۽ تعليم سکندو رهيو.

”شيخ ريحان (رهاڻ) ذات جو سومرو اتي جو ڪامل آهي. شيخ ريحان جو اصلي نالو چنيسر هو. چون ٿا ته هڪ ڀيري شيخ ريحان (رهاڻ) جي زيارت لاءِ شيخ رڪن الدين (شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني جو پوٽو) ۽ مخدوم لعل شهباز به اتي آيا هئا. جن کيس ماني، کير ۽ ماکي کائڻ لاءِ زور ڀريو هو.“ (8)

اهو شيخ رڪن الدين وڏي پايه جو بزرگ هو. جنهن جو سلطان علاءُالدين خلجي وڏو معتقد هو. شيخ رڪن الدين جڏهن دهلي ويندا هئا ته سلطان علاءُ الدين سندن استقبال ڪندو هو.(9)

سنڌ جي اوليائن بابت لکيل تاريخن مان ثابت آهي ته شيخ رهاڻ ستين صدي هجري جي پوئين اڌ جو مشهور بزرگ آهي. مٿين تاريخي

حوالن مان بہ ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون.

(1) تہ شورن جي ڏاڏي راجا ڏروت کي جنهن بزرگ مسلمان ڪيو هو. تنهن جي زيارت لاءِ ملتان جو بزرگ شيخ رڪن الدين ۽ لعل شهباز قلندر جهڙا وڏي پايہ جا بزرگ ايندا هئا. جنهن مان شيخ رهاڻ جي بزرگي ۽ شان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

(2) تہ شورا قوم ستين صدي هجري جي مسلمان قوم آهي.

اسان مٿي چاڻائي آيا آهيون تہ، راجا ڏروت جي ٽنهي پٽن جو اولاد سندن اصلي نالن پنيان مشهور ٿيو. مثال طور جکري جو اولاد جکرا، هيجب ۽ هيڪل وغيره. سنڌ ۾ جکرا، هيجب ۽ هيڪل ذاتيون مشهور آهن جڏهن تہ اهي اصل ۾ وڏن جا نالا هئا. اهڙي طرح ڏندري (جنهن کي ڪِن تاريخن گندرو لکيو آهي) جو اولاد گندرا، ملاح مير بحر ۽ مهاڻا مشهور ٿيو تہ پوءِ انهن جي ٿي ياءُ چنيسر جو اولاد ”شورا“ ڪيئن مشهور ٿيو. ٿيڻ تہ کپي ها جو اهي بہ ”چنيسر“ سڏجن ها. تنهن جا ٻہ جواب اسان وڏن کان ٻڌا آهن. پهريون جواب: راجا ڏروت پنهنجي ٽنهي پٽن جکرو، ڏندرو (يا گندرو) ۽ چنيسر کي جدا جدا وقتن ۾ ڪي بادشاهي ڪم ڪار چيا، ٻن پهرين پٽن تہ پاڻ تي رکيل ڪم ڪيا. البت چنيسر ڪم نہ ڪيو. جڏهن ڪانئس بادشاهہ پڇيو تہ پاڻ ڪارو ٿي جواب ڏنائين. تنهن تي بادشاهہ چيس تہ، ”هڪ تہ ڪم ڪو نہ ڪيئي ٻيو وري ”شور“ پيو ڪرين؟!“ ان کان پوءِ چنيسر جو لقب ”شورو“ مشهور ٿيو. جنهن جي معنيٰ بہ ڪارو آهي. انهي چنيسر جي لقب سبب سندس اولاد بہ ”شورو“ مشهور ٿيو. ٻيو جواب: چنيسر وڏي هڪل ۽ آواز سان ڳالهائڻ وارو، وڏي شهرت ۽ ڏاڪو رکندڙ، گهنڊ وجهي هلڻ وارو ۽ ڪنهن جي بہ آڻ نہ مڃڻ وارو هيو. تنهنڪري مٿس لقب ”شورو“ پيو. جڏهن تہ شوري لفظ جي معنيٰ بہ انهي ڳالهہ جو ڏس ڏئي ٿي. جڏهن چنيسر جو لقب شورو مشهور ٿيو تہ ان جو اصلي نالو گم ٿي ويو. اسان جا وڏا راجا ڏروت جي پٽن جا نالا جکرو، گندرو، شورو ٻڌائيندا هئا يعني تہ چنيسر جي نالي تي لقب غالب ٿي ويو. (10) شورا قوم بابت تاريخي مواد ڳولڻ وقت ڪي تاريخون اهڙيون هٿ آيون جن شورن کي سمن جي هڪ شاخ چاڻايو آهي.

جنهن لاءِ حوالي طور هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

(1) اها حقيقت تسليم ٿيل آهي تہ، عربن ۽ بلوچن کانسواءِ ٻيون جيڪي ڏيهي قومون سنڌ ۾ رهنديون هيون جيڪي درجي بدرجي اسلام ۾ داخل ٿينديون آيون تن کي سماٽ يعني سما قوم جون شاخون سڏيو ويجي ٿو.(11)

انهي حوالي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، جيڪي بہ سنڌ جون مقامي قومون هندو هيون ۽ پوءِ اسلام آندائون سي سما قوم جون شاخون آهن. جيئن تہ شورا قوم جو ڏاڏو ۽ سندس خاندان هندو هو پوءِ مسلمان ٿيو تہ ان جي قوم بہ سماٽ ۾ شامل هجڻ ڪري سمن جي شاخ طور شمار ڪئي وئي.

(2) جديد تحقيقات موجب بہ سما نو مسلم راجپوت آهن.(12)

(3) سما قوم گهڻن قبيلن ۾ ورهايل هئي. جن جا سردار: ڄام، ارباب، وڏيرا، ڄاموٽ وغيره لقبن سان سڏبا هئا. سما نسل جا ڪٽنب سنڌ، راجپوتانا، ڪڇ، ڪاٺياواڙ لس وغيره حصن ۾ رهندڙ هئا. جي جدا جدا قبيلن جي نالن سان سڏجڻ ۾ ايندا هئا، جن ۾ شورا قوم بہ هڪ آهي.(13)

(4) تازو آئون سنڌ يونيورسٽي جي اهم اداري سنڌالاجيءَ ۾ ويس جتي مطالعي دؤران هڪ اهڙو ڪتاب نظر مان گذريو. جيڪو انگريزيءَ ۾ لکيل هو. ريسرچ لئبريري سنڌالاجيءَ جي ڪائونٽر تي ويٺل دوست جي مهرباني سان اُن ڪتاب ڏسڻ جو موقعو مليو. وقت ٿورو هو انهي ڪري تفصيل سان پڙهي تہ نہ سگهيس. البت سرسري نظر وڌيم. ڪتاب جو نالو انگريزي ۾ ڊگهي عبارت سان ٻن ٽن سٽن ۾ لکيل هو. آئون انگريزيءَ ۾ نالو لکڻ بجاءِ ان جو سنڌي اچار لکان ٿو.

”هسٽوريڪل اينڊ ٽريڊيشنل آف دي مسلمان پيپجز فائونڊ اِن سنڌ بلوچستان اينڊ افغانستان.“

اهو ڪتاب شيخ صادق علي شير علي انصاري جيڪو 1901ع ڌاري سنڌ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو تنهن لکي ڇپرايو هو. ڪراچي جي سنڌ گورنمينٽ پريس ڇاپيو هو.

انهي ڪتاب ۾ شورا قوم کي سمن جي شاخ ڄاڻايو ويو آهي. حوالي لاءِ

متئين ڪتاب جو صفحو 35 ڏسي سگهجي ٿو. جتي سمن جي شاخ ڄاڻائيندي ڪتاب واري Sora or Shora لکيو آهي.

ڪتاب جي سرسري مطالعه مان معلوم ٿيو ته، مذڪوره ڪتاب ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي انهن قومن کي ڳڻيو ويو آهي جيڪي زميندار آهن. ڪتاب ۾ بلوچ قومن جو شمار الڳ ڪيو ويو آهي ته سنڌي قومن جو ڳاڻيٽو جدا ڪيل آهي.

هينئر توهان جي سامهون تاريخن مان چار حوالا ذڪر ڪيا ويا. جن مان پڌرو ٿئي ٿو ته، ”شورا سمن جي شاخ آهن.“ انهي جي حقيقت وڌيڪ خدا ڄاڻي ٿو. پر هيستائين آئون پنهنجي ذاتي معلومات جي آڌار تي انهي ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار ناهيان. ڇو ته آئون شورا قوم کي هڪ مستقل ذات مڃان ٿو. ڪنهن به ٻي ذات جي اوڙڪ يا پاڙو مڃڻ مون کي صحيح نظر نه ٿو اچي. ٿي سگهي ٿو تحقيق ڪندي ڪي اهڙا مضبوط ثبوت مِلن، يا شورا قوم جو شجرو ملي. جنهن ۾ دليلن، ثبوتن ۽ شاهدين سان شورا قوم کي سمن جي شاخ ثابت ڪيو ويو هجي ته، مون کي مڃڻ ۾ ڪو به عار نه ٿيندو. باقي منهنجي ذهن ۾ هڪڙي ڳالهه کُٽڪي ٿي ته، شورن جي وڏن سمن سان مائٽي ۽ سڱاوتي ڪئي هجي، اُن آڌار تي ڪنهن تاريخ واري شورن کي سمن جي شاخ لکيو هجي ۽ انهي تاريخ تان وري ٻين نقل ڪيو هجي ته اهو ٿي سگهي ٿو.

شورا قوم بابت ڪيترين ئي تاريخن ۾ ڌارين سان وڙهڻ ۽ انهن کي پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ تان تڙي ڪڍڻ لاءِ بيشمار لڙاين جا قصا ذڪر ٿيل آهن. پنهنجي ديس تان سر قربان ڪرڻ ۾ شورا قوم ڪيترين ئي قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڌارين سان خوب مقابلو ڪيو.

ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ صاحب لکيو آهي ته،

سومرن، سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر کان پوءِ سنڌ دهليءَ جي مغل حڪومت هيٺ آئي ۽ مغل بادشاهه پنهنجا گورنر سنڌ جي مختلف علائقن تي مقرر ڪندا هئا.

سمات قوم جون ڪيتريون ذاتيون مغل گورنرن سان چوٽون کائينديون رهيون. ان وقت جي حالتن تي يوسف ميرڪ جو سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتاب ”تاريخ مظهر شاهجهاني“ سني روشني وجهي ٿو. ۽ ڪيترين ئي

سنڌي ذاتين جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ موجود هيون. ان دور ۾ سنڌ اندر ڪي زبردست قومون موجود هيون جن ڏارئي راڄ جي حڪومت کان ناراضگي ڏيکاريندي انهن سان جنگيون جوٽيون ۽ آخري دم تائين وڙهندا رهيا.

انهن جنگجو (ويڙهاڪ) ذاتين ۾ سميجا، انڙ، ساريا، شورا، نومڙيا وغيره مشهور هئا. اهي سڀ سماٽ قوم سان واسطو رکندڙ هئا. (14) خلاصو مطلب تہ شورا قوم راجپوت نسل مان راجا ڏروت جي پٽ چنيسر عرف شوري جو اولاد آهي. راجا ڏروت ڪي شيخ رهاڻ مسلمان ڪيو هو تنهنڪري شورا قوم پنهنجي ڏاڏي راجا ڏروت جي مسلمان ٿيڻ واري زماني يعني ستين صدي هجري کان وٺي مسلمان ليکجڻ ۾ اچي ٿي. جڏهن تہ مسلمان ٿيڻ کان اڳ راجا ڏروت، راجپوت جي گجر پاڙي مان هو. پر ڪي ان کي نڪر سڏين ٿا. شورا قوم سنڌ جي تمام وڏين ذاتين ۾ شمار ٿئي ٿي. چو تہ هيءَ قوم سموري سنڌ جي هر ضلعي ۽ هر تعلقي ۾ گهڻي تعداد ۾ آباد آهي.

**حوالا:**


(1) ڪتاب سماٽ صفحو 31 ڊاڪٽر الهرڪيو ٻُٽ.

(2) هفتيوار اخبار ”آزاد“ ڪراچي 3 جون 1968ع

مضمون: جهول ماڙي

مضمون نگار: عبدالله گندرو- سونڊا ضلع ٺٽو

(3) زباني روايت: سيٺ عبدالله شورو، ديهہ ماڙي، تعلقہ ميرپور ساڪرو ضلع ٺٽو.

(4) جامع سنڌي لغات صفحو 722 جلد 2

(5) جامع سنڌي لغات صفحو 716 جلد 2

(6) جامع سنڌي لغات صفحو 1410 جلد 3

(7) جامع سنڌي لغات صفحو 1694 جلد 4

(8) تاريخ تحفة الڪرام صفحو 446 سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد

(9) تاريخ تمدن سنڌ صفحو 262 مولائي شيدائي
(10) جامع سنڌي لغات صفحو 1782 جلد 4
(11) ڪتاب سماٽ صفحو 50 ليکڪ الهہ رکيو ٻُٽ
(12) ڪتاب سماٽ صفحو 49
(13) تاريخ خاصخيلي صفحو 43 ليکڪ مولائي شيدائي ڇاپو 1961ع
(14) ڪتاب سماٽ صفحو 54

# شورن جو راڄوٽي نظام

**از: مولوي محمد يامين شورو**

ڪنهن بہ قوم، قبيلي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هي ضروري آهي تہ انهن قومن جي اڳواڻن ۽ رهبرن ۾ سندن قوم لاءِ خيرخواهي جا جذبا پوري اخلاص ۽ سچائي سان ڪارفرما هجن. امانت ۽ صداقت سندن سڃاڻپ هجي تہ ديانت ۽ شرافت سندن اصول هجي. ڇو تہ اهڙا اڳواڻ ۽ رهبر ئي پنهنجي قومن کي تباهي مان ڪڍي، ترقي جي راهہ تي گامزن ڪن ٿا. دنيا ۾ اهي قومون ترقيءَ جي معراج کي پهتيون، جن جي اڳواڻن ۾ قائدانہ صلاحيتون پوري طرح موجود هيون. پر خدانخواستہ جي قوم جا رهبر ئي رهزن ٿي پون تہ پوءِ اهي قومون ترقي بجاءِ، تنزل ۽ تباهي جي تري ۾ هليون وڃن ٿيون، پوءِ اهڙين قومن جو ٻيڙو ترڻ بدران ٻڏڻ لڳندو آهي.

انهي ڪري قوم جي رهبر ۾ انسانيت کي اجاريندڙ امانت ۽ صداقت جهڙين سهڻين خوبين سان گڏ عدالت ۽ انصاف جو عنصر غالب هجي. اهو اڳواڻ رياڪاري ۽ طرفداري، اقربا پروري ۽ خود غرضي، مفاد ۽ مطلب پرستي کان ڪوهين ڏور هجي. قومن ۽ قبيلن جا اڳواڻ هيءَ پنهنجي ذميداري بلڪ خدائي فرض سمجهي ڪنهن بہ فيصلي ۽ نياءَ نبيري ۾ حق ۽ انصاف جو دامن نہ ڇڏين. راڄوٽي توڙي قومي فيصلن ۾ ڪا بہ طرفداري نہ ڪن بلڪ فيصلي کي ”خدائي امانت“ سمجهي بي ريائي جو مظاهرو ڪن تہ راڄن ۾ هلندڙ تنازعا ۽ تڪرار پُرامن حل ٿي وڃن ۽ فتني فساد جي پاڙ پٽجي وڃي. خدا جو حڪم بہ اهو ئي آهي تہ ٻن ڌرين ۾ جيڪڏهن ڪو تنازعو ۽ تڪرار، جهيڙو جهڳڙو ٿي پوي تہ توهان جو فرض آهي تہ انهن ٻن

جي وچ ۾ حق انصاف سان فيصلو ڪري، صلح صفائي سان انهن کي ڪير ڪنڊ ڪري ڇڏيو تہ جيئن آئنده انهن جي پاڻ ۾ ڀائپي بہ برقرار رهي تہ منجهائنئن ڪوڙ ڪپت، ڪلفت ۽ ڪدورت نڪري وڃي جيستائين انهن اصولن تي راڄن جي چڱمڙسي ۽ وڏيرپ قائم رهي تيستائين ڳوٺن ۽ راڄن جا نظام امن ۽ سڪون، ڀائپي ۽ محبت سان هلندا رهيا. پر جڏهن کان جتي انهن قدرتي اصولن جي ڀڃڪڙي ٿي تہ، اتي وري فتنن فسادن، جهيڙن جهڳڙن، نفرتن ۽ عداوتن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو.

سنڌ جي ماضي کي ڏسندؤ تہ ان ۾ انهن قومي رهبرن، اڳواڻن، پڳدارن ۽ چڱن مڙسن جي اڪثريت نظر ايندي جيڪي خدا جي عدالتي نظام کي برقرار رکيو آيا، ۽ پنهنجي قوم لاءِ نهايت شفيق، ڀاجهہ ڀريا، همدرد، هڏ ڏوکي، خيرخواهہ ۽ قوم جي ايڪي اتحاد ۽ ڀلائي لاءِ هر موقعي مهل تي ڪوشان رهيا. پر جيڪڏهن سنڌ جي موجوده صورتحال کي ڏسبو تہ چند ڳاڻ ڳڻين چڱن مڙسن ۽ پڳدارن کان سواءِ اڪثريت انهن جي ڏسبي جيڪي انهي خدائي عدالتي ۽ امن پسندي واري اصول تي عمل پيرا ناهن.

منهنجي ڄاڻ مطابق اهو فرق صدر ايوب جي بادشاهي ۾ بنيادي جمهوريتن کان پوءِ ٿيو. ڇو تہ انهي کان اڳ قومن، قبيلن جا راڄوٽي نظام پنهنجي قديم روايتن ۽ رواجن مطابق هلندا پئي آيا. ڳوٺن جي سربراهي يا قومن، قبيلن جي چڱمڙسي نيڪ مردن جي هٿ ۾ هئي، انهن کي ئي پڳ جو حقدار سمجهي، پڳدار ڪري چونڊيو ويندو هو. پر جڏهن بعد ۾ هڪ نئون سياسي وايو منڊل شروع ٿيو تہ انهي اهي سڀ پراڻيون روايتون ۽ رواج نيست نابود ڪري ڇڏيا. جنهن ڪري اڳواٽي اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ هلي وئي، جن جي رسائي حڪومتي ادارن ۽ سياسي ميدان ۾ وڌيڪ هئي. نيتجہ ۾ رهبري ۽ اڳواٽي جا معيار، حق انصاف بجاءِ خود غرضي ۽ مفاد پرستي بنجي ويا. جيتوڻيڪ پوءِ بہ قومن، قبيلن جا روايتي پڳدار پنهنجي موروثي روايت برقرار رکيو آيا، پر سياسي ڪار وهنوار جي غلبہ سبب اهي پوئتي رهجي ويا. عام ماحول ۾ هرڪو ماڻهو حق انصاف کان وڌيڪ پنهنجي مفادن کي اهميت ڏيڻ لڳو. انهي ڪري سنڌ جا قديم روايتي راڄوٽي نظام

تعطل جو شڪار ٿي ويا، جيڪي هن وقت نالي ماتر وڃي رهيا آهن.

اسان انهن قديم ريتن رسمن، روايتن ۽ رواجن کي بيهر مضبوط ۽ منظم بنائڻ لاءِ نہ ٿا چئون. پر ايترو ضرور چونداسون تہ انهن قديم روايتي راڄوٽي نظامن ۾ وڏي نندي جو احترام، ڪنهن وڏي جي ڳالهہ ٻڌي ضد زور ۽ هوڏ هٿ تان لهي وڃڻ، سهپ ساڃاهہ، فيصلي جي وقت پڳدار اڳيان ٻنهي ڌرين مان ڪنهن کي ڪس لڳي تہ بہ راضي ۽ جي رس تہ بہ راضي. پوليس ٿاڻي يا ڪورٽ تائين معاملو ڪو نہ ويندو هو. راڄوٽي فيصلي سان مسئلو حل ٿي ويندو هو ۽ حقدار کي سندس حق ملي ويندو هو. جنهنڪري ڳوٺ، راڄ جي ماڻهن ۾ خصومت ۽ ڪؤنس بازي بہ گهٽ هوندي هئي. جيڪڏهن ڳوٺ مان ڪو ماڻهو پنهنجي برادر واري يا پاڙيسري سان ڪا ناجائزي ڪندو هو تہ راڄ جو چڱو مڙس ۽ ڳوناٽا گڏجي ان کي هدايت، ڇينڀ ۽ ملامت ڪندا هئا ۽ جنهن سان ناحق ٿيو هوندو تہ سڀ ان جا حمايتي ٿيندا هئا. جنهن ڪري لنب لوفر چور چڪار ۽ ڏاڍ مڙسي وارو وڏاء نہ ڪري سگهندو هو ۽ آڻ مڃي سڄي راڄ کان بخشائيندو هو. اهڙي طرح ٻئي ڌريون وري بہ صلح سانت سان گڏجي گذارينديون هيون ۽ امن جي فضا قائم رهندي هئي.

پر افسوس! اڄوڪي ماحول ۾ تہ سراسر قصو ئي اور لڳو پيو آهي. هيٺو ڦرجي، مارجي رهيو هجي تہ بہ پاسو ڏاڍي جو پيا ڪٽندا. جيئن مشهور چوڻي آهي تہ ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٿا، يا رئيس جي اٺ کي ڪير چوي هُلي! پر پوءِ بہ اڃا ڪي آهين ڪلجڳ ۾ ڪاپڙي. اڃا بہ سنڌ سائي آهي، اڃا بہ ڪي مانجهي مرد مٽير ۽ هن ڏيهہ جا ڏهيسر موجود آهن جيڪي پنهنجي ڳوٺن ۽ راڄن لاءِ ڇانوَ ڇپر آهن ۽ هر ڏاڍي جي اهنج انياء کي منهن ڏيئي رهيا آهن.

سنڌ جي سمات قبيلن مان شورن جو بہ هڪ روايتي راڄ نيتي نظام آهي. جنهن موجب پاڙن، ڳوٺن ۽ قبيلن جي چڱمڙسي ۽ پڳداري جو هڪ موروثي سسٽم آهي. ايامن کان وٺي اهو نظام هلندو ٿو اچي. اهي چڱا مڙس ۽ پڳدار پنهنجي خاندان، پاڙي ۽ ڳوٺ راڄ لاءِ ٻڙ جي گهاٽي وڻ مثل آهن جو

پاڻ ڪوشش ڪري ڪنهن ڳوٺ واري يا پاڙي واري کي ڏکيءَ ويل اڪيلو نہ ڇڏيندا، ڏکي سکي ۾ شامل حال بلڪ وڏ کان وڏ مددگار ٿيندا آهن. پاڻ اس ۾ سڙندا پر ٻين کي ڇانوَ ڏيندا آهن. اڄ بہ آئي ويل توڙي شادي غمي ۾ انهن ڀڳدارن جي پنهنجي عزت ۽ وقار قائم آهي. ڳوٺ راڄ وارا کين عزت جي نظر سان ڏسن ٿا. شورا قبيلي جي جملہ پاڙن ۽ ڇڱن مڙسن ۽ پڳ ڏٽين بابت اسان تاريخ شورا (صفحہ 142 کان 145 تائين) مواد ورتو آهي سو مختصر ڪري هتي نقل ڪريون ٿا. شورا قبيلي جا ڪل 21 (ايڪيهہ) پاڙا آهن، جيڪي ٻن پڳن ۾ ورهايل آهن. هڪ پڳ جو نالو پسايو ۽ ٻي پڳ جو مُنو.

پسايو پڳ ۾ ڪل چوڏهن پاڙا آهن، جيڪي هي آهن:(1) ڪمڻ: هن پاڙي مان ارباب جي چوندڊ ڪئي ويندي آهي. جيڪو پسايو جي چوڏهن پاڙن جو ڇڱو مڙس هوندو آهي. (2) ڀَٽڙ: هن پاڙي مان پسائي جي ارباب لاءِ وزير چونديو ويندو آهي. (3) ڏيئو (4) گوندرو (5) آريسر (6) اپيہ (7) ڪيدو (8) ڪيهر پوٽا، (9) ٻُتائي، (10) علڻ (11) سرڪي، (12) پيرِ (13) پوڙا، (14) ملتاني.

مُنو: مُني جي پڳ ۾ ڪل ست پاڙا آهن جهڙوڪ: (1) پريا: هن پاڙي مان مُني جي پڳ جو ارباب چونديو ويندو آهي. (2) ورياهہ: هن پاڙي مان مُني جي ارباب لاءِ وزير چونديو ويندو آهي. (3) سرطانيا، (4) ڳاهيپوتا، (5) ڏروت، (6) چاوڙو (7) راڄڙ.

[نوٽ: هتي هيءَ ڳالهہ بہ ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ مٿي ٻڌايل پاڙن جي نالن بابت شورا برادري جي ڪن سڄاڻ دوستن کي اتفاق ناهي. جيئن نورچشم مولوي فهيم الدين عرف فهيم فدا شورو هيءَ بہ روايتون ٻڌي نوٽ ڪيون. اسان اهي ٻئي روايتون شورا برادري جي ڄاڻ خاطر ذڪر ڪريون ٿا.

بيان ڪندڙ وڏيرو خان محمد شورو ڳوٺ لاڪو فقير، ڄامشورو.

هنڌ: رئيس ديدار خان شوري جي ڪچهري ۾ سندس بنگلي تي، ڳوٺ رئيس ڪرن خان شورو، ڄامشورو.

بتاريخ: 12 فيبروري 2016ع بروز جمعه.

لکندڙ: فهيم فدا شورو مسڻ وڏي، ٽنڊو الهيار.

روايت (1): ڪتاب تاريخ شورا ۾ مُني جي اربابن جو پاڙو گم ڪيو

ويو آهي، جيڪو حقيقت ۾ "بادو" آهي. سرڪاري طرح قانوني طور هن پاڙي کي سندس نالي "بادا" سان ڏيهہ ۾ ٽپو بہ مليل آهي.

ڏارين سان مهاڏو اٽڪائيندڙ سنڌ جو هڪ امر ڪردار جهونجهار شورو بہ اصل ۾ "بادو" پاڙي مان آهي. جنهن کي ڪتاب تاريخ شورا ۾ توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو آهي. بادو پاڙي ۾ هي اوڙڪون آهن. بادو، لالاڻي ۽ ڪنڌاڻي.

روايت (2): ڪتاب تاريخ شورا جي مصنف، اپيہ پاڙي کي پسائي ۾ شمار ڪيو آهي. جيڪا هڪ تاريخي غلطي هئڻ سان گڏ حقيقت کي لڪائڻ برابر آهي. جڏهن تہ اصل حقيقت هي آهي تہ، اپيہ پاڙو مُني جي پڳ ۾ شامل آهي. اهو پاڙو مُني طرفان هڪ جنگ ۾ بطور امانت، عارضي طرح پسائي ۾ ملايو ويو نہ تہ اپيہ پاڙو اصل ۾ مُني جي پڳ ۾ شامل آهي. ]

متي ذڪر ڪيل شورن جي ايڪيهہ پاڙن ۾ پسائي جي پڳ وارن چوڏهن پاڙن مان هي ٽي پاڙا دراصل شورا ناهن بلڪ هنن جي پڳ ۾ آهن يعني سرڪي، ٻوڙا ۽ ملتاني. اهڙي طرح مُني جي پڳ وارن ستن پاڙن ۾ راجڙ اصل شورا ناهن پر اهي بہ ان جي پڳ ۾ آهن.

شورن جي جملہ ايڪيهہ پاڙن ۾ پڳن جو سلسلو بہ موروثي هوندو آهي يعني جي پيءُ تي پڳ آهي تہ ان جي وفات ڪري وڃڻ تي وري ان جي وڏي پٽ کي يا ان جي ڪنهن بہ پٽ کي پڳ ٻڌائي ويندي. هر پاڙي جي چڱمڙسي، يا ارباب يا وزير جي پڳ بہ موروثي هوندي آهي.

جيڪڏهن ڪنهن راجوٽي فيصلي ۾ ڪا ڏکيائي يا پيچيدگي پيدا ٿي پئي تہ اهو پاڙي جو پڳدار ۽ وڏيرو پنهنجي پڳدار ارباب ڏي رجوع ڪندو آهي ۽ ان جي ساٿ ۽ مشوري سان اهو مسئلو حل ڪيو ويجي ٿو. گهڻو ڪري شادي غمي ۾ هر پاڙي جو چڱو مڙس ۽ پڳدار پنهنجي ڪڙم قبيلي سان شامل شريڪ ٿيندو آهي ۽ ان جي ئي مشوري مطابق ڪاج ڪيا وڃن ٿا. شورن ۾ اها قديم روايت اڃا بہ هلندي اچي، توڙي جو ڪيترن سمات قبيلن جديد ترقياتي دؤر جي پيش نظر انهن روايتن کي پراڻا رواج سمجهي نظر انداز بہ ڪيو آهي. پر شورن وٽ اها اباڻي روايت برقرار آهي، جيڪا سندن راج نيتي نظام جي عڪاسي ڪري ٿي شورن جي راجوٽي

قومي روايتن ۾ پڳ ۽ پڳدار جي وڏي عزت ۽ حيثيت آهي. پوءِ اها پڳ ذات شور اجي هجي يا پاڙي جي هجي يا ڪنهن گهر جي هجي. پر پڳ جي عزت ۽ عظمت پوري قبيلي، پاڙي يا گهر ڀاتين جي عزت برابر آهي.

ڪن دوستن جو خيال آهي ته، شورن جو راجداري نظام، اصل ۾ سنڌ جي راجائن واري سسٽم جو يادگار آهي. پر جي انهن پڳ ڏٽين جا فيصلا سراسر حق وارا هجن ۽ شرعي اصولن جي روشني ۾ هجن ته پوءِ انهي پڳداري نظام ۾ ڪهڙي قباحت؟ پر جي اهي فيصلا علم عقل، دين شريعت، انسانيت کان صفا عاري هوندا ته پوءِ اهڙو نظام ته هونئن ئي انسانيت لاءِ ويل ۽ وبال آهي. سو اهڙي صورت ۾ ته حمايت ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي. پر جتي ڪنهن ذات يا پاڙي جو ڪو پڳدار واقعي به قائدانه صلاحيتن جو مالڪ هئڻ ڪري، ان پڳ جو حقدار آهي ته پوءِ ان ۾ ڪهڙو حرج؟ باقي جيڪو ان درجي جو لائق نه هجي يا منجهس اها لياقت ۽ صلاحيت نه هجي، نه عقل جي اڪابري نه فيصلي ڪرڻ جي فراست، نه دانائي نه دليري، نه ديينداري نه ديانت، نه حق گوئي نه همت حوصلو ته پوءِ اهڙي پڳدار تي ارمان ۽ افسوس ڪرڻ کانسواءِ وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي؟ ڇو ته، جنهن صورت ۾ جيڪو خود پڳ جي لائق ناهي سو جي وري پڳدار ٿيو ته، ٻين جي ڪهڙي حق رسائي ۽ داد فرياد ڪندو؟!

باقي راجوٽي نظام لاءِ اسان جي راءِ مثبت آهي. البت ان جي موروثي سسٽم کي اڪثريت جي اتفاق راءِ ۽ مشوري سان چونڊ وارو سسٽم جاري ڪري هلائجي ته، اسان انهي طريقي جا وڌيڪ حامي آهيون ڇو ته ٻي صورت ۾ گادي نشين ۽ جاءِ نشين ٿيڻ سان هڪ شهنشاهيت جي پيروي ٿيندي هن نظام ۾ ڪنهن موروثي گادي کي مضبوط ڪونهي ڪرڻو بلڪ هتي ته انهي ماڻهو کي چونڊي پڳ ٻڌائي اڳواڻ بنائڻو آهي جيڪو وڌ کان وڌ پنهنجي قوم ۽ قبيلي جو همدرد خير خواهه ۽ ڀلو گهرندڙ هجي، انصاف پسند هجي، غريب غربي، مسڪين ۽ ايري تي هٿ رکڻ وارو، چور چڪا رڃ لنب لوفر کي برداشت نه ڪرڻ وارو هجي. انهن قديم سماجي نظامن توڙي قومي تهذيب و ثقافت کي زير و زبر ڪرڻ ۾ موجوده دؤر جي جديد سياست جو پاڇو پوري طرح اثر انداز ٿيو آهي، ۽ وري

پرنٽ ميڊيا، اليڪٽرانڪ ميڊيا، مٿان وري انٽرنيٽ جي اوتان اوت، سماجن، تهذيبن ۽ ثقافتن کي پاش پاش ڪري ماحول ئي بدلائي ڇڏيو نہ اها آڳاٽي تهذيب ۽ ثقافت رهي، نہ وري اهي پراڻا سماجي طور طريقا. سنڌ جو قومي لباس جنهن ۾ سنڌي قوم جي دنيا جي ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ هئي سو لباس بہ مٽجي ويو آهي. سنڌ جي شهري آبادي کي ڇڏي ڳوٺاڻي آبادي ۾ اجا بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ثقافت جا آثار ڏسڻ ۾ ايندا نہ تہ ٻيو خير. منهنجي سمجهہ ۾ جتي جتي روڊ رستا، لائٽ، گيس وغيره پهتو آهي اتي ثقافت جي تڏا ويڙهہ ٿي وئي آهي.

اهڙي ماحول ۾ اسان جي مٿي پيش ڪيل راڄوٽي نظام بابت خيالن جي اظهار کي پڙهي ضرور حيرت ٿيندي! پر اسان ثقافتي لحاظ کان يا سماجي لحاظ کان سنڌي قبيلن ۾ جيڪا پنهنجي هڪ تاريخي سڃاڻپ رکون ٿا، سا تہ پيش ڪرڻ اسان جو حق بہ آهي تہ اسان جي قبيلائي تشخص جو هڪ معيار بہ آهي. انهي ڪري اسان ڪجهہ نہ ڪجهہ پنهنجو موقف بيان ڪري ماضيءَ جي دؤر کان هلندڙ انهن قديم نظامن مان مثال خاطر، شورن جي راڄ نيتي نظام بابت پنهنجا ويچار ونديا آهن.

# شورا درويش ۽ بزرگ

سنڌ جي ٻين قومن قبيلن ۾ جيئن شاعر، صوفي بزرگ، عالم اڪابر ۽ اهل الله تاريخن ۾ لکيل آهن تيئن شورا ذات ۾ به بزرگ ۽ درويش ٿي گذريا آهن پر جيئن ته، خود شورا ذات تي به تاريخن ۾ ڪا خاص روشني وڌل ناهي تيئن انهي قبيلي جي بزرگن ۽ درويشن جو به ذڪر موجود ناهي. ٻيون تاريخون ته پنهنجي جاءِ رهيون، خود اها تاريخ جيڪا خصوصي طور شورن بابت لکيل آهي ۽ نالو ئي اٿس ”تاريخ شورا“ تنهن ۾ به ٿن درويشن جي مختصر ذڪر کانسواءِ باقي ٻيو ڪو به بزرگ ۽ درويش لکيل ناهي. انهي تاريخ ۾ به بزرگ پيرو فقير شوري جو ٿن سٽن جيترو به تعارف ناهي. جن درويشن جا تعارف آهن سي به اهڙا گمنام آهن جو سواءِ تاريخ تحفة الڪرام جي جنهن جو حوالي طور نالو لکيل آهي باقي ٻيو عام ماڻهو ان کان واقف ناهي. حالانڪ بزرگ پيرو فقير شوري جا معتقد ملتان جي بزرگ سان وابسته فقير، سهروردي سلسلي جا سالڪ سنڌ سميت ٿر ويندي هندستان تائين آهن. اهڙي مشهور بزرگ جو ”تاريخ شورا“ ۾ ذڪر نه اچڻ افسوسناڪ آهي. ڇو ته، هن بزرگ جي نالي سان ٽنڊو آدم لڳ هڪ ڳوٺ پيرو فقير شورو آهي ۽ انهي ڳوٺ جي شهرت نه رڳو ٽنڊو آدم پر پوري ضلع سانگهڙ ۾ به آهي. ”تاريخ شورا“ جي مواد سهيڙيندڙ ساٿين، ڪتاب ۾ جتي شورن جا پاڙا ۽ ڳوٺ جو عنوان ڏيئي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ شورن جي 206 (ٻه سؤ ڇهه) ڳوٺن ۽ انهن جي پاڙن جي لسٽ ڏني آهي، اتي صفحه 203 تي فقط ڳوٺ پيرو فقير شورو لکيل آهي. نه ان جو ڪو پاڙو ۽ نه ان جي چڱي مڙس جو ذڪر ۽ نه ان ڳوٺ جو ڪو پار پتو ۽ تعلقو ضلعو لکيل آهي. جن

درويشن جو تاريخ شورا ۾ ذڪر آهي اسان انهن جو هتي مختصر تعارف نقل ڪريون ٿا: (1) درويش حاجي شورو: سرڪار چاڪر هالا ۾ هڪ پر ڳٺو هو چاچڪان. انهي پر ڳٺي ۾ جوڻ نالي هڪ ڳوٺ هو جتي هڪ الله وارو درويش حاجي شورو رهندو. پاڻ مخدوم نوح، درويش اسماعيل چاڪي، سيد رڪن الدين، ۽ سيد عبدالڪريم جي صحبت ۾ رهيو ۽ فيض پرايائين (بحواله تحفة الڪرام) 2. درويش بولو ڪيدو: ڪوٽڙي ڪان ڏکڻ طرف سنڌو ندي جي پر ۾ ڪيدن شورن جو ڳوٺ آهي. انهن مان بولو فقير هڪ مست درويش هو. هن جون گهڻيئي ڪرامتون پڌايون وڃن ٿيون. (بحواله تحفة الڪرام) 3. درويش صابو فقير، شورن جي ڪيهر پوٽا پاڙي مان هو. تمام صبر وارو، مانيٽو ۽ نماڻو انسان هو. ڪاني ڪرامت وارو خدا رسيده شخص هو. سندس قبر حيدرآباد لڳ گنجو ٽڪر تي آهي. سندس قبر جي پر ۾ سندس ٻن هڱورن خليفن جون به قبرون آهن. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ شورا صه 91 کان 93 تائين) ذاتي طرح تاريخ شورا جي ليکڪ، معاون ۽ ٻانهن ٻيلي ۽ ٻين جو آئون بيحد قدر ڪريان ٿو پر جيڪا کوٽ مذڪوره تاريخ ۾ هئي تنهن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ آئون پاڻ کي به ان جو قصور وار سمجهان ٿو جو خود انهي تاريخ لکجڻ وقت مون به ليکڪ تائين بزرگ پيرو فقير جو احوال نه پهچايو. جنهن جو وڏو سبب هي هو جو مون کي ان جو تفصيلي احوال معلوم ڪو نه هو. پر هاڻي هِن مستقل ڪتاب لکجڻ سان بزرگ پيرو فقير شوري جو احوال تحريري صورت ۾ هميشه لاءِ تاريخ جو هڪ اهم باب بنجي ويو.

ـــ

# ڳوٺ پيرو فقير شورو هڪ تعارف

**از: مولوي محمد يامين شورو**

ضلع سانگهڙ جي مشهور شهر ۽ تعلقي ٽنڊو آدم مان هڪ مين روڊ جهول، سانگهڙ ڏي وڃي ٿو. انهي مين روڊ کي لڳ پيرو فقير شوري جو ڳوٺ آهي. عام طرح انهي ڳوٺ جي بس اسٽاپ جو نالو ”شورا رستي“ آهي. ڳوٺ پيرو فقير شورو تعلقو ٽنڊو آدم جي هڪ يونين ڪائونسل ٻہ آهي ۽ ديهہ لوهاڻو ۽ ٽپو لوهاڻو ۾ واقع آهي. مذڪوره ڳوٺ اتي جي مشهور بزرگ خليفہ پيرو فقير شوري جي نالي آهي. هن ڳوٺ جي آدمشماري لڳ ڀڳ چار پنج هزار آهي ۽ منجهس مختلف قومن ۽ ذاتين جا ڇهہ سؤ گهر موجود آهن. ڳوٺ جي قدامت اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ جي معلوم ٿئي ٿي. هن ڳوٺ ۾ رهندڙ مختلف ذاتيون جهڙوڪ: سيد، شورا، سينهڙا، خاصخيلي، ابڙا، ٿهيم، راڄڙ، لاڪا، مڱڻهار، ماڇي، شيخ، مستوئي، مڪراني ۽ هندن ۾ مينگهواڙ ۽ ڪولهي وغيره آهن. جيئن تہ مذڪوره ڳوٺ پيرو فقير شوري جي نالي سڏجي ٿو تنهنڪري ڳوٺ جي سربراهي ۽ وڏيرپ جي پڳ بہ شورن جي ئي حصي ۾ رهي آهي. هن ڳوٺ جي چڱن مڙسن ۽ نالي وارن نيڪ مردن ۾ حاجي گل محمد شورو وڏي همت ۽ هلندي وارو شخص ٿي گذريو آهي. حاجي گل محمد شورو موجوده حاجي مختيار شوري جو والد صاحب هو. پاڻ صوم و صلوات جا پابند ۽ شريعت جي فيصلي تي سختي سان عمل ڪرڻ وارو هو. ڳوٺ ۾ ڪو بہ فيصلو ڪرڻو پيو تہ عالمن ڏي رجوع ڪندو هو. پوءِ جيڪا عالمن طرفان شرعي فتويٰ ملندي هئي تنهن تي فيصلي وارين ٻنهي ڌرين کي عمل ڪرائيندو هو. ڳوٺ وارا بہ سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ سندس چوڻ

تي عمل ڪندا هئا. ڪچهرين ۾ اچا تائين سندس ڪيل ڪيترا فيصلا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. 1982ع ۾ سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند پنهنجي وڏن جي اها روايت برقرار رکيو اچي ۽ ڳوٺ وارن لاءِ آئي ويل همدردي ۽ مدد ڪندو رهي ٿو. حقيقت ۾ اهڙا باهمت وڏيرا ڳوٺ لاءِ ڇانوَ ڇپر آهن.

ڳوٺ پيرو فقير شوري جي هڪ معزز شخصيت حاجي محمد يوسف شورو هو. حاجي محمد يوسف، حاجي الهه بخش شورو جو فرزند ۽ محترم حاجي مختيار شورو جو مامو هو. خير خيرات تمام گهڻي ڏيندو هو. مسجدن ۽ مدرسن سان تمام گهڻو تعاون ڪندو هو. هن درگاهه واري مسجد ۾ بہ تعاون ڪندو هو. پاڻ 30 نومبر 2005ع تي ظهر نماز جي جماعت سانپڙهي فارغ ٿيو آخري دعا گهرندي وفات ڪيائين. ربّ سائين کيس جنت ۾ جايون عطا ڪري. آمين. سندس وڏو ڀاءُ سائين حاجي ڪريمداد شورو بہ سخي مرد هو. سخاوت تمام گهڻي ڪندو هو. ملهن جو شوقين هو. ملاڪرن ۾ تمام گهڻو ويندو هو. ملهن کي وڏا انعام اڪرام ڏيندو هو. ربّ سائين سندن خير خيرات قبول ڪري. حاجي ڪريمداد جو هڪ پٽ الهڏنو سندس حياتي ۾ وفات ڪري ويو. حاجي محمد يوسف کي بہ اولاد ڪونہ ٿيو. هاڻي سندن جاءِ تي سندن ڀاڻيجو حاجي امتياز علي شورو ڳوٺ وارن غريب مسڪينن کي سنڀاليندو اچي ۽ مدرسن ۾ بہ تعاون ڪندو رهي ٿو. ڏهاڙي ۾ بہ تمام سني فقير جي مسجد ۾ بہ تعاون ڪندو رهي ٿو. ڏهاڙي ۾ بہ تمام سني مدد ڪري ٿو ربّ سائين کيس اجر عظيم عطا ڪندو. ٻيا ڳوٺ وارا ۽ پاڙي وارا بہ حال آهر ڏهاڙي ۾ مدد ڪندا رهن ٿا.

فقير غلام محمد ولد محمد حسين فقير شورو درگاهه واري مسجد جو سينگار هو. پوري پابندي سان پنج وقتي اذان ۽ نماز ۽ تهجد، قرآن شريف جي تلاوت سندس معمول هو. عبادتگذار ٻانهو هو. مسجد سان کيس بيحد محبت هئي.

بزرگ پيرو فقير شوري جي خاندان سان، وڏيري گل محمد ۽ حاجي مختيار شوري جو رشتو ماماڻو آهي. جڏهن تہ حاجي مختيار شورو صاحب کي بزرگ پيرو فقير شوري سان ڏاڍي عقيدت آهي ۽ ان جي خاندان کي بہ

قدر ۽ عزت جي نظر سان ڏسي ٿو.

ڳوٺ پيرو فقير شورو جي معززن مان هڪ نالو مولوي محمد صديق شوري جو بہ آهي. پاڻ مولانا مفتي محمد صديق خاصخيلي عرف فقير مننار جو شاگرد ۽ سندس مدرسي جو استاد ۽ معاون رفيق هو. مولوي محمد صديق شورو اڄ کان ٻاويهہ سال اڳ يعني 1994ع ۾ وفات ڪري ويو آهي البت سندس فرزند مولوي عبدالرحمان شورو موجود آهي جيڪو بہ استاد فقير مننار جي خاص شاگردن ۽ سندس مدرسہ جي فاضلن مان آهي. هن وقت پيرو فقير شوري جي درگاهہ واري مسجد جو پيش امام آهي.

ڳوٺ پيرو فقير شوري ۾ حڪمت ۽ طب جو ماهر جراح حڪيم محمد ڪٽي سومرو بہ هو جيڪو ڪجهہ اڳي فوت ٿي ويو آهي ڪيس مرض جي سڃاڻ ۽ علاج ۾ وڏي مهارت هئي. اهڙي طرح ساڳي قاضي ڪٽي سومرن جي خاندان مان، خان محمد سومري جي والده بہ ٻارن جي علاج ۽ ڦڪين ستين ۽ ڏس پتن جي ماهر هئي هن ڳوٺ توڙي آس پاس جي ڳوٺن مان اينڌڙ مريض ٻارن جو ڪامياب علاج ڪندي هئي، سندس هٿ ۾ ڏاڍي شفا هئي.

حاجي الهہ بخش خاصخيلي، مال جي بيمارين جو ماهر معالج هو اڄ بہ ڪيترا ماڻهو سندس ڪيل علاجن جا واقعا ٻڌائن ٿا مرحوم هن وقت وفات ڪري ويو آهي.

هن ڳوٺ جي مينهين جي واپارين ۾ حاجي گل محمد بروهي جو نالو هڪ ايماندار واپاري طور مشهور آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڍور مان وڏيڪ نفعو ٿيندو هئس تہ انهي نفعي مان ڪجهہ پيسا ڏٽي کي واپس موٽائي ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ اهو تنهنجو حق آهي. جيڪڏهن ڪو ڏٽي وٺڻ کان انڪار بہ ڪندو هو تہ کيس زوري بہ ڏيئي ڇڏيندو هو. ڳوٺ پيرو فقير شوري جي سڃاڻ ۽ شوقين شخصن ۾ حاجي عبدالله فقير ولد محمد صديق يعني مولوي محمد صديق جو والد صاحب جو نالو بہ نمايان آهي. پاڻ پلن گهوڙن ڏاڍڻ جو تمام شوقين هو. وٽس هميشہ سٺي نسل جا پلا گهوڙا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ميلن ملاڪڙن ۾ بہ گهوڙا پڄائيندو هو. اهڙي طرح حاجي مختيار شوري جو چاچو حاجي عطا محمد بہ گهوڙن جو ڏاڍو شوقين ۽ سدائين وٽس پلا گهوڙا هوندا هئا. حاجي مختيار صاحب جو مامو حاجي ڪريمداد شورو جيڪڏهن ڳوٺ ۾ ڪنهن جي چوري چڪاري ٿيندي هئي تہ پاڳين سان تمام گهٽي مدد ڪندو هو. ورهاڱا وٺي

پيير ڪٽڻ ۾ وڏي همت وارو هو پاڻ بہ پيير ڪٽڻ جو ماهر هوتہ وري چورن ڪان چوري واپس ورائڻ ۾ بہ مڙس ماڻهو هو. ڪانئس چور پارٽي وارا لهرائيندا هئا.

هن ڳوٺ وارن مان هِن وقت حاجي مختيار شوري جو نالو سماجي توڙي سياسي لحاظ ڪان ضلع سانگهڙ جي اهم شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. ڪيس ڳوٺ ۾ بہ وڏي عزت جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو تہ آسپاس جا راڄ بہ سندس وڏو احترام ڪن ٿا. ٽنڊي آدم جي سگهارين ڏرين ۾ سندس وڏي هلندي آهي.

ڳوٺ پيرو فقير شوري جي چڱي خاصي بازار بہ آهي جتي گهٽو ڪري ضرورت جي هر شيءِ موجود آهي سرڪاري هيلٿ سينٽر ڊاڪٽر ۽ ميڊيڪل اسٽور سميت ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ بہ الڳ سرڪاري پرائمري اسڪول ۽ پوسٽ آفيس بہ آهي. هن ڳوٺ جو پوليس ٿاڻو ٽنڊو آدم آهي. مذهبي تعليمي حوالي سان هتي اهو درگاهہ وارو مدرسو آهي جتي ناظره قرآن شريف جي تعليم ڏني وڃي ٿي.

# تحقيق جو بنيادي پٿر

سنڌ جي مشهور شهر ٽنڊو آدم تعلقي جي هڪ يونين ڪائونسل پيرو فقير شورو جي نالي سان آهي.

اصل ۾ اهو نالو ٻارهين صدي هجري جي آخر، ويندي تيرهين صدي ۽ چوڏهين صدي هجري جي بلڪل اوائلي بزرگن مان سهروردي سلسلي جي بزرگ خليفي پير محمد عرف پيرو فقير شوري جو آهي، جيڪو ملتاني بزرگن سان بيعت ۽ سلوڪ ۾ وابستہ رهيو.

منهنجي ڄاڻ موجب هن بزرگ خليفي بابت سنڌ جي اوليائن تي لکيل تاريخن ۾ نالي ماتر بہ مواد نظر مان ڪو نہ گذريو آهي. اسان پنهنجي ڄاڻ، تحقيق ۽ چند ڄاڻ مطابق هيستائين جيڪي معلوم ڪري سگهيا آهيون سو هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. ڪجھ وقت اڳي آئون پهريون پيرو پنهنجي دوست مولوي عبدالڪريم شورو ڏيئي ٽنڊو باگو واري سان گڏ، پيرو فقير شورو جي خانقاه، واقع ڳوٺ پيرو فقير شورو لڳ ڳوٺ سچيڏنو ورياهہ نزد جهول روڊ ٽنڊو آدم ڏي ويس. جتي اسان جي پهرين ملاقات ڳوٺ جي معزز جناب حاجي مختيار علي شوري سان ٿي، جيڪو ٽنڊو آدم جي خانداني زميندارن ۾ نالي وارو ۽ تمام خوش اخلاق، وڏي اثر رسوخ وارو، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان بہ ڄاتل سڃاتل شخصيت، مهمان نواز، قومي همدرد ۽ قومي ڪاز لاءِ بهتر ۽ سڌارڪ سوچ وارو آهي. ساڻس پهرين ملاقات ۾ ڪچهري ڪندي ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيس.

حاجي مختيار صاحب وٽ مانجهاندو ۽ ڪچهري ڪري اجازت وٺي

درگاهہ پيرو فقير شوري ڏي وياسون. جتي درگاهہ سان لڳ مسجد نظر آئي ۽ درگاهہ جي ڏاکڻي پاسي ديني درسگاهہ ڏٺي سون. مسجد ۾ قرآن شريف جي تعليم لاءِ هڪ استاد بہ مقرر آهي جيڪو ڳوٺ جي ٻارن کي پڙهائي ٿو. البت ڳوٺ جون نياڻيون هن درسگاهہ ۾ فقير جان محمد شوري وٽ پڙهن ٿيون. فقير جان محمد شورو الله لوڪ بزرگ آهي جيڪو هن درگاهہ جو متولي بہ آهي. اتي پهچڻ سان فقير حاجي جان محمد شوري سان ملاقات ٿي. اجا ساڻس خوش خير عافيت ڪري ڪچهري پئي ڪئي سون تہ سندس عزيز مولوي عبدالرحمان ولد مولوي محمد صديق شورو بہ اچي مليو. مولوي عبدالرحمان شورو فقير منٺار خاصخيلي مرحوم جي خاص شاگردن مان آهي. سندس والد مولوي محمد صديق شوري جو فقير منٺار سان خاص تعلق هو ۽ فقير منٺار جي مدرسي جي خدمت ڪرڻ ۾ پيش پيش ۽ درس تدريس ۾ بہ شريڪ ڪار هو.

ڪچهري دوران بزرگ پيرو فقير شوري جي سوانحي حالات بابت معلوم ڪرڻ تي پتو پيو تہ مذڪوره بزرگ جي زندگي جا حالات قلمبند ڪرڻ جي ڪنهن بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي جنهنڪري منهنجي همسفر مولوي عبدالڪريم شورو (ڏيئي ٽنڊو باگو) مون کي حڪم ڪيو تہ بزرگ پيرو فقير شوري جي حالات کي تاريخ ۽ واقعات جي روشني ۾ سهيڙي ترتيب ڏيان. هي تحرير انهي حڪم جي بجا آوري تحت لکي ابتدا ڪئي اٿم. علاوه ازين درگاه پيرو فقير جي سجاده نشين فقير حاجي جان محمد شوري ۽ مولوي عبدالرحمان شوري کي بہ عرض ڪيم تہ توهان بہ جيڪي معلومات رکو ٿا سا مون کي عنايت ڪريو تہ جيئن انهي جي روشني ۾ هڪ معلوماتي ڪتاب مرتب ڪريان. پيرو فقر شوري بابت هيستائين فقط هڪ تحرير ئي مضبوط ۽ پڪي معلومات طور جيڪا جيتوڻيڪ مختصر آهي پر هڪ قابل اعتماد اهل علم بزرگ مولانا مفتي محمد صديق عرف فقير منٺار خاصخيلي مرحوم جي آهي.

منٺار فقير بابت ٻڌڻ ۾ آيو تہ پيرو فقير شوري جي پوٽي خضر فقير شوري سان ڪجهہ وقت سفر ۽ حضر ۾ گڏ گذاريو هئائين. ان کي پيرو فقير جو گهڻو ڪجهہ احوال معلوم هو. هن وقت پيرو فقير شوري جي درگاهہ واري

مسجد جي مُهاڙي واري وچين دروازي مٿان سنگ مرمر تي نقش ٿيل، فقير منٺار جي لکيل عربي ۾ تحرير موجود آهي. بس اها ئي تحرير قابل اعتماد آهي. آئون پهرين اها عربي عبارت نوٽ ڪريان ٿو ۽ پوءِ ان جو سنڌي ترجمو ڪري، وڌيڪ اڳتي پنهنجي گڏ ڪيل معلومات جيڪا انهي دؤر جي تاريخي جهلڪين تي مشتمل آهي سا پيش ڪندس.

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا ۖ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ

اول من بنيٰ هذا المجسد پيرو فقير شورو (عليه الرحمة) قبل وفاته ثمانين سنة. و بنيٰ حجرة من جنوبه متصلاً لتعليم القرآن واحكام الاسلام. و درس فيه زماناً طويلاً. فلما ضعف و عجز من اجراءِ شغله، اجريٰ ابنائه و طلبائه. رحل من دارا الفنا اليٰ دارالبقا 6 رجب 1306هـ وكان عمره ماة و عشرين سنة. و دفن في جنوب مسجدڪ. وكانوا بنوه و بنو بنوه ڪلهم صالحين متورعين سلڪوا عليٰ طريقة السلف جزاهم الله خيرالجزاء فلما ضعف بنيان مسجد لمرور زمان طويل جدد تعميره من اولاده فقير احمد بن فقير حاجي شفيع وابن عمه مولوي محمد صديق شورو بن فقير عبدالله في جمادي الثاني 1404هـ تقبل الله سعيهما وسعي انصارهما. (منٺار فقير جو لکيل عربي تعارف ۽ تاريخ تعمير مسجد پوري ٿي)

ترجمو: الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ ٻاجهارو اهي.

اي اسان جا پالڻهار! اسان جون دعائون قبول فرماءِ، بيشڪ تون ئي دعائون ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهين.

هيءَ مسجد شريف پهريون پيرو جنهن بنائي هئي، سو هو بزرگ پيرو فقير شورو رحمة الله عليه. جيڪا فقير صاحب جي وفات کان 80 سال اڳ (يعني 1266هـ مطابق 11-1812ع ڌاري) ٺهي راس ٿي هئي. مسجد جي تعمير کان علاوه فقير صاحب مسجد جي لڳ ڏاکڻي پاسي قرآن شريف جي تعليم ۽ عام ماڻهن کي دين اسلام جا احڪام سيکارڻ ۽ ذڪر فڪر جي تلقين ڪرڻ لاءِ هڪ هال ڪمرو بہ تعمير ڪرايو. جنهن ۾ سالن جا سال

بزرگ پيرو فقير شورو قرآن شريف جي تعليم سان گڏ سلوڪ ۽ معرفت جي طالبو فقيرن کي ذڪر فڪر جي تلقين بہ ڪندو رهيو. جڏهن پاڻ وڏي عمر هئڻ سبب جسماني طرح ڪمزور ٿي ويو ۽ تعليم و تدريس، ۽ ذڪر فڪر واري تلقين کي پوري طرح سر انجام نہ پيو ڪري سگهي تہ ساڳي ڪم ۽ سلسلي کي سندس فرزندن ۽ شاگردن جاري رکيو. بزرگ پيرو فقير شورو 6 رجب 1306هہ (يعني 1892ع ڌاري) 120 (هڪ سوويهہ) سالن جي عمر ۾ دارالفنا ڇڏي دارالبقا ڏي راهي ٿي واصل بالله ٿيو. سندس مزار، مسجد جي لڳ ڏکڻ طرف آهي. جتي صبح شام زائرين دعاءِ مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ فاتحہ خواني ڪندا رهن ٿا. اهڙي طرح پنجئي وقت فقير صاحب لاءِ ايصال ثواب جو سلسلو جاري آهي. بزرگ پيرو فقير جا پٽ توڙي پوٽا سڀ جا سڀ نيڪ صالح، ديندار، شريعت جا پابند ۽ طريقت جي راهہ تي هلڻ وارا ۽ پنهنجي وڏن بزرگن ۽ اڪابرن جي واٽ جا پانڌي هئا. الله تعاليٰ انهن سڀني کي سندن نيڪ عملن جو بهتر اجورو نصيب فرمائي. آمين.

جڏهن گهڻو زمانو گذرڻ ڪري مسجد جي عمارت زبون ۽ بوسيده ٿيڻ لڳي تہ ان جي نئين سر اڏاوت جو ڪم، پيرو فقير شوري جي اولاد مان فقير احمد بن فقير حاجي شفيع محمد مرحوم ۽ سندس سؤٽ مولوي محمد صديق شورو بن فقير عبدالله شورو جمادي الثاني 4014هہ (مارچ 1984ع) ۾ سر انجام ڏنو. الله تعاليٰ انهن ٻنهي بزرگن (فقير احمد ۽ مولوي محمد صديق) جي مسجد جي تعمير لاءِ ڪيل محنت ۽ ڪوشش قبول فرمائي ۽ جن بہ هن مسجد جي تعمير جي سلسلي ۾ جيترو بہ تعاون، مدد ۽ ڪوشش ڪئي تن سڀني کي الله تعاليٰ بهتر اجورا نصيب فرمائي. آمين.

(فقير منثار جي لکيل عربي تعارف جو سنڌي ترجمو پورو ٿيو)

منثار فقير مرحوم جا اسان احسان مند آهيون، جنهن اسان لاءِ مسجد جي تعمير، ۽ پيرو فقير جي خدمتن ۽ سندس سال وفات ۽ عمر بابت عربي ۾ مختصر تعارفي جملا لکي، ڪافي رهنمائي ڪئي آهي. ور نہ تہ شايد بزرگ پيرو فقير بابت اها مختصر پڪي معلومات بہ ملي نہ سگهي ها.

هاڻي اسان فقير منثار مرحوم جي ليکت کي سامهون رکي بزرگ پيرو

فقير شوري جي سن ولادت ۽ هجري سال مطابق عيسوي سن معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

ياد رهي ته، ڪجهه سال اڳي جهانگير صد ساله جنتري جي نالي سان هڪ ڪتاب جهانگير بڪ ڊپو اردو بازار لاهور وارن پهريون ڇاپو 1976ع ۾ ڇپرايو هو. انهي سؤ ساله جنتري ۾ هجري، عيسوي ۽ وڪرمي ڪيلينڊر مطابق سؤ سالن جا مهينا، تاريخون ۽ سال لکيل هئا جيڪي هڪ ٻئي جي مطابق ۽ برابر هئا. مذڪوره جنتري جي ابتدا، 1 جنوري 1901ع مطابق 9 رمضان 1318هه ۽ پوهه 1957 وڪرمي، ۽ پڄاڻي 1 ڊسمبر 2000ع مطابق 4 رمضان 1421 هه ۽ ماگهه 2057 وڪرمي تي ڪيل هئي. (يعني هڪ سؤ سال جو ڪلينڊر)

اسان مولانا مفتي محمد صديق خاصخيلي مرحوم عرف استاد فقير منٺار جي لکيل تاريخ وفات 6 رجب 1306هه جو مطابق سن عيسوي مٿئين سؤ ساله جنتري کي سامهون رکي غور ڪيو ته، 1889ع ٿيو. پر جيئن ته هجري سال ۽ عيسوي سال ۾ هي فرق هوندو آهي ته، عيسوي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽو ڪري 365 (ٽي سؤ پنجهٺ) ڏينهن ٿين ٿا. ڇو ته عيسوي سال ۾ 31 (ايڪٽيهه) ڏينهن وارا 7 مهينا، ۽ 30 (ٽيهن) ڏينهن وارا 4 مهينا، باقي فيبروري ڪڏهن 28 ڏينهن جو ته، ڪڏهن 29 ڏينهن جو ٿئي ٿو. هجري سال وري گهٽو ڪري 355 (ٽي پنجونجاهه) يا 345 (ٽي سؤ پنجيتاليهه) ڏينهن وارو ٿئي ٿو. اهڙي ريت هجري سال، عيسوي سال کان اڪثر 10 (ڏهه) ڏينهن ننڍو ٿيندو آهي. انهي حساب کي سامهون رکي اسان جڏهن بزرگ خليفي پيرو فقير جي 120 (هڪ سؤ ويهه) سال ۾ آيل هجري سالن جي هر سال تي 10 ڏينهن واري ڪمي جوڙ ڪنداسون ته 120 سالن ۾ ٽوٽل 1200 (ٻارهن سؤ) ڏينهن ٿيندا. جنهن جا 3 سال، 3 مهينا ۽ 24 ڏينهن ٿين ٿا. ته هاڻي جڏهن خليفي پيرو فقير جي وفات واري سال 1406هه جو مطابق عيسوي سال ڪيڏنداسون ته مٿئين حساب مطابق 1892ع ٿيندو. هاڻي اسان جي سمجهه مطابق جنهن صورت ۾ استاد فقير منٺار مرحوم صاحب خليفي پيرو فقير جي تاريخ وفات 6 رجب 1306هه لکي آهي ته، ان مطابق يقيني

طرح عيسوي سال وفات 1892ع ٿئي ٿو. خليفي پيرو فقير جي تاريخ وفات بابت تفصيلي بحث هن ڪري ڪيو اٿم تہ پڙهندڙ حضرات انهي تي غور ڪري تنقيدي نظر وجهن. جيڪڏهن منهنجو نڪتہ نظر درست آهي تہ ٺيڪ جي نہ تہ، سندن درست تحقيق مطابق آئون پنهنجي غلطي جو ازالو ڪري هن ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ اهڙي درستي ڪري ڇڏيان.

# سهروردي سلسلي جا روحاني اڳواڻ ۽ ملتاني خانقاهہ جا سجاده نشين

سهروردي سلسلو مشهور روحاني سلسلن مان هڪ آهي. هن سلسلي جا پوئلڳ سهروردي سڏجن ٿا جيڪي گهڻي ڀاڱي عراق، ايران، پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش ۾ آهن. چشتي سلسلي کان پوءِ هندستان ۾ سهروردي سلسلو آيو. انهي سلسلي جو بنياد شيخ ضياء الدين ابو نجيب بغداد ۾ رکيو هو جيڪو امام غزالي (540هـ) جي ڀاءُ احمد غزالي جو مريد هو ۽ بغداد جي قديم اسلامي يونيورسٽي جامعہ نظاميہ ۾ فقہ شافعي پڙهائيندو هو. پر شيخ شهاب الدين کي سهروردي سلسلي جو باني مڃيو وڃي ٿو. تاريخ ابن خلڪان جي لکڻ مطابق 16 واسطن سان سندس نسب خليفي رسول سيدنا ابو بڪر صديق سان ملي ٿو. پاڻ زنجان جي هڪ ڳوٺ سهرورد ۾ 535هـ ڌاري پيدا ٿيو. سندس تعليم ۽ تربيت سندس چاچي ۽ مرشد شيخ ابو نجيب سهروردي جي نگراني ۾ ٿي هئي.

بغداد ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني جي لاڏاڻي کان پوءِ شيخ ابو نجيب هڪ سال تائين ۽ ان کان پوءِ ڪيترائي سال شيخ شهاب الدين بغداد جي روحاني سربراهي جو نظام تمام سهڻي نمونہ نڀايو. ان زماني ۾ شيخ بهاء الحق والدين زڪريا ملتاني ڪامل مرشد جي تلاش ۾ هندستان مان نڪري اسلامي دنيا جا ملڪن جا ملڪ گهمندو ڦرندو رهيو. تان جو پاڻ بغداد ۾ شيخ شهاب الدين جي مجلس ۾ وڃي پهتو جڻ تہ هن کي جنهن املهہ ماڻڪ جي تلاش هئي سو ملي ويو. مرشد ڪا مل بہ پوري ٻاجهہ ۽ شفقت فرمائي فقط ٽن هفتن جي عبادت، ذڪر فڪر وغيره کان پوءِ ڪيس

خلافت عطا ڪري، ملتان ڏانهن موڪلي ڏنو. سنڌ ۾ ... 

سهروردي سلسلي جا بنياد مضبوط ڪري. شيخ زڪريا ملتاني جي جدوجهد زبردست ڪامياب ٿي. پاڻ ملتان، اُوچ، ۽ ٻين جاين تي سهروردي سلسلي جون مشهور خانقاهون قائم ڪيون. شيخ زڪريا ملتاني جي مشهور خليفن ۾ شيخ اسماعيل قريشي، شيخ حسين، شيخ نٿو شيخ فخر الدين ابراهيم عراقي، سيد جلال سرخ بخاري ۽ شيخ صدرالدين عارف مشهور آهن. شيخ زڪريا ملتاني جي قائم ڪيل خانقاه جا سجاده نشين:

1. شيخ بهاء الحق والدين محمد زڪريا ملتاني (566هہ-666هہ عمر 100 سال)
2. شيخ صدرالدين محمد عارف بالله.
3. شيخ رڪن الدين قطب عالم.
4. شيخ اسماعيل شهيد.
5. شيخ محمد حاجي.
6. شيخ رڪن الدين اسماعيل سمر قندي
7. شيخ عماد الدين محمد.
8. شيخ صدرالدين عليم.
9. شيخ يوسف شاهہ.
10. شيخ برهان الدين اسماعيل.
11. شيخ يحيٰ.
12. شيخ شهرالله.
13. شيخ بهاء الدين.
14. شيخ ڪبير المنير.
15. شيخ محمد قاسم.
16. شيخ ڪبير.
17. شيخ بهاء الدين ثاني.
18. شيخ محمد قاسم ثاني.
19. شيخ وجيهہ الدين.
20. شيخ محمد زڪريا.
21. شيخ محمد زمان.

22. شيخ محمد غوث.
23. شيخ بهاء الدين لقب پاون شاهہ.
24. شيخ محمد غوث.

غالب گمان آهي هن بزرگ شيخ محمد غوث جي سجاده نشيني واري دؤر ۾ ڪاماري شريف (ٽندو الهيار) جي بزرگ پير اشرف شاهہ قريشي جو والد صاحب پير محمد غوث قريشي سنڌ مان غوثيہ جماعت جي فقيرن جي اڳواڻي ڪندي ملتان پهچندو هو. اهڙو حوالو ڪتاب اذڪار قلندري مان ملي ٿو. والله اعلم.

25. شيخ ولايت شاهہ.
26. مخدومہ بي بي راجي.
27. مخدوم شاهہ محمود.
28. مخدوم بهاول بخش.
29. مخدوم حسن بخش.
30. مخدوم مريد حسين.
31. مخدوم سجاد حسين.
32. مخدوم شاهہ محمود حسين.

(نوٽ: هيءَ لسٽ اردو ڪتاب درس غوثيه (صفحہ 33 کان 35 تائين) تان ورتي وئي آهي.)

**غور طلب:**

خانقاهہ شيخ بهاء الحق والدين زڪريا ملتاني جي سجاده نشينن جي مٿين لسٽ تي نظر وجهڻ سان هيءَ سوال ذهن تي اچي ٿو تہ بزرگ خليفہ پيرو فقير شورو جن ڏينهن ملتان ڏي ويندو هو تہ انهن ڏينهن خانقاه جو سجاده نشين ڪير هو؟ پر جيئن تہ اسان کي انهن سجاده نشين بزرگن جا سال ولادت ۽ سال وفات ملي نہ سگهيا آهن فقط نالن جي مٿين لسٽ ميسر ٿي سگهي آهي تنهنڪري يقين سان ڪجهہ بہ چئي نہ ٿا سگهون. البت هڪ اندازي مطابق چئي سگهون ٿا ۽ ان بابت مٿي ڪتاب اذڪار قلندري جو حوالو بہ ذڪر ڪيو اٿئون تہ "جن ڏينهن ڪاماري شريف (ٽنڊي الهيار)

وارو پير محمد غوث قريشي (پير اشرف شاھہ قريشي جو والد) ملتان ڏي جماعتون وٺي ويندو هو. تن ڏينهن ملتان واري مذڪوره خانقاه جو سجاده نشين شيخ محمد غوث هو.“ اسان جي پيش ڪيل مٿين لسٽ ۾ شيخ محمد غوث جو چوويهون نمبر آهي. هاڻي غور ڪرڻ کپي تہ پير محمد غوث شاھہ قريشي ڪاماري واري جو سال وفات 1230ھہ آهي ۽ ان وقت بزرگ خليفو پيرو فقير شورو 44 (چوئيتاليھہ) سالن جو هو تہ اهڙي صورت ۾ هي چئي سگھجي ٿو تہ خليفي پير وفقير شوري کي سندس استاد حافظ محمد حسن ڪٿي اندازاً ان وقت ملتان ڏي بيعت ڪرائڻ لاءِ وٺي ويو هوندو جڏهن خليفو پيرو فقير وڏ ۾ وڏ ويھارو سالن جو هوندو. ٿي سگھي ٿو تہ ان وقت سجاده نشين ٽيويهون نمبر شيخ بهاء الدين عرف ياون شاھہ هجي، پر جي اهو نہ هوندو تہ چوويهون نمبر سجاده نشين شيخ محمد غوث تہ لازمي هوندو. جيڪڏهن اسان جي انهي اندازي کي گمان غالب طور تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ هي ڳالھہ صحيح بيهندي تہ خليفي پيرو فقير شوري پنهنجي ايامڪاري ۾ ٽن چئن سجاده نشينن هر هڪ: چوويهون نمبر شيخ محمد غوث، پنجويهون نمبر شيخ ولايت شاھہ، چويهون نمبر مخدومہ بي بي راجي جو دؤر ڏٺو ۽ پڏو. خليفو پيرو فقير شورو غالب گمان مطابق انهن بزرگن جي دؤر ۾ ملتان وڃي درگاھہ تي حاضري ڏيندو هو ۽ ذڪر فڪر جي تلقين ۽ هدايت نصيحت حاصل ڪندو هو. هڪ واقعو بہ هن ڪتاب ۾ ”حالات، واقعات“ جي عنوان هيٺ ذڪر ٿيل آهي. سو هيءَ تہ ”هڪ ڀيري ڪير ڪٺي روانا ٿيا تہ واٽ تي برسات پئجي وئي. زوردار برسات ۾ بہ وڃي منزل تي پهتا ۽ حويلي جي ڏيڍيءَ تي پهچي دروازي تي ڏڪ هنيائون تہ جيجيءَ ٻانهي کي چيو تہ ٻاهر وڃ. پيرو فقير برسات ۾ ڪير ڪٺي آيو آهي، تنهن جا ڪپڙا پسي ويا هوندا ۽ هي سڪل ڪپڙا ڪٺي وڃي ڏئينس تہ پائي ۽ وٺائنس ڪير بہ ڪٺي اچ. ٻانهي ٻاهر نڪري جڏهن پيرو فقير وٽ پهتي تہ پيرو ڪائنس پڇيو تہ هي ڪپڙا ڇو ڪٺي آئي آهين؟ تہ ٻانهي وراڻيو تہ جيجيءَ ڏنا آهن تہ پيرو فقير جا ڪپڙا برسات ۾ پسي ويا هوندا، سو هي سڪل ڪپڙا پائي. پيرو فقير اهو ٻڌي ٻانهي کي چيو تہ جيجي امان کي وڃي چئو تہ الله جي مهرباني

۽ اوهان جي دعا سان. آئون ڪڪرن جي مڙيئي مٿيرو پئي آيس ۽ منهنجا ڪپڙا برسات ۾ پسڻ کان بچي ويا آهن.“ انهي ذڪر ٿيل واقعي ۾ جنهن بي بي سڳوري جو تذڪرو اچي ٿو منهنجي غالب گمان ۾ اها اُها ئي مخدومہ بي بي راجي آهي جنهن جو سجاده نشيني واري لسٽ ۾ چوٿون نمبر اچي ٿو. وڌيڪ الله بهتر ڄاڻي ٿو.

# خليفي پيرو فقير شوري جي دؤر جون تاريخي جهلڪيون

جيئن تہ خليفو پيرو فقير شورو (ولادت 1186ھ مطابق 1772ع- وفات 6 رجب 1306ھ مطابق 1892ع) ٻارهين صدي هجري جي آخري حصي، ويندي تيرهين صدي ۽ چوڏهين صدي هجري جي بلڪل اوائل جو بزرگ، طريقت ۽ معرفت جو سالڪ، عابد زاهد، تارڪ الدنيا فقير اهل الله درويش هو. انهي ڪري ٻارهين صدي جي بزرگن عالمن جي ولادت ۽ وفات جا سال سامهون رکي خليفي پيرو فقير جي پيدائش ۽ وفات واري سال سان ڀيٽ ڪري انهي دؤر جو تعارف ڪرايون ٿا.

ٻارهين صدي هجري جو زمانو هڪ زبردست مردم خيز زمانو ٿي گذريو آهي. هڪ طرف اسلامي بادشاهت جي زوال يا زبوني جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا، تہ ٻئي طرف هر هڪ اسلامي ملڪ ۾ هزارن جي تعداد ۾ عالم، عارف ۽ شاعر پيدا ٿي رهيا هئا. هندستان يا ترڪي ڪي ڇڏي فقط سنڌ جي ننيڙڙي ٽڪري تي نظرو جهبي تہ، ان زماني ۾ جڏهن سنڌي زبان زنده ۽ اَمر بنجي وئي، اسان جي سنڌ ۾ سوَن جي تعداد ۾ صاحب ڪمال بزرگ موجود هئا. سنڌ جو مرڪزي شهر ٺٽو ان دؤر ۾ وڏن وڏن عالمن، چوٽي جي شاعرن ۽ عارفن ڪاملن سان ڀرپور هو. ان ڪان سواءِ سنڌ جي ننڍن ڳوٺن ۾ بہ ڪيترائي ڪامل، ڪماليت وارا بزرگ موجود هئا.

هيٺ اسان ٻارهين صدي هجري جي ڪن بزرگن عالمن جا تاريخ ولادت ۽ وفات لکي، ان سان خليفي پيرو فقير شوري جي ولادت ۽ وفات واري

سال کي پيئتي پڙهندڙن آڏو هي ڳالهہ واضح ڪرڻ گهرون ٿا تہ. پاڻ فقير صاحب جن بہ سنڌ جي انهن ئي باڪمال بزرگن ۾ شمار ٿين ٿا.

1. مشهور بزرگ ۽ سنڌ جي سرتاج صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي وفات 1165هہ مطابق 1752ع ۾ ٿي. جنهن کان 21 (ايڪيهہ) سال پوءِ پيرو فقير شوري جي ولادت ٿي.

2. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جيڪو ڪلهوڙا دؤر ۾ قاضي القضاة رهيو پاڻ سنڌ ۾ قرآن حديث ۽ فقہ ۾ ايتري مهارت رکندو هو جو ڪيس سنڌ جو امام ڪري مڃيو ويجي ٿو. مخدوم محمد هاشم (ولادت 1104 هہ- وفات رجب 1174هہ = مطابق 1761ع) جي وفات کان ٻارهن سال پوءِ پيرو فقير جي پيدائش ٿي.

3. مخدوم محمد معين ٺٽوي جيڪو شاهہ ڀٽائي جي دوستن مان هو (وفات 1161هہ مطابق 1748ع) جي وفات کان 25 (پنجويهہ) سال پوءِ پيرو فقير شورو پيدا ٿيو.

4. حضرت شيخ بهاء الدين زڪريا ملتاني جي مريد مخدوم عبدالرئوف مٽياري واري جي وفات 1166هہ مطابق 1753ع ۾ ٿي، جنهن کان 20 (ويهہ) سال پوءِ پيرو فقير جي پيدائش ٿي.

5. مشهور محدث شاهہ ولي الله دهلوي 1176هہ ۾ وفات ڪئي جنهن کان 10 (ڏهہ) سال پوءِ پيرو فقير جي ولادت ٿي.

6. ٺٽي الهيار جي مشهور بزرگ مخدوم ميان صابر ولهاري نقشبندي، جنهن جي زيارت لاءِ شاهہ ڀٽائي بہ خود هلي آيو. تنهن جي وفات 1135هہ مطابق 1722ع ۾ ٿي. ان جي وفات کان 51 (ايڪونجاهہ) سال پوءِ پيرو فقير پيدا ٿيو.

7. مشهور نقشبندي بزرگ ۽ مجاهد شهيد مخدوم عبدالرحيم مڱريو گرهوڙي (ولادت 1152هہ شهادت 1192هہ مطابق 1778ع) جي شهادت کان 6 (ڇهہ) سال اڳ پيرو فقير پيدا ٿيو.

8. ضلع خيرپور تعلقي گمبٽ ڳوٺ درازا جو سچل سرمست حافظ عبدالوهاب (ولادت 1152هہ مطابق 1739ع ۽ وفات 2 رمضان 1231هہ) پيرو فقير شورو، سچل سرمست جي ولادت کان 34 (چوٽيهہ) سال پوءِ پيدا

ٿيو تہ سچل جي وفات کان 75 (پنجھتر) سال پوءِ بہ پيرو فقير زنده رهيو.

9. ڪامارو شريف (ٽنڊو اولهيار) جي پير اشرف شاهہ قريشي (ولادت 1214هہ مطابق 1799ع ۾ وفات 1277هہ مطابق 1860ع) سانول سائين پير اشرف شاهہ قريشي ڪامارائي جي پيدائش کان پيرو فقير 27 (ستاويهہ) سال اڳ پيدا ٿيو يعني تہ پير اشرف شاهہ جي ڄمڻ وقت، پيرو فقير شورو ستاويهہ سالن جو هو. جڏهن پير اشرف شاهہ قريشي جيڪو حضرت غوث بهاء الدين جي اولاد مان آهي ۽ سهروردي سلسلي جو بزرگ آهي تنهن جي وفات ٿي تہ پيرو فقير شورو 88 (اٺاسي) سالن جو عمر رسيده هو جيڪو پوءِ 120 سالن جي عمر ۾ سن 1306هہ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

10. شاهہ عنايت رضوي نصرپوري جي وفات 1160هہ ۾ ٿي. جنهن کان 26 (ڇويهہ) سال پوءِ پيرو فقير شوري جي ولادت ٿي.

11. نصرپور جو مشهور ڪافين جو بادشاهہ سيد مصري شاهہ (ولادت 1245هہ مطابق 1828ع ۾ وفات 1335هہ مطابق 1906ع) مصري شاهہ کان 59 (اوڻهٺ) سال اڳ پيرو فقير پيدا ٿيو ۽ مصري شاهہ جي وفات کان 29 (اوڻٽيهہ) سال اڳ پيرو فقير وفات ڪري ويو.

پيرو فقير شوري جي ڄمڻ وقت ۾ سندس حياتي ۾ خاص ڪري هي تاريخي واقعا ٿيا.

(الف) 3 جمادي الاول 1186هہ مطابق 2 آگسٽ 1772ع تي سنڌ جو حاڪم ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو وفات ڪري ويو انهي ئي سال پيرو فقير شوري جي پيدائش ٿي.

(ب) پيرو فقير شوري جي پيدائش کان 4 (چار) سال اڳ سنڌ جي مشهور شهر حيدرآباد جو سنگ بنياد رکيو ويو. حيدرآباد جي سنگ بنياد جي تاريخ قرآن شريف جي هن آيت: يارب اجعل هذا البلد آمناً (اي پالڻهار هن شهر کي امن ۽ سلامتي وارو بناءِ) مان نڪري ٿي اها تاريخ انهي آيت جي ابجد جي حساب سان ”1182“ هہ ٿئي ٿي.

(ج) خليفو پيرو فقير شورو جڏهن ستن سالن جو ٿيو تہ سندس اباڻي ڳوٺ پيرو فقير کي ويجهو مشهور شهر ٽنڊو آدم جو بنياد 1779ع ۾ پيو. هن

شهر جو باني آدم خان مري هن علائقي جو وڏو سخي مرد ۽ نيڪ انسان هو. سندس مقبرو تعلقي ڪپري ۾ آهي.

(د) ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ، ڪلهوڙا حڪمران پنهنجي فوجي عملدار تالپرن سان ڦتائڻ لڳا. ڪلهوڙا حڪمرانن ۾ ميان يار محمد اخلاق ۽ فضيلت ۾ بهترين شخص هو. ٻئي درجي تي ميان نور محمد ڪلهوڙو ۽ ٽئي درجي تي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو هو.

(هـ) ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ اختلاف وڌندا سخت دشمني ۽ عداوت تائين پهچي ويا. تان جو هڪ ٻئي جي خون جا پياسا بنجي پيا. نتيجي ۾ سن 1196هـ مطابق 1782ع ۾ هالاڻي ميدان وٽ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ هڪ فيصلي ڪن لڙائي لڳي. جنهن ۾ ڪلهوڙن شڪست کاڌي ۽ مير فتح علي خان تالپر ڪامياب ٿيو.

(و) ڪلهوڙن جي حڪومت جو دؤر تقريباً اسي ٻياسي سال رهيو جنهن کان پوءِ ميرن جو دؤر آيو. جيستائين ميرن جو پاڻ ۾ اتفاق، ٻڌي ۽ هڪ ٻئي جي صلاح ۽ مشوري سان حڪومتي انتظام هلائڻ جو سلسلو رهيو تيستائين تہ مير سٺي نمونہ حڪومت هلائيندا رهيا. پر تقريباً سٺ سالن بعد جڏهن منجهن هڪ ٻئي سان نااتفاقي ۽ اندروني اختلافن جو سلسلو ايترو وڌيو جو سنڌ تي ميرن جو راڄ بہ ضلعن، تعلقن جي صورت ۾ ورهائجي رياستي انتشار جو شڪار ٿي ويو تہ ٻئي پاسي سمنڊ پار ڌارئي انگريز واپاري صورت ۾ اچي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنهنجون واپاري ڪوٺيون قائم ڪري، ميرن ۾ هڪ ٻئي لاءِ وڌيڪ نفرت ۽ نفاق جو ٻج وجهي ميرن جي حڪومت جا بخيا اکيڙي ڇڏيا. نيٺ انگريز ملڪ گيري جي هوس ۽ سنڌ کي پنهنجي بيٺڪ بنائڻ جي لالچ ۾ ميرن سان جنگ جوٽڻ جا منصوبا ناهڻ لڳو. آخرڪار سر چارلس نيپئر حيدرآباد تي ڀرپور حملو ڪيو ۽ مياڻي جي مشهور جنگ لڳي. جنهن ۾ سنڌ جي حڪمران ميرن هارايو ۽ گورا انگريز ڪامياب ٿي ويا. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي مقامي ماڻهن جو راڄ ختم ٿي ويو. اهو ئي سبب آهي جو 1149هـ مطابق 1843ع وارو اهو سال سنڌ لاءِ منحوس ثابت ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي آزادي هميشہ لاءِ سلب ٿي وئي.

(ز) مخدوم ابوالحسن سنڌي جيڪو سنڌي الف ب وارن ٻاونجاهہ اکرن جي سٽا ۽ ترتيب جو باني ۽ پڻ سنڌي صورتخطي جو باني تسليم ڪيو ويچي ٿو ۽ انهي ڪم ۾ ساٽس شامل سنڌي عالمن جي تيار ڪيل عربي رسم الخط ۾ سنڌي صورتخطي کي جديد پيرايہ ۾ سن 1853ع ڌاري مڪمل طرح جوڙي راس ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ سنڌي پرائمري اسڪولن جو سلسلو شروع ڪيو ويو. اهڙي طرح سنڌ جي وڏن وڏن شهرن جي اسڪولن ۾ ديسي ماڻهن کي انگريزي سيکارڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويو.

(ح) سن 1871ع ۾ وڏن شهرن کان اڳتي وڌائي ننڍين شهرن ۾ بہ سرڪاري سطح تي سنڌي اسڪول قائم ڪرڻ شروع ڪيا ويا. انهي ڪري سنڌي پرائمري تعليم ڪجهہ قدر عام ٿيڻ لڳي. انگريز آفيسرن کي بہ سنڌي سکڻ جو حڪم ڪيو ويو. خليفي پيرو فقير شوري کي هلندڙ هجري سال 1438هہ تائين وفات ڪندي 132 (هڪ سؤ ٻٽيهہ) سال گذري ويا آهن پر جي سندس ولادت کان وٺي هيستائين جو عرصو شمار ڪنداسون تہ پورا 252 (ٻہ سؤ ٻاونجاهہ) سال ٿين ٿا. جڏهن تہ شاهہ ڀٽائي کي لاڏاڻو ڪندي هلندڙ هجري سال 1438هہ تائين 273 (ٻہ سؤ ٽيهتر) سال يعني ڌري گهٽ پوڻا ٽي سؤ سال گذري ويا آهن.

# ٺرڙ بر ۾ خليفي پيرو فقير جا پنڌ

**از: پروفيسر مراد علي راهمون**

اج نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
هو جي جيءُ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

سنڌ ڌرتي هميشہ کان وڏي الله وارن ۽ اوليائن جي آماجگاهہ رهي آهي، اهڙا بزرگ، ذڪر فڪر جي ذريعي، خلق کي پنهنجي حقيقي خالق سان ملائڻ ۽ عوام کي الله پاڪ سان جوڙڻ لاءِ، ڏينهن رات رياضت ۾ مصروف هوندا آهن. اهڙن صوفي بزرگن مان حضرت پيرو فقير شورو عليہ رحمتہ هڪ هو سندن وڏا اصل ڊيڊاپور ضلعي ڄامشوري مان لڏي اچي هاٽوڪي جوءِ ۾ آباد ٿيا جيڪا سنڌ جي قديم تخت گاهہ منصوره کان چند ميلن جي فاصلي تي ٽنڊو آدم جهول روڊ تي آهي، منصوره سنڌ جو هن وقت اهو قِتل شهر آهي، جتي عرب دور ۾ 270هہ/883ع ڌاري قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ٻولي ۾ ترجمو ٿيو سنڌ بابت ڪيترين ئي روايتون ملن ٿيون جن مان ان جي عظمت ۽ فضيلت ظاهر ٿئي ٿي.

حضرت پيرو فقير شورو رح ننڍپڻ کان ئي نيڪ ۽ صالح طبيعت جو مالڪ هو سندن خاندان جو روحاني تعلق، حضرت بهاءِ الدين زڪريا ملتاني عليہ الرحمت جي گادي سان هو. پيرو فقير، عبادت ۽ رياضت جي ذريعي سلوڪ جون منزلون طئي ڪيون ۽ خلافت جي درجي تي پهتو. حضرت غوث بهاءالدين زڪريا ملتاني عليہ الرحمت، جڏهن علم جي

تڪميل ڪرڻ ڪانپوءِ بخارا ۽ خراسان ۾ رهي وڏيڪ علم جون سندون حاصل ڪيون ۽ حج بيت الله جي ادائگي بعد بغداد ۾ حضرت شهاب الدين سهروردي رحمت الله عليہ کان خلافت جو خرقو وٺي واپس ملتان پهتو تہ حضرت غوث پاڪ رح ڪي غير رسمي قدم ڪنيا. هڪ وڏو مدرسو ۽ خانقاهہ تعمير ڪرايائين جتي هڪ پاسي مختلف علوم جي تحصيل ٿيندي هئي تہ ٻي پاسي خانقاهہ ۾ تزڪيہ ۽ تربيت ٿيندي هئي. زراعت ۽ تجارت جا اصول ۽ طريقا بہ سيکاريا ويندا هئا. جماعتون تيار ڪري، دعوت و تبليغ لاءِ مختلف علائقن طرف موڪليون وينديون هيون جن وٽ تجارتي سامان بہ هوندو هو. غوثيہ سهرورديہ جماعت ۾ حضرت غوث پاڪ رح کان وٺي، تبليغي قافلا تيار ڪري سفر تي نڪرڻ جي وڏي اهميت رهي آهي. انهي ڪي تزڪيہ ۽ تربيت جو بهترين نظام سمجهيو ويو آهي. قافلن جي صورت ۾ ڪڏهن سوارين تي ۽ ڪڏهن پيادل پنڌ ڪبو هو ان ڪري هن راهہ جي فقيرن کي پانڌي بہ سڏبو آهي. غوثيہ جماعت ۾ سماع ۽ تسبيحات جو ذڪر بہ ٿيندو آهي، غوثيہ جماعت ۾ دعوت طعام جو بہ رواج آهي، جنهن کي خاص نالو "روٽ" ڏنو ويو آهي. ذڪر جي تسبيحات ۾ ڪلمي طيبہ جو ورد ڪيو ويندو آهي. اهي تسبيحات ٽي آهن. 1. ڪلمہ طيب جو پهريون حصو لاإِلا الاالله 2. الله 3. هو سنڌ ۾ ، سماع ۽ ذڪر فڪر جو سلسلو غوثيہ جماعت کان شروع ٿيو آهي، سماع ۾ پهريون الله جي تعريف ڪبي آهي، پوءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۽ عظمت جو ذڪر ٿيندو آهي. ان ڪانپوءِ مرشد جي منظوم مدح ڪئي ويندي آهي. انهي سان فقيرن جو ايمان تازو ٿيندو آهي. منجهن جوش جذبو پيدا ٿيندو آهي.

حضرت پيرو فقير بہ ساڳيو طريقو استعمال ڪيو. ذڪر و فڪر جون جماعتون تيار ڪري، سنڌ هند ۾ موڪليون وينديون هيون، حضرت پيروفقير رح، ٽر جون جماعتون تيار ڪرائي ملتان ۾ تربيت ڪرائي واپس ٽر ۽ ناري ۾ موڪليندو هو. اهي جماعتون سماع ۽ ذڪر فڪر جون مجلسون قائم ڪري، الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي محبت جو درس ڏينديون هيون، اهڙين جماعتن جي تياري ۾ جن مقامي ماڻهن مدد ڪئي. تن

۾ ڳوٺ عيداڻي تعلقہ چاچرو مان سميڙو فقير راهمون ۽ ڳوٺ ساڪري راهما، ڳوٺ ساڪريو سميجا، ڳوٺ لاڪٽيون، ڳوٺ ويراڙو سميجا جا ڳوٺ و ٻهراڙي، ڳوٺ ڪيمي جو پار، ڳوٺ رڙاڪر، ڳوٺ سجڻ پار، ڳوٺ ڏوري، ڳوٺ صلاحاڻي، ڳوٺ جيسي جو پار، ڳوٺ ٻگل سميجا ۽ ننگرپارڪر وغيره جا فقير شامل هوندا هئا. سميڙو فقير تمام گهڻو سرگرم هوندو هو حضرت پيرو فقير ڪيس سدائين گڏ ڪٺندو هو. حضرت پيرو فقير ارڙهين صدي جي پڇاڙي ۾ 1770ع/1184ھ ڌاري ڄائو ۽ 19 صدي جي آخر ۾ 3 مارچ 1889ع مطابق 6 رجب 1306ھ تي رحلت ڪري ويو. پيرو فقير عليہ الرحمت کي الله تعاليٰ وڏي ڄمار ڏني هئي. سندس دور ۾ ملتان ۾ غوثيہ درگاھ جا گادي نشين حضرت بيبي مخدومہ راجي رح، حضرت مخدوم شاھ محمود قريشي اول، حضرت مخدوم بهاول بخش قريشي رهيا آهن، پيرو فقير جي رحلت کانپوءِ سندس پٽ، عبدالواحد فقير، عبدالرحمان فقير، عبدالرئوف فقير، ادريس فقير، ابراهيم فقير ۽ پوٽن ۾ حاجي ڏاڏو خضر فقير رح ۽ حاجي محمد فقير رح غوثيہ جماعت ۾ سرگرم رهيا، ان کانپوءِ حاجي محمد صديق فقير، حاجي شفيع محمد فقير رح، حاجي عبدالله فقير، يار محمد فقير وغيره سنڌ ۽ ٿر ۾ دورا ڪري جماعتون تيار ڪري ملتان موڪليندا رهندا هئا. اهڙي طرح سهروردي سلسلي جو فيض سنڌ ۽ هند ۾، حاجي پيرو فقير رح جي پوين جي ذريعي بہ پکڙندو رهيو. 1945ع کانپوءِ حاجي محمد فقير شورو رح جي قافلي ۾ استاد مننار فقير خاصخيلي رح اچي شريڪ ٿيو جيڪو سندن پاڙيسري ڳوٺ سچيڏنو ورياھ ۾ مدرسو کولي شاگرد پڙهائيندو هو ۽ عالم گهرائي پاڻ بہ انهن کان اعليٰ علوم جي تحصيل ڪندو هو. اهڙي طرح درس نظامي جو نصاب پورو ڪري 1380ھ /1960ع ۾ چاليهہ سالن کان وڌيڪ ڄمار ۾ دستار بند ٿيو هو. سميڙو فقير راهمون جي اولاد ۾ سومار فقير راهمون، ڏاڏو خضر فقير ۽ حاجي محمد فقير شورو سان نڀائيندو رهيو. سومار فقيرراهمون جو فرزند، فقير لڪمير راهمون (1339ھ /1920ع.... 1991ع، آخر تائين فقيرن سان صحبت ۽ سفر ۾ نڀائيندو رهيو. ڪجهہ وقت منهنجو والد صاحب مرحوم محمد حيات

راهمون (1925ع – 2006ع) ٻہ 1948ع /1368هہ ۾ حاجي پيرو فقير رح جي ڳوٺ ۾ فقير لڪمير راهمون سان گڏ رهيو ۽ تزڪيہ ۽ تربيت جو مرحلو طئي ڪيائين. پوءِ حاجي محمد فقير ۽ ٻين جون ڳوٺ ڪيرلو ۾ دعوتون ٻہ ڪندو هو. فقير لڪمير ٻہ گڏ هوندو هو. اهڙو پروگرام ٿاهي حاجي شفيع محمد فقير، حاجي عبدالله فقير، حاجي منٺار فقير ۽ ٻيا ڳوٺ عيداٽي کان ٿي، اسان وٽ 1969ع ۾ ڳوٺ ڪيرلو تعلقہ عمر ڪوٽ ۾ پهتا هئا، جتي استاد منٺار فقير عليہ الرحمت جمعو پڙهايو هو ۽ درس قرآن ٻہ ڏنو هو.

حاجي محمد فقير شورو سان گڏجي استاد منٺار فقير خاصخيلي رح تر، سنڌ ۽ پنجاب جا ڪيترائي سفر ڪيا، استاد منٺار فقير رحمت الله عليہ (1914ع /1332هہ.....1427/2006هہ) چوندو هو تہ ”اسان ٻاهريان عالم سڳورا گهرائي پنهنجي ڳوٺن ۾ جلسا ڪرائيندا هئاسون“. جن ۾ مولانا عبدالحق يٽو پڊعيدن واري جو خاص طور تي نالو وٺندو هو. ”جماعت ٿاهي ڳوٺن ۾ دعوت و تبليغ جو ڪم ڪندا هئاسون، سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر بزرگن ۽ عالمن سان ملڻ لاءِ سفر ڪندا هئاسون.“ اهڙا سفرناما استاد منٺار فقير ڊائرين تي لکيا ٻہ آهن جيڪي مدرسي ۾ مفتي محمد يعقوب مگسي صاحب وٽ محفوظ آهن. هن وقت مفتي صاحب استاد منٺار فقير عليہ رحمت جو مدرسو تمام سٺي نموني هلائي رهيو آهي.

مون پهريون پيرو، هنن الله وارن بزرگن جي زيارت 1969ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪئي، ان کانپوءِ جڏهن ميٽرڪ جو امتحان ڏيئي ديني تعليم وٺڻ جو عزم ڪيو ۽ چاچي فقير لڪمير رح ۽ بابا سان مشورو ڪيم تہ هنن ٻنهي بزرگ فقيرن جي دوست فقير منٺار خاصخيلي جي مدرسہ عربيہ ڳوٺ سچيڏنو ورياهہ ۾ پڙهڻ جي صلاح ڏني، آئون 29 شعبان 1399هہ مطبق 25 جولائي 1979ع تي ڪيرلو تر مان روانو ٿي شام جو ٽنڊو آدم مان ٿي ڳوٺ حاجي پيرو فقير شورو ۾ پهتس، فقير شفيع محمد، عبدالله فقير، احمد فقير، فقير مولوي محمد صديق ۽ ٻيا مليا، مون کي ڏاڍو پيار ۽ مان ڏنائون. اها رمضان شريف جي پهرين رات هئي. ان وقت منهنجي عمر 20 سال کن هئي. فقيرن وڏي سِڪ ۽ اُڪير سان فقير لڪمير، بابا سائين ۽ ٻين

جو احوال ورتو ڏاڍا خوش ٿيا، مون استاد فقير منٺار جي مدرسي ۾ پڙهڻ جو ارادو ڏيکاريو تہ ويتر گهڻو خوش ٿيا، ٻي ڏينهن ماڻهو گڏ ڪري مونکي مدرسي موڪليائون. استاد منٺار فقير مرحوم واقعي مَن کي ٺاريندڙ ثابت ٿيو مونکي وڏي محبت ۽ شفقت سان پنهنجو شاگرد قبول ڪيائين، تر جا احوال ورتائين پاڻ بہ تر جي سفر جا احوال ڏنائين. الله پاڪ جو مون تي وڏو احسان آهي جو مونکي فقيرن جي معرفت استاد فقير منٺار عليہ الرحمت وٽ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿيو مونکي استاد فقير منٺار مرحوم منهنجي مرضي مطابق تعليم ڏني، اهو سندن اخلاقي ڪمال هو. ڪيترن ئي سالن جو نصاب مون انتهائي مختصر عرصي ۾ پورو ڪيو الله پاڪ شال مٿن رحمتن جا وڏ ڦڙا مينهن وسائي ۽ سيني کي جنت الفردوس عطا فرمائي.

اسان جي ڳوٺ ڪيرلو مان فقير حسين راهمون بہ پيرو فقير شورو ڳوٺ ۾ رهيو. قرآن شريف ۽ سنڌي پڙهيو. پوءِ اسان جي ڳوٺ ۾ جمعو نماز بہ پڙهائيندو هو. هڪ جنگهہ کان معذور بہ هو. مون ڪوشش ڪري، فقير لڪمير جي پٽ دوست علي کي ۽ منهنجي ماروٽ عبدالستار کي استاد جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو پر اهي گهڻو وقت پڙهي نہ سگهيا. منهنجي ڳوٺ مان عبدالحليم راهمون کي بہ هن مدرسي ۾ داخل ڪرايو مگر هو بہ ٿورو وقت رهي سگهيو. دوست علي راهمون اڄا فقيرن سان نڀايو اچي.

منهنجو واسطو حاجي پيرو فقير شورو ڳوٺ سان ۽ استاد منٺار فقير سان قائم رهيو آهي. جڏهن بہ پيرو فقير ڳوٺ ويندو آهيان تہ . فقير صاحبان تمام گهڻي محبت ۽ عزت ڏيندا آهن، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. پوري ڳوٺ جو حال احوال وٺندا آهن. اُستاد منٺار فقير عليہ الرحمت تہ ايتري محبت ڏيندو هو جيتري والدين کان ملندي آهي. اسان جي وڏن جا ساٿي حاجي محمد فقير شورو جن 10 رمضان 1376هہ مطابق 11 اپريل 1957ع ۾ رحلت ڪري ويا. حاجي شفيع محمد فقير 20 ربيع الاول 1401هہ مطابق 27 جنوري 1981ع بروز اڱاري تي رحلت ڪري ويو. حاجي عبدالله فقير 4 جمادي الثاني 1401هہ 10 اپريل 1981ع تي وصال

ڪري ويو. فقير مولوي حاجي محمد صديق 21 شعبان 1414ھ مطابق 5 فيبروري 1994ع تي لاڏاڻو ڪيو مولانا محمد يامين شورو کي آفرين آهي جنهن خليفي پيرو فقير جو احوال قلم بند ڪري ڇپايو آهي. هاڻي حاجي پيرو فقير شورو جي پوين مان فقير حاجي جان محمد ، فقير مولوي عبدالرحمان شورو ۽ ٻيا پنهنجي وڏن جا تعلقات نڀايو پيا اچن، الله تعاليٰ کين دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب ڪري، حاجي پيرو فقير جا پويان، ملتان وارن بزرگن سان ناتو نڀائيندا پيا اچن، ملتان وارا بزرگ جڏهن سنڌ ۾ جماعتي دورو ڪندا آهن تہ پيرو فقير شورو جي ڳوٺ ۾ ضرورو منزل ڪندا آهن. رات رهندا آهن ذڪر فڪر جون مجلسون ٿينديون آهن، حضرت مخدوم بهاول بخش قريشي ڪانپوءِ ، حضرت مخدوم حسن بخش قريشي رح، حضرت مخدوم مريد حسين قريشي، حضرت مخدوم سجاد حسين قريشي رح ، بہ قدم گهمائيندا رهيا آهن. هاڻي حضرت مخدوم شاهہ محمود قريشي بہ پيرو فقير شورو جي ڳوٺ وارن کي زيارت جو شرف بخشيندرو رهندو آهي، هي صدين کان روحاني نسبت آهي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين قائم ۽ دائم آهي، انشاء الله تاقيامت قائم رهندي، اها نسبت الله پاڪ جي وحدانيت ۽ رحمت للعالمين جي سنت ۽ محبت جي نسبت آهي، حاجي پيرو فقير شورو جي اولاد جي روحاني نسبت، ڳوٺ عيداڻي چاچرو ۾ سميڙو فقير راهمون جي اولاد سان ڳوٺ ڪيرلو ۾ محمد حيات راهمون جي اولاد سان قائم آهي ۽ انشاالله قائم رهندي. انهي نسبت کي قائم رکڻ ۾ اصل ڪمال پيرو فقير عليہ الرحمت جي اولاد جي محبت ۽ شفقت ، سخاوت ۽ فياضي اخلاق ۽ سهڻو ڪردار آهي. حضرت پيرو فقير رحمت الله عليہ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين فقيرن ۾ مسافرن ۽ مهمانن لاءِ ننگر خانو ائين جاري هوندو آهي جيئن حضرت غوث بهاء الدين زڪريا رح ملتاني جاري ڪيو هو. ضرورت انهي ڳالھ جي آهي تہ اڄ کان ست سئو سال اڳ حضرت غوث بهاء الدين زڪريا جيڪو دعوت تبليغ جو سلسلو قافلن جي صورت ۾ سُنت نبوي مطابق جاري ڪيو هو. سو وري عالمن جي نگراني ۾ حضرت مخدوم شاهہ محمود قريشي صاحب جي سرپرستي ۾ شروع ٿئي. اهڙو دعوت و تبليغ

جو سلسلو سنت نبوي جي روشني ۾ شروع ڪرڻ جي صلاحت ۽ قابليت حضرت مخدوم شاهہ محمود قريشي ۾ اتم موجود آهي.

امت مسلمہ جي اصلاح جو اهڙو پروگرام شروع ڪرڻ جي گذارش مخدوم صاحب جن کي 2003ع واري عرس تي ملتان ۾ هن عاجز پنهنجي تقرير ۾ بہ ڪئي هئي. غوثيہ جماعت ۾ فڪرمند، اهل علم ۽ سنجيده دوستن کي هن طرف توجہ ڏيڻ جي وري درخواست عرض رکان ٿو. هن وقت بہ امت کي قريشي قيادت جي اشد ضرورت آهي. سهروردي بزرگ جو ڪتاب عوارف المعارف مترجم پروفيسر محمد عمر مگريو ۽ غوث پاڪ جا ڪتاب غوثيہ جماعت جي مطالعي لاءِ عام ٿيڻ کپن.

**پروفيسر مراد علي راهمون**

18 جنوري 2017ع — شانتي نگر، گلشن اقبال، ڪراچي.

# بزرگ پيرو فقير شوري جو سوانحي خاڪو

پورو نالو: خليفو پير محمد عرف پيرو فقير شورو ولد محمد زڪريا فقير شورو.

ذات: شورو. پاڙو: ورياھ

سن ولادت: 1186ھ مطابق 1772ع

جاءِ پيدائش: ڳوٺ پيرو فقير شورو. يونين ڪائونسل پيرو فقير شورو تعلقو ٽنڊو آدم ضلع سانگهڙ.

سن وفات: 6رجب 1306ھ مطابق 1892ع.

عمر: 120 سال (ٻارهين صدي هجري جي آخر. ويندي تيرهين صدي ۽ چوڏهين صدي هجري جي بلڪل اوائلي بزرگن مان)

تعليم: قرآن شريف ناظره. ڪجهه سنڌي اسلامي ڪتاب جهڙوڪ ابوالحسن جي سنڌي، نور نامو وغيره.

استاد: حافظ محمد حسن ڪٽي، جنهن وٽان ڪيس، فيض ۽ فقيري جي پهرين سُتي ملي، ۽ اڳتي هلي ملتان وارن بزرگن سان بيعت ٿيڻ بعد رڱجي لال ٿيو.

ابا ۽ ڏاڏا: سندس وڏا اصل ٻڍاپور ڪان لڏي اچي هتي (ڳوٺ پيرو فقير شورو ۾) رهيا. جتي هي ڳوٺ پيرو فقير شورو ٻڌو ويو اتي وڏو ٻڙ هو. جنهن ڪري اڄ تائين ٻڍاپور وارا شورا هنن فقيرن کي ”ٻڙائي شورا“ ڪري سڏين ٿا.

سلسلہ بيعت: سندس استاد حافظ محمد حسن ڪٽي پير پاڳاري وارن مان حضرت پير راشد روضي ڌڻي وارن جو مريد هو. پر سندس استاد مرحوم، پيرو فقير شوري کي ساڻ وٺي ملتان جي بزرگن سان دست بيعت ڪرايو. جنهن ڪري بزرگ پيرو فقير شورو سلسلہ سهروردي سان وابستہ ٿيو ۽ وقت

بوقت ملتان شريف جي بزرگن وٽ حاضر ٿيندو رهيو ۽ اهڙي طرح سلوڪ و معرفت جون منزلون طئي ڪري "خرقہ خلافت" حاصل ڪري ڪامل ٿيو.

عبادت: صوم و صلوات خاص ڪري پنجوقتي نماز، تهجد، اشراق، چاشت وغيره جي پابندي. ذڪر اذڪار جاري رکندڙ. تارڪ الدنيا، عابد زاهد، صاحب ڪرامت ۽ مستجاب الدعوات بزرگ.

شادي ۽ اولاد: خليفو پيرو فقير شوري کي هڪ ئي شادي هئي. جنهن مان کيس پنج پٽ ٿيا. جن جا نالا هر هڪ: فقير عبدالواحد، فقير محمد ادريس، فقير عبدالرؤف، فقير عبدالرحمان ۽ فقير ابراهيم آهن. جن مان نسل فقط ٽن پٽن مان هليو يعني فقير عبدالواحد، فقير محمد ادريس ۽ فقير عبدالرئوف مان. باقي فقير عبدالرحمان کي فقط هڪ نياڻي ٿي ته، فقير ابراهيم کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ هو. خليفو پيرو فقير جي وڏي عمر هئي. پاڻ پنهنجا پٽ پوٽا ۽ ڏوهٽا بہ ڏٺائين.

# حالات، واقعات

(خليفي پيرو فقير جي زندگي بابت حالات ۽ ماڻهن وٽان مليل واقعاتي احوال)

**از: فقير حاجي جان محمد شورو**

حضرت قبلہ سائين پير محمد عرف پيرو فقير ولد محمد زڪريا فقير شورو جن جي ولادت باسعادت 1186هہ مطابق 1772ع ۾ ٿي. سمجهہ پريا ٿيا تہ، قرآن شريف جي تعليم لاءِ ڪين فقير حافظ محمد حسن ڪتي وٽ، ڳوٺ حاجي قادر بخش چانگُو ديهہ سنگهر يونين ڪائونسل ماڏڪ ٺهيم جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. حافظ محمد حسن ڪتي پاڳاري وارن بزرگن جا مريد هئا. حافظ صاحب، حضرت سائين پيرو فقير تي تمام گهڻو مهربان هئا. سندس استادانہ شفقت جو اثر خليفو بزرگ پيرو فقير تي ايترو ٿيو جو قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ بعد بہ پنهنجي استاد حافظ محمد حسن وٽ پيا ويندا هئا ۽ جمعي نماز استاد صاحب وٽ وڃي پڙهندا هئا. قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ بعد، خليفو پيرو فقير جي والد محمد زڪريا فقير ڪيس ننيڙا گابا وٺي ڏنا تہ ابا هاڻي تون جهنگ ۾ وڃي گابا چار، پيءُ جو حڪم ٿيندي ئي پاڻ جهنگ ۾ گابا چارڻ لڳو. پر سندن گابن چارڻ جو طريقو ئي نرالو هو. خليفو پيرو فقير چا ڪندو هو جو گابا ڪاهي وڃي جهنگ ۾ ڇڏيندو هو ۽ پوءِ پاڻ هلي وڃي حافظ محمد حسن وٽ ويهندو هو. شام جو واپس ورندي گابا ڪاهي گهر پهچندو هو. ڪن ماڻهن سندس والد زڪريا فقير کي چيو تہ، توهان پنهنجي پٽ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا آهن. هو تہ گابا جهنگ ۾ ڇڏيو سڄو ڏينهن وڃي حافظ محمد حسن وٽ ويهي رهي ٿو. جتي گابا چرن ٿا انهي جوءَ ۾ بگهڙ بہ تمام گهڻا آهن متان ائين نہ ٿئي جو بگهڙ

اچي ڳابن کي چيري ڦاڙي ڪائي وڃن.

اهي ڳالهيون ٻڌي زڪريا فقير هڪ ڏينهن بزگ پيرو فقير کي چيو تہ، ابا! ايترو وقت استاد وٽ نہ ويهندو ڪر. متان تنهنجي نہ هجڻ ۾ دير ڪرڻ تي بگهڙ ڳابا ڪائي وڃن. پيرو فقير سندس والد جي ڳالھ خاموشي سان ٻڌي پر ان تي ڪو خاص ڌيان ڪو نہ ڏنو ۽ پاڻ سندس روزانہ واري معمول مطابق ڳابا جهنگ ۾ چڏي استاد ڏي هليو ويندو هو.

هڪ ڀيري سندس والد صاحب سوچيو تہ، آئون خود وڃي ڏسان تہ هي ڪهڙي طرح ڳابا جهنگ ۾ ڇڏي ۽ پوءِ استاد ڏي وڃي ٿو! اهو لقاء ڏسڻ لاءِ سندس والد زڪريا فقير، پيرو فقير جي ڳابا ڪاهي روانو ٿيڻ پويان لڪندو ڇپندو وڃڻ لڳو. پيرو فقير هڪ هنڌ اچي ڳابا ٻيهاريا ۽ اتي هڪ ڪڏ ڪوٽڻ لڳو جڏهن اها ڪجھ کوٽيائين تہ ان مان پاڻي نڪتو. پوءِ جيڪا چادر آندي هئائين سا پنهنجي ڪلهن تان لاهي خالي زمين تي گهلڻ ۾ ڦيرائڻ لڳو تہ چادر جي زمين تي لڳڻ ۽ گهلجڻ سان سانوٽي سائو گاھ ڦٽي پيو. پوءِ پنهنجي چادر چنبڙي ڪلهي تي رکي ڳابن کي پيو چوي تہ، هي گاھ اٿئو ۽ هي پاڻي جي بک لڳي تہ هي سائو گاھ کائجو ۽ جي اڃ لڳي تہ هي پاڻي پيئجو آئون وڃان ٿو استاد صاحب وٽ، شام جو ايندس. سندس والد صاحب زڪريا فقير اهو سمورو لقاء پري کان ڪنهن اوٽ ۾ ويهي ڏسي رهيو هو. پيرو فقير جي رواني ٿيڻ بعد وري بگهڙن جو ڌڻ اچي پهتو جيڪي ڳابن کي چوڌاري ڪڙو ڏيئي چوڪيدار ٿي ويهي رهيا. ڪي بگهڙ تہ ڳابن سان راند پيا ڪن. جڏهن زڪريا فقير اها ماجرا ڏٺي تہ سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي. زڪريا فقير تڪڙو تڪڙو پيرو فقير جو پيڇو ڪيو ۽ رستي ويندي وڃي ڪيس ويجهو پهتو ۽ پري کان وڏي سڏ ڇيائنس تہ ابا پيرو هيڏانهن اچ! تہ پيرو فقير سوچيو تہ، آئون ڳابا جهنگ ۾ اڪيلا ڇڏيو استاد وٽ پيو وڃان شايد انهي ڳالھ تان بابا مون کي مار ڪيندو!! سو وٺي ڀڄڻ لڳو. پر سندس والد زور زور سان سڏ ڪري چوڻ لڳس تہ ابا هاڻي آئون توکي ڪو نہ جهليندس جيئن وڻي تيئن ڪر. جيڪا تنهنجي مرضي آئون ڪنهن بہ ڪم کان منع نہ ڪندس. پوءِ تہ ڪيس استاد وٽ وڃڻ جي بہ عام

اجازت ملي وئي ۽ سندس گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيڻ لڳو.

بزرگ پيرو فقير جڏهن بہ سندس استاد وٽ ويندو هو تہ، جهنگ مان ڪاٺيون ڪري ڪٽي ويندو هو. هڪ پيري فقير صاحب جهنگ مان سڙيل ڪاٺيون ڪري آڻي استاد جي گهر وٽ يا جتي هو روزانہ ڪاٺيون آڻي ڇڏيندو هو، اتي آڻي رکيون. سندس استاد حافظ محمد حسن مدرسي مان ٻار پڙهائي فارغ ٿي اهي آندل ڪاٺيون گهر کڻي ويندو هو پر جنهن پيري سڙيل ڪاريون ڪاٺيون ڏٺائين تہ ٻارن کان پڇيائين تہ ابا! هي ڪاريون ڪاٺيون ڪنهن آنديون آهن؟ تہ سڀني ٻارن چيو تہ، سائين! اهي سڙيل ڪاريون ڪاٺيون پيرو فقير آنديون آهن. تنهن تي فقير حافظ محمد حسن فرمايو تہ ابا! هاڻي الله سائين کان پيرو فقير کي اولاد بہ ڪارڙي رنگ جو وٺي ٿا ڏيون!! قدرت واري جو شان تہ پيرو فقير جو اولاد پشتان پشت سانوري پڪي رنگ جو ٿيندو اچي.

حافظ محمد حسن ڪٿي بہ ويندو هو تہ، پيرو فقير کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. ڪا بہ دعوت ملي تہ پيرو فقير بہ گڏ هوندو هئس.

پيرو فقير سندس استاد جي بيحد خدمت ڪندو هو. ٻاهر ڪٿي دعوت تي وڃڻ بعد ماني کائي نماز پڙهي استاد کي زور بہ ڏيندو هو تہ،سندس پيرسن استاد حافظ صاحب کيس دعائون ڏيندي فرمائيندو هو تہ، ”او ابا! پيرو جڙيو هوندين“

پيرو فقير پنهنجي استاد حافظ محمد حسن سان گڏجي ملتان وارن بزرگن ڏي ويا. جتي غوث بهاء الدين جي درگاهہ جي گادي نشين کان ذڪر فڪر وٺي موٽي آيو پر پوءِ سندن تعلق انهن بزرگن سان تمام گهڻو گهاٽو ٿي ويو ۽ اڪثر ڪري ملتان ڏي وڃڻ ٿيندو هئن. اهڙي طرح سلوڪ جون منزلون طئي ڪندو رهيو. پوءِ تہ درگاهہ جي خاص مريدن ۽ معتقدن ۾ سندس شمار ٿيڻ لڳو ايتريقدر جو گادي نشين بزرگ کي کير پهچائڻ جي ذميداري مٿس رکي وئي. درگاهہ جي متولي وٽان کيس هڪ خاص وظيفو بہ عنايت ٿيو جنهن سان سفر جا فاصلا گهٽجي وڃن ٿا ۽ انسان جي پرواز پکين کان بہ تيز ٿي وڃي ٿي. انهي خصوصي وظيفي کي طي الارض يا طي

مڪان جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. انهي ذڪر ڪرڻ بعد جيئن ئي سفر شروع ڪيو وڃي ٿو تہ زمين تڏي وانگر ويڙهجي سوڙهي ٿي وڃي ٿي ۽ ڊگهو سفر بہ ٿورڙي وقت ۾ طئي ٿيو وڃي. پيرو فقير شوري کي اهو وظيفو ۽ ذڪر عنايت ٿيڻ بعد سفر آسان ٿي پيو ۽ پاڻ روزانہ مغرب نماز پڙهي کير کڻي وڃي ملتان جي درگاهہ غوثيہ جي گادي نشين کي پهچائيندا هئا ۽ وري واپس اچي سمهڻي نماز سندس ڳوٺ ۾ پڙهندا هئا. اها ڳالهہ عام ماڻهو لاءِ حيرت ۽ عجب جوڳي آهي پر الله جي نيڪ ٻانهن لاءِ ڪو بہ مشڪل ڪونهي. ڇو تہ اهي الله جي سهاري ۽ ان جي توڪل تي هلن ٿا. چون ٿا تہ هڪ ڀيري کير کڻي روانا ٿيا تہ واٽ تي برسات پئجي وئي. زوردار برسات ۾ بہ وڃي منزل تي پهتا ۽ حويلي جي ڏيڏي تي پهچي دروازي تي ڏڪ هنيائون تہ جيجيءَ ٻانهي کي چيو تہ. ٻاهر وڃ پيرو فقير برسات ۾ کير کڻي آيو آهي تنهن جا ڪپڙا پسي ويا هوندا ۽ هي سڪل ڪپڙا کڻي وڃي ڏينس تہ پائي ۽ وٽانس کير بہ کڻي اچ. ٻانهي ٻاهر نڪري جڏهن پيرو فقير وٽ پهتي تہ پيروفقير کانئس پڇيو تہ. هي ڪپڙا ڇو کڻي آئي آهين؟ تہ ٻانهي وراڻيو تہ جيجيءَ ڏنا آهن تہ پيرو فقير جا ڪپڙا برسات ۾ پسي ويا هوندا سو هي سڪل ڪپڙا پائي. پيرو فقير اهو ٻڌي ٻانهي کي چيو تہ. جيجي امان کي وڃي چئو تہ. الله جي مهرباني ۽ اوهان جي دعا سان، آئون ڪڪرن جي مڙيئي مٿيرو پئي آيس ۽ منهنجا ڪپڙا برسات ۾ پسڻ کان بچي ويا آهن. اهڙي طرح پاڻ درگاهہ غوثيہ جي حاضري ڏيندا، ذڪر فڪر، فيض ۽ فقيري حاصل ڪرڻ بعد فيضياب ٿيا.

چون ٿا تہ. پيرو فقير جو استاد حافظ محمد حسن جو جڏهن دنيا مان وڃڻ وارو وقت ويجهو آيو تہ. حافظ صاحب جي پائتين حاضر ٿي ڪيس عرض ڪيو تہ. چاچا! هاڻي توهان جي وڃڻ جو وقت اچي ويجهو ٿيو آهي پر ويندي ويندي اسان مان ڪنهن کي پنهنجي "امانت" (فيض ۽ فقيري) ڏيئي وڃو! تہ حافظ صاحب پائتين کي وراڻيو تہ. ابا جيڪا امانت هئي سا کڻي ويو پيرو فقير، باقي هوءَ اچي گڏهہ ٻيني آهي سا تو هان جي آ. اهو ٻڌي پائتيا

خاموش ٿي ويا. فقير حافظ محمد حسن کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. حافظ صاحب اصل ۾ پير راشد روضي ڌڻي (ولادت 1170هہ مطابق 1757ع وفات 1203هہ مطابق 1789ع) وارن جو مريد هو.

هڪ ڀيري سائين محمد راشد روضي ڌڻي وارا لانڊيءَ (شهدادپور کان سانگهڙ روڊ تي هڪ اسٽاپ) واري پاسي سندن مريدن ۾ آيل هئا. پير صاحب جن محافي ۾ ويٺل هئا جيڪو مريد پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلي رهيا هئا. (محافو" ڏوليءَ کي چئبو آهي) هلندي هلندي پير سائين روضي ڌڻي چيو تہ هن پاسي هلو انهي پاسي مونکي دين جي خوشبو پئي اچي. پوءِ حافظ محمد حسن ڪنڊيءَ وٽ اچي پهتا. انهي وقت حافظ محمد حسن نيڪ ڪو نہ هو سو حافظ صاحب حجري ۾ اندر هو. جڏهن خبر پهتس تہ پاڻ پير صاحب جن کي عرض ڪيائين تہ سائين! هيترو قرب ڪيو اٿئو هيڏانهن اچڻ جو تہ هاڻي مهرباني ڪري اندر اچي تشريف فرما ٿيو آئون نيڪ ڪو نہ آهيان ۽ مون تہ دعا بہ گهري هئي تہ رب سائين! مون کي ايستائين نہ مارجان جيسين آئون مرشد سائين سان نہ ملان. جڏهن مرشد ڪريم سان ملي حسرت پوري ڪريان تہ پوءِ پلي مارجانءِ. اهو ٻڌي سائين روضي ڌڻي وارا حجري اندر هلي وڃي پنهنجي مريد حافظ محمد حسن سان مليا ۽ ڪجھ گهڙيون ويهي ساڻس روحاني رهاڻ ڪري پوءِ دعائون ڪندا هليا ويا. انهي ملاقات کان ڪجھ ڏينهن بعد حافظ محمد حسن وفات ڪري ويو. حافظ صاحب کي ڳوٺ حاجي قادر بخش (ديهہ سنگهر يونين ڪائونسل ماٽڪ ٿهيم) جي مسجد شريف جي اتر طرف دفن ڪيو ويو.

ڪافي وقت کان پوءِ استاد حاجي الهڊنو ڪوري انهي مدرسي (يعني حافظ محمد حسن ڪنڊي جي مدرسي) ۾ پڙهائيندو هو ڪجھ سالن بعد استاد حاجي الهہ ڏنو ڪوري هتي درگاهہ پيرو فقير شوري ۾ حاجي محمد فقير شوري وٽ اچي رهيو ۽ حافظ محمد حسن جو مدرسو ڇڏي آيو تہ پويان مدرسو بہ ختم ٿي ويو باقي مسجد شريف ۽ فقير حافظ محمد حسن وارو قبرستان موجود آهي.

(1) عبدالله خاصخيلي ڳوٺ سيد پناهہ شاهہ واري ڳالھ ڪئي تہ پيرو فقير شورو پير جڙيل شاهہ ماڙي واري وٽ تمام گهڻو ويندو هو. جنهن مهل ڳوٺ

حمل مري جي پڙ ۾ اولياء صاحب اڊو هالاڻي جي درگاهہ وٽان لنگهندا هئا تہ گهوڙي تان لهي پيادل هلندا هئا ۽ پوءِ اڳتي وڃي گهوڙي تي چڙهندا هئا.

ٻيو درويش دل پوٽن جي پڙ ۾ هوندو هو احمد شاهہ. انهي سان ملي وڃي پري ٿي ويهندا هئا. پر جنهن مهل پير جڙيل شاهہ وٽ ايندا هئا تہ پير جڙيل شاهہ سان وڃي گڏ ويهندا هئا تہ ماڻهن پڇيو تہ سائين! اهو ڪهڙو سبب آهي جو اڊي هالاڻي وٽان سواري تان لهي متيو ٿا ۽ احمد شاهہ سان مليو پري ٿا ويهو ۽ پير جڙيل شاهہ سان گڏ ٿا وڃي ويهو. وراڻيائون تہ اڊي هالاڻي وٽ امام حسن سائين ۽ امام حسين سائين جون سواريون بيٺيون آهن. تڏهن لهي ٿو متيان ۽ سيد احمد شاهہ وڏي فيض وارو آهي رهي ڪهي ذري ڪسي نہ وڃي، تڏهن پري ٿي وڃي ويهان ٿو ۽ پير جڙيل شاهہ جي ماڙي پنهنجي آ. سا نهي پئي، اوساريءَ ۾ هڪ سر سون جي ۽ هڪ سر چانديءَ جي لڳي پئي، چاهيان ٿو تہ اتان ڪان من ڪو ذرو ملي وڃي.

(2) چون ٿا تہ ڪا پٽ جي دعوت هئي، جنهن ۾ بزرگ پيرو فقير بہ وڃي شريڪ ٿيو. بزرگ وٽ ماني ڪٽي آيا. ماني سان گڏ گوشت بہ هو تہ بزرگ سائين فرمايو تہ ابا! هي ماني آئون ڪو نہ ٿو کان. گهران ٻي ماني نهرائي اچو. ماڻهن چيو تہ سائين! ڪِري ۾ آهيو؟ يا طبيعت صحيح ناهي؟ فرمايائون تہ طبيعت صحيح آهي، آئون هي ماني ڪو نہ کائيندس، گهران ٻي ماني نهرائي اچو. ماڻهن زور پريو تہ سائين ٻڌايو چا ڳالهہ آهي؟ جو توهان هي ماني نہ ٿا کائو. ماڻهن جي ڪافي زور پرڻ تي ٻڌايائون تہ ابا! هي ڦنڊر چوري جي آهي، تڏهن ڪو نہ ٿو کان. پوءِ شادي واري ڪاڄ ڌڻي کان پڇيو ويو تہ سچي ٻڌاءِ فقير صاحب چئي ٿو تہ اها ڦنڊر چوري جي آهي، تہ شادي واري ڌڻي چيو تہ برابر فقير صحي ٿو چئي مون اها چوري واري ڦنڊر ڪُٺي آهي.

(3) صاحب ڏني ڪنيار ڳوٺ طاهر هڱوري واري ڳالهہ ڪئي تہ ڳوٺ محمد اسماعيل ڪنيار لڳ هنگورنو ۾ پيرو فقير شورو ويندو هو جتي حاجي محمد ڪنيار ۽ اسماعيل ڪنيار وٽ وڃي ويهندو هو. ڪنيار غريب هئا. حاجي محمد ڪنيار چيو تہ فقير صاحب دعا گهرو تہ رب سائين اسان

جي رزق روزي ۾ برڪت وجهي. پوءِ فقير صاحب دعا گهري. نتيجي ۾ رب سائين کين اڍائي سؤ ايڪڙ زمين ڏني.

(4) پيرو فقير شوري جا وڏا ٻڍا پور جا وينل هئا جتان پوءِ سندن ڪو وڏو لڏي اچي سنهري جي ڍوري جي اوير پاسي ٻڙ جي وڻ هيٺ اچي ويٺا. ڪافي وقت اتي ويٺا هئا. پوءِ اچي موجوده ڳوٺ (ڳوٺ پيرو فقير) ۾ اولهندي ڪپ تي ويٺا. ٻڍاپور وارا شورا اڄ تائين ڳوٺ پيرو فقير وارن کي ٻڙائي شورا ڪري سڏين ٿا.

پيرو فقير شوري وارن جو پاڙو ورياھہ آهي، پيرو فقير جي ماءُ دريا خان شوري جي ڌيءُ هئي، دريا خان شورو، حاجي مختيار شوري جن جو وڏو ڏاڏو هو.

حاجي مختيار شورو هن ڳوٺ پيرو فقير شوري جو چڱو مڙس آهي، رب کيس هر طرح خوش ۽ آباد رکي. آمين ثم آمين.

(5) فقير صاحب استاد ذات جي عزت ڪندو هو ۽ سيد ذات جي بہ تمام گهڻي عزت ڪندو هو.

ڪيڏانهن بہ ويندو هو تہ سواري تي چڙهڻ کان اڳ شاگرد يا ڪنهن خليفي کي جيڪو ساڻس گڏ هلندو هو تنهن کي چوندو هو تہ ابا! جي سيدن جا گهر اچن، يا ڪٿي ذات جا گهر اچن تہ ٻڌائجان. پوءِ سندن خليفو يا ڪو شاگرد چوندو هئس تہ سائين! هاڻي سيدن جا گهر آيا آهن تہ پاڻ جلدي ڪري سواري تان لهي پوندو هو. سواري تان لهي، چادر جو جهنڊ ڪري هلندو هو. پوءِ جڏهن پري نڪري ويندو هو تہ سندس ڪو شاگرد يا خليفو چوندو هو تہ سائين هاڻي پري ٿي ويا آهيون پوءِ سواري تي چڙهندو هو. اڪثر ڪري سفر ۾ ساڻس گڏ سندن پوٽو محمد خضر فقير ولد محمد ادريس هوندو هو.

استاد فقير منٺار ڳالھ ڪئي تہ هڪ ڀيري مون کي خضر فقير ٻڌايو تہ اسان هڪ پيرو ڏاڏاسائين سان گڏ هئاسون. سفر ۾ هلندي هڪڙي گهر جي ڀر سان لنگهياسون تہ گهر جي ٻاهران (ڪپڙن رڱڻ واري) رنگ جو پاٽي وهي رهيو هو تہ ڏاڏا سائين رنگ ڏسندي چيو تہ ابا! بيهہ سواري جهل، پاڻ لهي مون کي چيائون تہ ابا! مون اوهان کي ڪيترو چيو هو تہ ڪڏهن بہ

ڪتي ذات جا گهر اڇن تہ مونکي ٻڌائجو پر توهان نہ ٻڌايو! خضر فقير چيو تہ، مون وراڻيو تہ ڏاڏا! هي هندو ڪتي آهن. تنهن تي فرمايائون تہ پوءِ بہ تہ ڪتي آهن!!

ڪتي بہ رنگ يا رنگ وارو پاڻي هاريل ڏسندا هئا تہ اتان ادب سان مٿي ويندا هئا، انهي رنگ کي اورانگهيندا نہ هئا چو تہ عام طرح ڪپڙي کي رنگڻ جو ڪم ڪتي ڪندا آهن ۽ سندس استاد ذات جو ڪتي هو اهو ادب ان ڪري ڪندا هئا.

(6) بزرگ پيرو فقير صاحب، پنهنجي استاد حافظ محمد حسن سان گڏ ڪٿي بہ دعوت ۾ ويندا هئا تہ، ساڻس ماني گڏ نہ کائيندا هئا. بلڪ سندس استاد جڏهن ماني کائي بس ڪندو هو تہ اها بچيل ماني کائيندو هو. جيڪڏهن گوشت واري ٻاجي هوندي هئي تہ سندن استاد اهي هڏيون ڪنهن ٿانوَ ۾ رکائيندا هئا. پوءِ پيرو فقير جڏهن استاد جي بچايل ماني کائيندو هو تہ گوشت جون بچايل هڏيون چوسيندو هو ۽ پوءِ ماني کائيندو هو.

(8) استاد منثار فقير هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌائي تہ، ڳوٺ هاشم ساند (لڳ اڏيرو لال) ۾ بزرگ پيرو فقير صاحب رات ترسيل هو. فجر نماز کان پوءِ هڪ عورت روئندي آئي. اچي فقير صاحب کي چيائين تہ رات منهنجي چوري ٿي وئي آهي. چور چوري ڪري مون کي فقير ڪري ويا آهن. تڏهن انهي عورت کي فقير صاحب چيو تہ، امان! تون تہ هڪ رات ۾ فقير ٿي وئي آهين. اسان تہ اوجاڳا ڪري اچي ڏاڙهي ٿي وئي آهي پر اسان کي تہ فقيري هٿ ڪا نہ آئي.

(9) ولي محمد سينهڙي (ڳوٺ پيرو فقير شورو) ٻڌايو تہ اسان جي وڏي ڏاڏي ڳالهہ ڪندي هئي تہ، وڏيرو دريا خان شورو، فقير صاحب جو مامو هو. انهي هڪ ڏيڏو ڪنهن سيد کي ڏنو هو اوڌر تي، جنهن چيو تہ، آئون توکي رقم ڏيئي ويندس. ليڪن ڪجهہ وقت بعد انهي رقم ڏيڻ کان وڏيري دريا خان کي ٺپ جواب ڏيئي ڇڏيو. هڪ ڀيري فجر نماز کان پوءِ بزرگ پيرو فقير مسجد ۾ ٻهارو ڏيئي ڪچرو ٻاهر اڇلڻ پئي ويو تہ ڏٺائين تہ، وڏيرو دريا خان شورو پئي ويو. چيائينس تہ ماما! اڄ سويري ڪيڏانهن پيا وڃو! تہ وڏيري دريا خان چيو تہ ابا! اڄ وڃان ٿو سيد تي ڪيس ڪرڻ، هو ڏاند جا پيسا نہ ٿو

ڏئي. اهو ٻڌي بزرگ پيرو فقير ڪنن ۾ ٻئي هٿ وجهي ڏاڍي وڏي آواز سان رڙ ڪري چيو تہ، رسول الله جي اڳيان قيامت جي ڏينهن ڪهڙو منهن ڪڍنداسون. ابا! سيد نہ ٻڏراءِ. ڏاند جي رقم ڪان توکي رب سائين ٻيڻو ڏيندو. اهو ٻڌي وڏيري دريا خان چيو تہ، بس مون کي رقم ملي وئي. پوءِ وڏيرو دريا خان واپس گهر ڏي هليو ويو.

بزرگ پيرو فقير نماز جو تمام گهڻو تاڪيد ڪندا هئا جيڪو بہ ماڻهو سائس ملڻ لاءِ ايندو هو تہ انهي کي نماز جي تلقين ضرور ڪندا هئا.

(10) ان دؤر ۾ ٻاجهري جو فصل گهڻو پوکيو ويندو هو. جڏهن ٻاجهرين جي پچڻ جو وقت ٿيندو هو تہ، ڪي ماڻهو جمعي نماز تي ڪو نہ ايندا هئا. اهڙن ماڻهن مان ڪو جيڪڏهن فقير صاحب سان ملڻ ويندو هو تہ، چوندا هئا تہ، ابا! توهان جمعي نماز تي ڪو نہ آيا؟ تہ اهي جواب ۾ چوندا هئا تہ، سائين! اسان جي ٻاجهري ڪاهيل هئي سو جهار ٿا هڪليون، پهچي ڪو نہ ٿا سگهون. انهن کي فقير صاحب فرمائيندو هو تہ ابا! توهان نماز تي اچو توهان جي فصل تي جهار ڪا نہ ايندي. پوءِ هڪڙا ماڻهو آيا ٻيا نماز تي ڪو نہ آيا. جيڪي نماز تي آيا، تن جي فصل ٻاجهري تي واقعي بہ جهار ڪا نہ آئي. جيڪي جمعي نماز تي ڪو نہ آيا تن جي ٻاجهري تي تمام گهڻي جهار آئي. اهو ڏسي اهي رهيل ماڻهو بہ جمعي نماز تي آيا.

(11) سيد ارشاد شاهہ جج، اسٽيشن وهاب شاهہ (نزد اڏيرو لال) واري ڳالهہ ڪئي تہ، بزرگ پيرو فقير شورو اسان جي وڏڙن وٽ تمام گهڻو ايندو هو. هڪ ڀيري آيو رات رهيو، صبح جو روانو ٿيو تہ، اسان جي وڏي ڏاڏي چيس تہ، فقير صاحب! دعا ڪريو ان ۾ برڪت پئي، ان وقت فقير صاحب جي پير ۾ ان جي گندي هئي تہ فقير صاحب گنديءَ کي هٿ هڻي چيو تہ، مائي گندي! سائين جن کي ان پئي ڏجان.

سارو سال انهي گنديءَ مان ان پئي نڪتو. پوءِ جڏهن ٻارهن مهينا ٿيا تہ نئون ان لٿو. اسان سوچيو سين تہ، گندي صفا ڪري نئون ان وجهون، سو جنهن مهل گندي صاف ڪئي سون تہ، گنديءَ ۾ اڳي جيترو اوترو ئي اوترو ان پيو هو.

(12) استاد مننار فقير ٻڌايو ته. ڪنهن ماڻهو بزرگ پيرو فقير کان پڇيو ته. سائين! ڪو الله وارو ماڻهو ڪنهن جاءِ تي ويهي الله پيو ڪري، پوءِ جي اهو خدا جو پيارو ٿي وڃي ته. هن الله واري جي جاءِ تي ڪا پهر هوندي يا اها جاءِ سڄي ٿي ويندي؟ فقير صاحب فرمايو ته. ابا! ڪنهن جاءِ تي ٻڪريون ويهنديون آهن ته. اتي ڦولهڻيون لاهي هليون وينديون آهن. پوءِ جڏهن برسات پوندي آهي ته. ان جاءِ تي ڪئين قسم جا گاهه ساوا سلا ڦٽي پوندا آهن. پلا فقير ٻڪري کان به ويو ڇا؟ سو ڪا نه ڪا پهر ضرور ڇڏي ويندو. الله وارن جون جايون خالي ڪو نه هونديون آهن.

(13) چون ٿا ته. فقير صاحب ڪٿان سفر تان اچي رهيو هو ته. رستي ۾ پيل هڪ سوني دهري ڏٺائين. فقير صاحب پنهنجي لٺ سان اها سوني دهري کڻي پر ۾ بيٺل هڪ ڪٻڙ جي وڻ ۾ ٽنگي ڇڏي، ۽ پوءِ پاڻ اڳتي روانو ٿي ويو. سامهون ڪو همراه تيزيءَ سان گهوڙو ڊوڙائيندو پئي آيو. فقير صاحب هن همراهه کان تيز رفتاري سان گهوڙي ڊوڙائڻ جو سبب پڇيو ته. هن همراهه وراڻيو ته. اسان جي ڄڃ رستي ۾ هڪ جاءِ تي ڏينهن ٺارڻ لاءِ ڪجهه ترسي هئي ته. ڪنوار جي سوني دهري انهي جاءِ تي ڪِري وئي آهي، سو ڳولڻ لاءِ وڃان پيو. خبر ناهي ته ڪو ايندڙ ويندڙ ماڻهو کڻي ويو يا نه؟ پيو پڪ به ناهي ته. ڪهڙي جاءِ تي ڪِري آهي؟ فقير صاحب چيس ته ڪنهن به ڪونه کنئي آهي مون اها دهري ڪٻڙ جي تار ۾ متي ٽنگي ڇڏي آهي. اهو همراه جڏهن اتي پهتو ته. ڏسي ته واقعي دهري ٽنگي پئي آهي همراه ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دهري کڻي وڃي ڄڃ سان مليو.

(14) غلام رسول پلي ڪلر شاخ واري ڳالهه ڪئي ته. اسان جو وڏو ڏاڏو هو. ان وٽ پيرو فقير جن پاڻ ايندا هئا هڪ رات آيا ته. اسان جو ڏاڏو فقير صاحب لاءِ ماني کڻي آيو پر کير کڻي ڪو نه آيو ۽ فقير صاحب کي چيائين ته. سائين دعا ڪريو ته مينهيون ويامن ته کير ٿي پئي، اوطاقي ماڻهو آهيون مهمانن کي کير پياريون. ته فقير صاحب چيو ته. ابا! توهان وٽ ڪا ٻڪري آهي؟ ته وراڻيائون. هائو سائين! اسان وٽ هڪ ٻڪري آهي پر کير ٿورو اٿس. فقير صاحب چيو ته. ابا! ٻڪري ڪاهي اچو. پوءِ ٻڪري وٺس

ڪاهي آيا تہ پاڻ ٻڪريءَ جي پُٺن تي دعا جو هٿ ڦيريائون جيڪا وڏي عرصي تائين ڪير ڏيندي رهي تان جو ٻڪري پوڙهي ٿي وئي.

(15) بهادر فقير ٿهيم (ڳوٺ غلام محمد ٿهيم نزد ڳوٺ پيرو فقير شورو) ڳالهہ ڪئي تہ مون سان سلطان لورڙ ٽنڊو آدم واري ڳالهہ ڪئي تہ پيرو فقير جي عرس تي اسان آيا هئاسون. اتي ويٺا هئاسون تہ ٻہ فقير يڪتائي جا راڳي آيا، تنبورا هٿن ۾ هئن سي اچي ويٺا ۽ چيائون تہ ابا! اسان کي بہ وارو ڏيو تہ اسين بہ شاهہ سائين جو راڳ ڳايون. اتي مولودي بہ ويٺا هئا ۽ سائين فقير منئار بہ ويٺل هو. ماڻهن اچي فقير منئار کي چيو تہ سائين راڳي فقير پيلا آهن، اجازت ڏيو تہ ڳائين. فقير سائين منئار چيو تہ ابا! تنبورن کانسواءِ پيلي ڳائين باقي تنبورا نہ وڄائين پوءِ فقيرن تنبورن کانسواءِ شاهہ جو راڳ ڳايو.

(16) ماستر غلام قادر خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ ڳوٺ شير محمد نوڙها لڳ اڏيرو لال، اتي مائي جيئري خاصخيلي وٽ پيرو فقير جا وار ۽ ڪنگي (ڦڻي) هئي. ڪنگيءَ ۾ ڳاڙها وار هئا جيڪي ڪپڙي م ويڙهيو رکيو ويٺا هئا. وارن کي ميندي لڳل هئي. فقير صاحب انهن جي وڏن وٽ ويندو هو.

پوءِ چون ٿا تہ درياءِ وارو ڪلياڻ بند ڀڳو ۽ ان ٻوڏ ۾ گهر ۽ ڳوٺ ٻڏي ويا تہ فقير صاحب جا وار بہ انهي ۾ لڙهي ويا.

(17) چون ٿا تہ ڳوٺ شير محمد نوڙها (نزد اڏيرو لال) جي ڪنيارن وٽ بہ فقير صاحب ويندو هو جن کي بہ خاص دعا ڪئي هئائين. اهي ڪنيار اڄ تائين ماڻهن جون ڀڳل ٻانهون ۽ ٽنگون ٻڌن ٿا. جن ۾ پهرين ڪريم ڏنو ڪنيار، پوءِ ان جو پٽ محمد صديق ڪنيار، ان کان پوءِ ان جو پٽ الهہ بچايو ڪنيار ۽ هاڻي الهبچائي جو پٽ گلاب ڪنيار آهي.

(18) پيرو فقير سان سفر ۾ سدائين سندس پوٽو خضر فقير ولد محمد ادريس گڏ هوندو هو. حاجي لال بخش ڪلوئي ڳوٺ جان محمد ڪلوئي واري ڳالهہ ڪئي تہ اسان خضر فقير ڏٺو هو.

حاجي لال بخش ڪلوئي (ڳوٺ جان محمد ڪلوئي نزد ڳوٺ پيرو

فقير شورو) چيو تہ هڪ پيرو خضر فقير ڳالھ ڪئي تہ آئون ڏاڏا سائين پيرو فقير سان ٿر جي سفر ۾ گڏ هئس. اسان کي رستي ۾ رات پئجي وئي. مٿان اوچتو هوا ۽ مينهن بہ اچي ڪڙڪيو اسان ڪنهن وڻ جي اوٽ ۾ وڃي ويناسون. جڏهن برسات بيني ۽ هوا بہ هلڪي ٿي تہ اڳتي هلڻ لڳاسين. ڏاڏا سائين پلجي ڪو ٻيو رستو ورتو. تہ مون چيو جنهن ڳوٺ ۾ پاڻ کي هلڻو آهي، سو انهي پاسي ڪونهي. بلڪ هن پاسي آهي. پر ڏاڏا سائين چوي تہ نہ هن پاسي آهي. آئون چوان تہ ڏاڏا منهنجو چوڻ مڃو تہ. نيٺ ڏاڏا سائين منهنجو چوڻ ورتو تہ. وڃي انهي ڳوٺ ۾ پهتاسين. ڳوٺ ۾ پهچڻ تي ڪافي ماڻهو اچي گڏ ٿيا جيڪي ڏاڏا سائين سان تمام ادب سان مليا. پوءِ ڏاڏا سائين انهن کي چيو تہ ابا! رستو ڏاڍو ڏکيو هو. اشهد آڱر سان اشارو ڪري چيائين تہ هي ڇوڪر ڏاڍو هوشيار آهي. پوءِ هتي ڳوٺ (ڳوٺ پيرو فقير شورو) ۾ ڪو بہ مهمان ايندو هو تہ ڏاڏا سائين مون ڏي اشارو ڪري چوندو هو تہ ابا! هي ڇوڪرو هوشيار آهي پوءِ مهمانن کي اهو مٿيون سڄو قصو ڪري ٻڌائيندا هئا.

(19) بزرگ پيرو فقير شورو سندن پٽن کي هميشہ هدايت ڪندو هو تہ ابا! ڳوٺ ۾ جي سيد ذات جا وينل هجن تہ انهن کي نہ اٿارجو انهن جي عزت ڪندا رهجو. جي ٻاهران ڪٿان ڪو بہ سيد ذات وارو لڏي اچي تہ انهي ڳوٺ ۾ ويهڻ نہ ڏجو. انهي کي گهر جا پيسا ڏوڪڙ ڏيئي روانو ڪجو. ڇو تہ اوچي ذات آهي مٿان اوهان کان انهن جي بي ادبي ٿي پوي.

(20) بزرگ سائين پيرو فقير فرمائيندا هئا تہ جنهن ماڻهو جو الله تعاليٰ سان تعلق هوندو تنهن جو مثال جنڊ جي ٻن پڙن وانگر آهي، جن ۾ ان جا داڻا وجهبا آهن تہ جيڪي داڻا ڪير (جنڊ جي وچئين ڪِلِ) جي پر ۾ هوندا آهن سي ثابت پيا هوندا آهن پر ٻيا جيڪي ڪير کان پري هوندا آهن سي پيسجي اٽو ٿي ويندا آهن.

(21) سيد گل منير شاهہ (ڳوٺ وهاب شاهہ اسٽيشن) ڳالھ ڪئي تہ سائين پيرو فقير اسان وٽ ايندو هو. هڪ ڀيرو آيو تہ اسان جي ٻڪري ويائي هئي، جيڪا ڦرن کي نہ پئي ڌارائي. هڪ ماڻهو ٻڪري جهلي بيهي تہ

پوءِ ڦرن کي ڏارائي. انهي مهل اسان جي وڏي ڏاڏي چيو سائين پيرو فقير! اسان جي هيءَ ٻڪري ڦرن کي ڏارائي نہ ٿي، دعا ڪريو تہ ڦرن کي ڏائڻ ڏئي. پوءِ فقير صاحب ٻڪريءَ جي ڪن ۾ جهلي مروٽ ڏيئي فرمايو تہ ڦر ڇاوا اٿئي هاڻي ڏارائين ڪا نہ ٿي. اجا مروٽ ڏيئي فقير صاحب هٿ ڪڍيو تہ ٻڪري ڊوڙي وڃي ڦرن جي مٿان ڪري ڏارائڻ لڳي.

(22) سيد ارشاد علي شاهہ چيو تہ اسان جو ڏاڏو سيد وهاب شاهہ آيو هو پيرو فقير وٽ، سيد وهاب شاهہ گهوڙيءَ تي سوار هو. فقير صاحب سان ملي ڪچهري ڪري گهوڙيءَ تي سوار ٿيڻ لڳو تہ فقير صاحب چيس تہ سائين! ڪيڏانهن ٿا وڃو ڪچهري ڦٽائي تڪڙا ڇو ٿا وڃو؟ سائين وهاب شاهہ چيو تہ فقير صاحب! گهوڙيءَ ڇاڻو ڪيو آهي سو ڪيس گهوڙو ڏيارڻ ٿو وڃان. تہ فقير صاحب چيو تہ توهان وڃو نہ. گهوڙي اتي جو اتي سائي ٿي ويندي. پوءِ فقير صاحب اٿي وڃي گهوڙيءَ جي پٺن تي ٻہ ٿي هٿ هڻي چيو تہ سائين! هاڻي گهوڙي سائي ٿي وئي آهي. پوءِ قدرت خدا جي ڪجهہ مهينن ڪان بعد ۾ گهوڙيءَ ڦر ڄڻيو جنهن جي ڏنڀي ڇڏيو ۽ ڪچو ڦر ڪيرائي وڌو. ڦر کي ڏنائون تہ پٺن ۾ ڪنبڻ هئس.

(23) چون ٿا تہ سائين پيرو فقير وٽ هڪ ماڻهو ڄارڪي جو ايندو هو. ڄارڪي بوزدارن جو ڳوٺ آهي جيڪو ٽنڊي الهيار جي ويجهو چمبڙ روڊ تي آهي. اهو ماڻهو هڪ پيرو ڏينهن جو آيو. سڄو ڏينهن ويٺو رهيو. سانجهي نماز ڪان پوءِ چيائين فقير صاحب! سائين مون کي موڪل ڏيو تہ هاڻي ڳوٺ وڃان. فقير صاحب چيو تہ ابا! پنڌ پري آهي. تہ هن همراهہ چيو تہ سائين! رات ڪٿي ترسندس پر توهان موڪل ڏيو تہ وڃان. پوءِ فقير صاحب چيس تہ مون سان ٻاهر نڪري هلي آ. جڏهن اهو همراهہ فقير سان گڏ ٻاهر نڪري آيو تہ فقير صاحب آڱر سان اشارو ڪري انهي همراهہ کي چيو تہ اها ڳاڙهي بتي ڏسين پيو؟ تہ همراه وراڻيو تہ هائو سائين! تنهن تي فقير چيس تہ اها آهي ڄارڪي شهر جي بتي. هاڻي انهي کي سڌو هليو وڃ چون ٿا تہ انهي همراهہ اجا چار پنج وکون مس کنيون تہ سندس گهر پهچي ويو.

(24) حاجي محمد ابراهيم ٻهڻ ٽنڊو آدم واري چيو تہ. ٽنڊو آدم ۾ الهڏنو ٻهڻ هو جنهن وٽ فقير صاحب ايندو هو. هڪ پيرو فقير صاحب اٿ

تي چڙهي ويو ۽ الهڏني ٻهڻ سان ڪچهري ڪيائين. نماز جو ٽائم ٿيو ته فقير صاحب نماز پڙهڻ هليو ويو. جڏهن نماز پڙهي فقير صاحب واپس آيو ته الهڏني ٻهڻ عرض ڪيو ته فقير سائين! توهان ويا نماز تي توهان جي اٺ منهنجو مٽ پيجي ڇڏيو ته فقير صاحب چيس ته ابا الهڏنا!! جي منهنجي اٺ تنهنجو مٽ پڳو آهي ته اسان ان جي بدلي الله سائين کان تنهنجي لاءِ پٽ ٽا وٺي ڏيون. پلا انهي سودي تي راضي آهين!! ته الهڏنو تمام گهڻو خوش ٿيو چو ته الهڏني کي پٽ جو اولاد ڪو نه هو. فقير صاحب فرمايو ته الله جي حڪم سان توکي پٽ ڄمندو ته نالو رکجانس ڪمال فقير ۽ انهي پٽ جون وصفون به ٻڌايائين. خدا جي قدرت، الهڏني کي پٽ ڄائو ۽ جيڪي به وصفون فقير صاحب ٻڌايون سي ان ۾ موجود هيون.

(25) استاد مفتي منٺار فقير چيو ته اسان جي مدرسي ۾ هڪ ڇوڪر اتر جي پاسي جو پڙهندو هو. سو هڪ پيري چوري ڪري ڀڄي هليو ويو. اسان انهي ڇوڪري کي ڳوليندي ڳوليندي وڃي سندس ڳوٺ پهتاسون. اتفاق سان انهي ڳوٺ ۾ اهو ئي ڇوڪر ملي ويو. اسان سان مليو ۽ اسان کي وٺي وڃي سندس گهر جي ٻاهران ٻيهاريائين ۽ پاڻ گهر اندران پاٽي جو دلو ۽ تڏو کڻي آيو ۽ اسان کي چيائين ته ويهو آئون اچان ٿو. پاڻ جو ويو ته وري نه وريو. ڪجهه دير کان پوءِ سندس پيءُ آيو ۽ اسان کان حال احوال ورتو. اسان کيس سڄو احوال ڏنو پوءِ چيائين ته ابا هتي رات رهو صبح جو توهان کي پنهنجي رقم ملندي رات رهياسين. صبح جو اسان چا ڏسون ته هڪ همراه ڪٽ تي ستو پيو آهي چار ماڻهو انهي کي کنيو پيا اچن ۽ انهن اها ڪٽ آڻي اسان جي سامهون رکي. ڏنوسون ته وڏي ڄمار جو همراهه آهي سندس پٽن اسان کي ٻڌايو ته هيءُ اسان جو والد آهي. انهي اسان کان پڇيو ته توهان ڪير ۽ ڪٿي جا آهيو؟ اسان انهي جهوني کي چيو ته ٺٽي آدم جي پاسي جا آهيون. پوءِ انهي جهوني شخص چيو ته مون پيرو فقير شورو وڏي ڄمار ۾ ڏٺو هو. اسان فقير صاحب وٽ ويندا هئاسون. فقير صاحب الله جو نيڪ ٻانهو هو. انهي جهوني چيو ته ٻڌم ته پيرو فقير جي پاڙي جا مهمان ٿي آيا آهن سو دل چيو ته ساڻن ملي اچان پيو ڪو به ڪم ڪار ڪونهي. سو اوهان

جي زيارت لاءِ پاڻ ڪٽائي حاضر ٿيو آهيان ڀيو سارو خير.

(26) علي بخش عمراڻي سڪرنڊ واري ڳالهہ ڪئي تہ، هتي پيرو فقير شوري جي درگاهہ تي سائين حاجي محمد شاهہ ناصريءَ وارو آيل هو. انهن ڏينهن بابا وارا هتي (ڳوٺ پيرو فقير شوري ۾) ويٺل هئا. اسان جو ڏاڏو بچل سو سڪرنڊ ويٺل هو جيڪو سگهو سگهو پيو ايندو هو. انهي رات ڏاڏا بچل بہ آيو تہ اسان ڏاڏا کي ٻڌايو تہ سائين حاجي محمد شاهہ فقيرن ۾ سائين پيرو فقير جي درگاهہ تي آيل آهي. ڏاڏا سائين، حاجي محمد شاهہ جو مريد بہ هو. سو جڏهن ڏاڏا سائين، حاجي محمد شاهہ جي سامهون آيو تہ حاجي محمد شاهہ چيو تہ، ابا خير تہ آهي جو هتي پيو ڦِرين؟ ڏاڏي بچل وراڻيو تہ. سائين فقير صاحب جي ڳوٺ ۾ منهنجو پٽ ٿو رهي تنهن سان ملڻ ايندو آهيان. پوءِ سائين حاجي محمد شاهہ چيو تہ بچل! تنهنجا تہ ڀاڳ چئبا. اسان تہ هنن جاين ۽ هنن فقيرن جي آستانن لاءِ سڪون پيا. تون پنهنجي پٽ سان بہ مليو وڃين ۽ فقيرن جي بہ زيارت ڪريو وڃين.

(27) هن وقت جنهن جاءِ تي پيرو فقير جو مقبرو آهي انهي جاءِ تي ڪافي وقت تائين ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندو رهيو. پوءِ جڏهن ڏاڏي سائين جو آخري وقت ٿيو تہ پنهنجي پٽن کي چيائين تہ، ابا! مون کي هن جاءِ تي رکجو يعني مسجد جي پر ۾. پٽن چيو تہ، بابا پنهنجو تہ قبرستان جعفر ڏيٿو ۾ آهي پنهنجا گهڻا وڏا تہ اتي رکيل آهن. توهان وري هتي پيا چئو! تہ پاڻ فرمايائون تہ، ابا! هتي انهي ڪري ٿو چوان جو ڪو بہ نمازي مسلمان قل پڙهي بخشيندو ۽ مغفرت لاءِ دعا گهرندو. تنهنڪري بزرگ پيرو فقير کي هن جاءِ (موجوده مقبره واري جاءِ) تي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

(28) دفن ڪرڻ کان بعد چار پنج مهينا گذريا تہ، چون ٿا تہ، پنڌرهن سورهن ماڻهو آيا ۽ اچي سائين پيرو فقير جي فرزند سان مليا. فقير سائين جي فرزندن کي حال احوال ڏيندي چيائون تہ، اسان هندستان جا آهيون رڻ ڪڇ جي علائقي جا، اسان کي هن فقير صاحب جي خواب ۾ پارت ٿي پاڻ فرمايائون تہ، آئون ٺٽي آدم جي پر جو آهيان منهنجو نالو پيرو فقير ۽ ذات جو شورو آهيان. منهنجي قبر تي اچي مقبرو ٺاهيو. سرون پنهنجي هٿن سان

ٿاهجو بازار مان ٿهيل سرون نہ وٺجا ۽ اسان کي هيءَ مسجد شريف، هيءَ نم جو وڏو وڻ ۽ قبر خواب ۾ ڏيکاري وئي. هن علائقي ۾ پهچڻ بعد اسان ڪافي قبرستان ۽ مسجدون ڏٺيون پر اهو نقشو جيڪو خواب ۾ ڏيکاريو ويو هو سو ڳولي ڳولي هتي اچي لڌو اٿئون. هاڻي اسان کي اجازت ڏيو تہ اسان درگاهہ جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪريون. پوءِ پيرو فقير جي پٽن چيو تہ توهان پلي ٿاهيو. پوءِ انهن فقيرن ڪم شروع ڪيو. ڪچيون سرون ٺاهي پوءِ بٺو ٺاهي انهي ۾ پچايائون جڏهن سرون پچي تيار ٿيون تہ مقبري جو ڪم اوساري وغيره شروع ڪري تيزي سان تيار ڪري ورتائون. پوءِ چن ۽ ڳوڻ ملائي ان سان پلستر ڪيائون جنهن کي چيرولي يا نيرو پلستر چون ٿا. انهي سامان وٺڻ لاءِ هتان (درگاهہ کان) حيدرآباد ويا ۽ سامان وٺي (چن ڳوڻ وغيره) اٺ ڪرائي تي ڪري کڻي آيا ۽ پلستر ڪيائون. پيرو فقير جي پٽن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ هي جڏهن ڪم مڪمل ڪري وڃن تہ پنهنجي طرفان هنن کي ڪپڙن جا جوڙا ۽ اجرڪون ڏيون. سو جيترا همراه هئا اوترا ڪپڙن جا جوڙا سبرائي اجرڪون وٺي رکيائون ۽ انهن همراهن کان پڇيائون تہ اوهان هن ڪم مان ڪڏهن فارغ ٿيندا تہ هنن اهو ڏينهن ٻڌاين. پيرو فقير جي پٽن انهي ڏينهن لاءِ تياري ڪري ڇڏي. جڏهن انهي فارغ ٿيندڙ ڏينهن جي رات پوري ٿي تہ صبح سوير، پيرو فقير جا فرزند ڪپڙن جا جوڙا ۽ اجرڪون کڻي آيا ليڪن اهي همراهہ سندن بسترن تي موجود ڪو نہ هئا بلڪ آڏيءَ جو ٿي کٿون ۽ بسترا خالي ڇڏي الائي ڪهڙي پاسي روانا ٿي ويا. پيرو فقير جي فرزندن ڳوٺ وارن کان ۽ آسپاس وارن کان گهڻيئي پڇائون ڪيون ۽ تمام گهڻي ڳولا بہ ڪيائون پر انهن همراهن جو ڪٿان بہ ڪو ڏس پتو نہ پيو. اڄ تائين نہ انهن مان ڪا پهر آئي، نہ ڪي سندن ڪو اولاد مان بہ آيو.

(29) ڪجهہ سال ٿيا آهن تہ هندستان جي ٻاڙمير مان پيرو فقير جا ڪي مريد آيا هئا. چيائون تہ اسان راهمان ذات جا آهيون. اسان جا 10-8 گهر سائين پيرو فقير جا مريد آهن. اسان جي وڏن وٽ پيرو فقير ايندو هو. اسان جا وڏا بہ بزرگ وٽ سندن ڳوٺ ايندا هئا. ڪافي وقت گذري ويو. اسان جا اهي وڏا بہ وفات ڪري ويا ۽ هندستان پاڪستان جي وچ واري سرحد تي

تار بہ لڳي وئي. هاڻي اسان ريل رستي آيا آهيون. پوءِ اهي رات رهيا ۽ پوءِ واپس روانا ٿي ويا. جنهن مهل هتي درگاهہ تي پهتا تہ جتيون ٻاهر لاهي ڇڏيائون پير اگهاڙا ڪري درگاهہ تي پهتا ۽ قبر کي ڀاڪر وجهي تمام گهڻو رنا روئندي پئي چيائون تہ اسان جا وڏا ايندا هئا اسان جي تہ اڄ قسمت ٿي آهي تڏهن اهي ڳالهيون ياد ڪري ٿا روئون.

انهن آيل راهمن ڪچهري ڪندي ٻڌايو تہ اسان وٽ اسپنگر جو فصل جام ٿيندو آهي جڏهن اهو فصل تيار ٿيندو آهي تہ ڪرو ٿيڻ وقت پهرين ڪجهہ حصو خدا واٽ خيرات ڪِدي پيرو فقير جي روحن کي بخش ڪري پوءِ ٻيو گهر کڻي ويندا آهيون. ڪڏهن بہ ڪا ڏکيائي پيش ايندي آهي يا اگهائي ٿي پوندي آهي تہ سائين پيرو فقير جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ ديڳڙو پٽ جو رڌي ٻارن کي کارائي دعا گهري ڇڏيندا آهيون تہ اها تڪليف دور ٿي ويندي آهي.

(30) چون ٿا تہ جڏهن پيروفقير ننڍڙو هو تہ سندس والده ڪيس صبح جي پهر گيهہ ۾ ڪُٽي ناهي ڏيندي هيس، سو کائيندو هو. روزانہ جي معمول مطابق ڪيس سڏي چوندي هئي تہ ابا اچي ڪُٽي کاءُ! تہ پاڻ سندس والده کان ڪُٽي وارو ٿانوء وٺي کڻي اچي ٻاهر ننڍڙن ٻارن کي سڏي پاڻ سان گڏ کارائيندو هو. اهو ڏسي سندس والده چوندي هيس تہ ابا هتي گهر ۾ ويهي ڇو نہ ٿو کائين؟ تہ وراڻيندو هو تہ امان! مون کي هڪ جيڏن ٻارن کانسواءِ ڪُٽي وڻي ئي نہ ٿي.

(31) بهادر فقير ٿهيم چيو تہ اسان کي استاد منٺار فقير ٻڌايو تہ پيرو فقير شورو فرمائيندا هئا تہ ساريون اکريءَ ۾ وجهي مُهري سان جڏهن ڪُٽي صاف ڪبيون آهن تہ انهن سارين کي اکري مُهري صفا ڪا نہ ٿي ڪري، پر اهي ساريون پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان لڳي صفا ٿين ٿيون. ﷲ وارن سان صحبت جو بہ اهو مثال آهي تہ دليون بہ نيڪن جي دلين سان قرب ويجهڙائي ۽ صحبت ۾ لڳي صاف ٿين ٿيون.

# خليفو پيرو فقير جي پوٽن وغيره بابت ٻُڌل واقعات

**از: فقير حاجي جان محمد شورو**

(1) آچر ٿهيم ڳوٺ ڪامل ڪالوني واري چيو ته، هڪ ڀيري آئون صبح سوير ڍاندن جو جوڙو ڪاهيو پئي ويس ٻني تي، ته سائين حاجي محمد فقير (پيرو فقير جو پوٽو) مسجد جي ٻاهرين دروازي وٽ ويٺو هو ته مون سلام ڪيو ته پاڻ سلام جو جواب ڏيئي، مون کي چيائين ته، ابا ٿورو هيڏانهن اچ ته آئون وڃي ساڻس مليس. چيائين ته ابا هن جانور ويچاري سان ڪهڙو ويل ڪيو اٿئي، جو هن ڍاند کي نٿ هنئي اٿئي ٿلهي رسيءَ جي؟ مون وراڻيو ته سائين هيءَ ڍاند ويڙهو آهي، انهي ڪري ايتري ٿلهي نٿ هنئي اٿمانس. پر سائين اڳتي وڌيو ڍاند ڏانهن، ته مون چيو ته، سائين! ڍاند کي ويجها نه وڃو ڍاند وڙهندو! ته سائين چيو ته، ابا ڪو نه وڙهندو. نيٺ سائين ڍاند ڏي وڌيو. دل ۾ چيم ته، يا خدا خير ڪج. آچر چيو ته، خدا پاڪ جو قسم، سائين وڃي ڍاند جي مٿي ۽ پٺن تي هٿ گهمايا ته، ڏڳو ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. سائين چيو ته، ابا آچر! هاڻ ڏڳو ڪڏهن ڪو نه وڙهندو ۽ اها نٿ رسي واري ڪڍي ڇڏينس. مون سائين جو چوڻ ڪري انهيءَ مهل رسي واري نٿ ڪڍي ڇڏي ۽ پوءِ ٻني تي ويس وڃي هر ڪاهيم. پوءِ جيترو به وقت اهو ڏڳو مون وٽ هو ته ڪڏهن به نه وڙهيو. بس هڪ سنهي رسي سان ٻڌل هوندو هو.

(2) پيرل مري ولد مراد علي مري ڳوٺ شهبيگ مري واري ڳالهه ڪئي

تہ لعل محمد مري جي ٻڪرين جو وڏو ڌڻ واڙ ۾ هوندو هو. هڪ رات خبر ناهي تہ ڪي ظالم ماڻهو آيا جو سيني ٻڪرين جا ٿڻ وڍي ويا. لعل محمد مري چيو تہ ٻڪرين سان هي ظلم مراد علي ڪيو آهي. سو لعل محمد آيو بابا مراد علي وٽ ۽ اچي چيائنس تہ ابا مراد علي منهنجي ٻڪرين جا ٿڻ تو وڍيا آهن؟ بابا مراد علي چيو تہ مون ڪونهي وڍيا. پر لعل محمد، بابا مراد علي کي چمبڙي ويو تہ مون کي تون ٻڪريون پري ڏي. تہ بابا چيو تہ، پرينندس. لعل محمد چيو تہ آئون تنهنجون ٻڪريون ڪاهيو ٿو وڃان. بابا مراد علي چيو تہ هرويرو تون مون کي ٿو چوين تہ، تو منهنجي ٻڪرين جا ٿڻ وڍيا آهن! هاڻي جي منهنجون ٻڪريون ڪاهيو ٿو وڃين تہ ڀلي ڪاهي وڃ پر منهنجي هڪڙي ڳالهہ ٻڌ، هي ٻڪريون آئون توکي هتي ڪاهڻ ڪو نہ ڏيندس ها باقي هڪڙي جاءِ آهي جتي ڏيندس، تہ لعل محمد چيو تہ ڪٿي ڏيندين؟ تہ بابا مراد علي چيو تہ، ڪورٽ تي. لعل محمد چيو تہ، ڪهڙي ڪورٽ؟ تہ بابا مراد علي چيو تہ سائين حاجي محمد فقير وٽ. پوءِ اهي ٻئي آيا. سائين حاجي محمد ويٺو هو. بابا مراد علي ساري ڳالهہ ڪري ٻڌائي تہ سائين وڏي (حاجي محمد فقير) چيو تہ ابا مراد علي! ٻڪريون تون ڏيئي ڇڏ لعل محمد کي، خدا توکي ڪو نہ ڇڏيندو. پوءِ لعل محمد گهر ٻڪريون ڪاهي ويو. خدا جي قدرت! سيئي ٻڪريون هڪ هڪ ٿي مري ويون.

(3) چاچا ولي محمد سينهڙي ڳالهہ ڪئي تہ سائين حاجي محمد وٽ هتي انگريز ڍل وٺڻ آيو. جنهن مهل انگريز جي نظر سائين حاجي محمد تي پيئي تہ چيائين سائين! آئون توکان ڍل ڪو نہ ٿو وٺان. توهان بزرگ ماڻهو آهيو. سائين چيو تہ نہ آئون ڍل ڏيندس، پر انگريز چيو تہ سائين آئون توکان ڍل ڪو نہ ٿو وٺان. تنهن تي سائين حاجي محمد چيو تہ اسان سرڪاري پاڻي وهيا آهيون آئون تہ ڍل ڏيندس نيٺ سائين حاجي محمد ڍل ڏيئي ڇڏي.

(4) هي ڳالهہ چاچا ولي محمد سينهڙي ٻڌائي تہ بابا جن سائين وڏي حاجي محمد فقير سان حج تي گڏ ويو هو. جڏهن اتي پهتا تہ بابا وڃائجي ويو. سيني رفيقن ڳولا ڪئي، پر ڪٿي بہ نہ لڌا. بہ ٽي ڏينهن لڳي ويا پوءِ سيني رفيقن سائين وڏي حاجي محمد فقير کي چيو تہ سائين توهان دعا

گهرو تہ حاجي محمد صالح اچي وجي تہ سائين وڏي دعا گهري. اجا دعا گهري مس واندو ٿيو تہ، بابا حاجي محمد صالح اچي ويو.

حاجي محمد فقير کي ڳوٺ جا، توڙي ٻاهر جا ماڻهو سائين وڏو ڪري سڏيندا هئا.

حاجي محمد صالح هن ڳوٺ پيرو فقير شوري جو هو. سدائين درگاهہ واري مسجد ۾ اذان ڏيندو هو. برسات هجي يا جهڪ، چا ٻہ هجي پر اذان هتي اچي ڏيندو هو. حالانڪ حاجي صالح جو گهر درگاهہ واري مسجد کان پري هوندو هو.

(5) ڪڻڪ جي لابارن تي هتي ٽر جا ماڻهو ايندا هئا. هڪ ڀيري سندن ڪو ٽامي جو ٿانوء کوهہ ۾ ڪري پيو تہ اهي ٽري سائين وڏي وٽ آيا ۽ اچي چيائون تہ سائين! اسان جو ٿانوء موريو پلو هو. سو توهان جي کوهہ ۾ ڪري پيو آهي، سو ڪيدي ڏيو. سائين وڏي چيو تہ، ابا! کوهہ وڏو آهي. انهي مان نڪري نہ سگهندو. پر هنن ضد ڪيو تہ هرويرو اسان کي ٿانوء ڪيدي ڏيو. موريو ٿانوء کي ڪرندي ٻہ ٽي ڏينهن ٿي ويا هئا. نيٺ سائين وڏي چيو تہ، ابا هلو تہ هلي ٿانوء ڪيون. کوهہ تي وجي سائين وڏي ڪجهہ پڙهيو تہ پڙهڻ سان قدرت خدا جي ٽامي وارو موريو مٿي نڪري تري بيهي رهيو ۽ پوءِ اهو ٻاهر ڪيدي ورتائون انهي وقت ڳوٺ جا ماڻهو ٻہ ڪافي تعداد ۾ بيٺل هئا، جن اهو سڄو نظارو اکين سان پئي ڏٺو.

(6) حاجي عبدالرحمان ٻجوري چيو تہ، آئون استاد فقير منٺار مرحوم جي مدرسي ۾ پڙهندو هئس اتي فقير سائين حاجي محمد شورو گهٽو ايندو هو. هڪ ڀيري فقير حاجي محمد آيو تہ، مدرسي ۾ نماز باجماعت ٿي چڪي هئي. آئون اجا مسجد ۾ ويٺل هئس. جنهن مهل سائين حاجي محمد فقير مسجد ۾ آيو تہ، سومار ماڇي ٻہ نماز پڙهي رهيو هو تہ، فقير حاجي محمد سومار جي پر ۾ بيهي نماز پڙهڻ لڳو. جڏهن سومار نماز پڙهي بس ڪئي تہ، سومار سائين وڏي کان پڇيو تہ توهان منهنجي پنيان نماز پڙهي آهي چا؟ تہ سائين وڏي وراڻيو تہ هائو! مون تنهنجي پنيان نماز پڙهي آهي. سومار چيو تہ، آئون ماڇي گدلو گنهگار، توهان بزرگ پلارا ماڻهو اهو ٻڌي سائين وڏي چيو تہ، تون مسلمان ڪو نہ آهين چا؟ سومار چيو تہ، هائو سائين آئون مسلمان

آهيان. پوءِ سائين وڏي چيس تہ بس اهو ئي ڪافي آهي.

سومار وري چيس تہ، سائين مون تہ سنت پڙهي هئي، هاڻي توهان فرض جي نيت ڪري فرض نماز پڙهايو آئون توهان جي پٺيان ٿو پڙهان. پوءِ فقير صاحب نماز پڙهائي، سومار ماڇي پر ۾ بيٺو. تان جو نماز ختم ٿي.

اهو نظارو ڏسي حاجي عبدالرحمان چيو تہ، اڳي آئون ماڇي ذات کان نفرت ڪندو هئس. پر هن موقعي تي فقير صاحب کي محبت ڪندي ڏٺم تہ، ماڇي ذات کان منهنجي نفرت ختم ٿي وئي.

(7) حاجي عبدالرحمان ٻجوري هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌائي تہ، مون سان سيد قاسم شاهہ ڳالهہ ڪئي تہ، آئون حاجي محمد فقير وٽ ويٺو هئس. هڪ پناڻ آيو ۽ اچي فقير صاحب کي چيائين تہ، ماني کارايو. فقير صاحب سندس پٽ حاجي شفيع محمد کي چيو تہ، ابا وڃ ماني کڻي اچ. انهي وقت حاجي شفيع محمد فقير ننڍو هو. سو ماني کڻي آيو مکڻ ۽ ٻاجهري جي ماني. مکڻ ماني جي مٿان رکيل هو. پناڻ دبڪي ورائي چيو تہ، مين گدهي ڪا کهانا نهين کائون گا. هن جي ذهن ۾ هو تہ، ٻاجهري جي ماني گڏهن جو کاڌو آهي. پناڻ جا اهي لفظ ٻڌي فقير صاحب يڪدم اٿي بيهي چيو تہ، حاضر بابا ٻي ماني اچي ٿي. فقير صاحب، حاجي شفيع محمد کي چيو تہ، ابا جلدي وڃ ڪڻڪ جي تازي ماني تيار ڪرائي کڻي اچ. ننڍڙو شفيع محمد وري گهر ويو. فقير حاجي محمد، انهي پناڻ جي سامهون ٻانهون ٻڌي بيٺو رهيو ۽ چئي رهيو هو تہ، حاضر بابا دير ڪا نہ ٿيندي. جيستائين شفيع محمد ماني کڻي اچي تيستائين فقير صاحب بيٺو رهيو. نيٺ حاجي شفيع محمد ماني کڻي آيو تہ سائين حاجي محمد مکڻ لسي مان ڪڍي کيس ماني تي رکي ڏنو تہ پناڻ وري چيو تہ، يہ جونا هو گيا هي تہ وري سائين حاجي محمد ننڍڙي شفيع محمد کي چيو تہ، ابا وڃ ٻي ماني کڻي اچ. وري بہ سائين حاجي محمد، پناڻ جي سامهون ٻانهون ٻڌيو بيٺو رهيو. پوءِ جڏهن ماني الڳ ۽ مکڻ الڳ کڻي آيو تہ پوءِ پناڻ ماني کائي هليو ويو. حاجي عبدالرحمان چيو تہ، قاسم شاهہ مون کي چيو تہ، مون کي اهو ڏسي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آئي تہ پناڻ فقير صاحب کي ڪيترو نہ پريشان پيو ڪري. پر فقير صاحب نهايت

صابرين پانهو هو.

(8) حاجي حسين بخش ٿهيم ڳالهہ ڪئي تہ سائين حاجي محمد فقير ٽنڊو آدم شهر مان ڪم ڪار لاهي واپس گهوڙيءَ تي ورندا هئا تہ ٻيا ماڻهو بہ گهوڙن تي هوندا هئا. پر فقير صاحب جي گهوڙي کي نہ پهچندا هئا. فقير صاحب گهوڙي کي ڪڏهن بہ ڊوڙائيندا نہ هئا. گهوڙي پنهنجي رمز سان پئي ايندي هئي.

(9) حاجي الهبخش خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ سائين حاجي محمد سيد ذات جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. چيائين تہ هڪ دعوت ۾ سائين حاجي محمد مونکي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو. جنهن اوطاق ۾ دعوت رکيل هئي تہ اتي پهتاسين تہ انهي اوطاق ۾ هڪ سيد ذات جو وينو هو. ڪجهہ ماڻهو کيس ڦِريا وينا هئا تہ ڪي ٻيا وري شاهہ صاحب لاءِ پنگ پيا گهوٽين. جنهن مهل شاهہ صاحب، سائين حاجي محمد ڏٺو تہ کيس مخاطب ٿي چيائين تہ حاجي محمد! تون بہ گهڻا ڏينهن بچي ويو آهين. اڄ توکي هي ٿاڌل جو ڪونڊو پيئڻو آهي! سائين وڏي چيو تہ حاضر سائين پيئون ٿا. موالي اجا پنگ گهوٽي رهيا هئا ۽ اسان اتي ڪجهہ گهڙيون ويناسين. پوءِ سائين وڏي مون کي آهستي چيو تہ ابا الله بخش هن سيد مان تہ لوهہ تي وياسين! هاڻي هيئن ڪر جو ڪرو ڪڻ تہ ٻاهر نڪرڻ جو بهانو ڪري اٿون. پوءِ مون ڪرو کنيو ۽ سائين وڏو اٿي اڳيان هلڻ لڳو تہ اتي سيد چيو تہ ڪو نہ ڇڏيندس! سائين وڏي چيو تہ ٿورو ٻاهران ٿي اچون! اوطاق کان ٻاهر نڪري سائين وڏي چيو تہ ابا الله بخش! ڪؤنرو اتي ڇڏ. پچ تہ پڄون، هيءَ دعوت ئي گهوري (قربان ٿي). پوءِ اسان هليا آياسون ۽ دعوت سائين وڏي ڪو نہ کاڌي.

(10) مٺر ابڙي ڳالهہ ڪئي تہ حاجي مبارڪ ملوڪاڻي ڳالهہ ڪئي تہ آئون حج تي ويس. حرم ۾ اجا نماز جماعت ڪا نہ ٿي هئي تہ ڏٺم تہ سائين حاجي محمد فقير وينو آهي، دل ۾ خيال ڪيم تہ نماز پڙهي فارغ ٿي پوءِ تو وڃي فقير سائين سان ملان. نماز پڙهي فارغ ٿيس تہ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪيم پر فقير صاحب ڏسڻ ۾ نہ آيو. ان وقت آئون ڏاڍو حيران ٿيس. پر نيت حج پڙهي خيرن سان واپس ڳوٺ آيس تہ سائين حاجي محمد فقير مون کي

مبارڪ ڏيڻ لاءِ مون وٽ ڳوٺ آيو. مبارڪون ڏيئي مون کان پڇيائون تہ ابا ڏي خبر! توهان کي ڪو مزو آيو! مون چيو تہ. سائين آئون توهان کي ڇا ٻڌايان. توهان تہ پاڻ اتي موجود هئا. پاڻ وراڻيائون تہ ماڻهو ماڻهن جهڙا پيا آهن تو ڪو اهڙو ماڻهو ڏٺو هوندو! مون چيو تہ نہ سائين، مون سڃاتو هو پوءِ فقير صاحب منهنجي وات تي هٿ رکي چيو تہ ابا هاڻ بس.

(11) حاجي محمد صديق ورياهہ ستياري واري ڳالهہ ڪئي تہ. استاد محمد اسحاق عمراڻي اسان سان ڳالهہ ڪئي تہ. ٽنڊو آدم ۾ هڪ ميمڻ جو ڪپڙي جو دڪان هو. انهي دڪان تي اسان وڃي ويهندا هئاسين. انهي ميمڻ اسان سان ڳالهہ ڪئي تہ. مون وٽ سعودي جو ڪو مهمان آيل هو. اسان دڪان تي ويٺي ڪچهري ڪئي تہ اچانڪ سائين حاجي محمد فقير اچي اسان جي دڪان جي اڳيان مٿيو. فقير صاحب بينو ڪو نہ. سلام ورائي هليو ويو. ميمڻ چيو تہ. مون کان هن عربستان واري مهمان پڇيو تہ. هي همراهہ ڪير آهي؟ مون چيو تہ. شورو فقير آهي سندس نالو حاجي محمد، پاڻ سندس ڏاڏي بزرگ پيرو فقير شوري جي نالي تي ٻڌل ڳوٺ پيرو فقير شورو ۾ رهي ٿو. عربستان واري مهمان وڏيڪ چيو تہ. هي فقير صاحب مديني ۾ ٿو رهي ڇا؟ تہ ميمڻ چيو تہ نہ. رهي پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿو. باقي حج پڙهي آيو آهي. پوءِ انهي مهمان عربستان واري چيو تہ. هي بزرگ مسجد نبوي ۾ آئون جمعي تي ڏسندو آهيان تہ اتي نماز پيو پڙهي. هي تہ وڏو بزرگ شخص آهي.

(12) حسين سومري ڳوٺ محمد صادق وساڻ واري ڳالهہ ڪئي ۽ عام ماڻهو بہ هي ڳالهہ ڪندا آهن تہ. سائين حاجي محمد فقير، سويو وساڻ وٽ ويندو هو. اهو ڳوٺ 46 ديهہ نيا آباد جي پر ۾ آهي. هڪ ڀيري سويي وساڻ وٽ حاجي محمد فقير آيو ۽ ان کي چيائون تہ ابا! ڪهڙا حال آهن؟ سويي وراڻيو تہ سڀ خير آهي خوش آهيون پر هڪڙي تڪليف آهي. تہ سائين حاجي محمد فقير چيو تہ. ٻڌاءِ ڪهڙي تڪليف آهي؟ سويي چيو تہ. سڀ ڪجهہ آهي پر پاڻي مٺو ڪونهي. کوهہ بہ کٽايو اٿم. پوءِ سائين حاجي محمد فقير چيو

تہ بس، اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟! توهان مصري ڪٽي اچو الله تعاليٰ آساني ڪندو. سوڀي خان مصري گهرائي سائين حاجي محمد فقير کي ڏني، جنهن اها مصري پڙهي چيو تہ ابا سوڀا خان! هي مصري وڃي کوهہ ۾ وجهہ رب سائين ڪندو تہ کوهہ منو ٿي ويندو. قدرت خدا جي، مصري وجهڻ شرط کوهہ جو پاڻي منو ٿي ويو. جيڪو اڄ تائين ڳوٺ جا ماڻهو پيا پيئن. ڳوٺ وارن انهي کوهہ تي موٽر لڳائي ڇڏيا آهن سڀ پيا پاڻي ڀرين ۽ پيئن.

ٻي کوهي املهہ وساڻ جي ڳوٺ ۾ بہ آهي. اتي سائين حاجي محمد فقير ويندو هو. هڪ ڀيري پاڻ املهہ وساڻ وٽ ويو تہ املهہ وساڻ عرض ڪيو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ منو پاڻي ڪونهي کوهي آهي پر پاڻي ڪارو اٿس تہ سائين حاجي محمد فقير املهہ وساڻ کي چيو تہ ابا ڪا بہ وڏي ڳالهہ ڪانهي. توهان ڪنڌ ڪٽي اچو. پوءِ ڪنڌ آٽي سائين حاجي محمد کي ڏنائون سائين حاجي محمد ڪنڌ پڙهي ڏيڻ وقت چيو تہ ابا بسم الله ڪري وجهو کوهي ۾، رب سائين ڪندو تہ کوهيءَ جو پاڻي منو ٿي ويندو. قدرت خدا جي، اڄ تائين کوهي منو پاڻي پئي ڏئي. انهي کوهي تي بہ موٽر لڳا پيا آهن ڳوٺ جا سڀ ماڻهو اهو پاڻي پيا ڀرين.

(13) صابو ڪنڀار ڳوٺ طاهر هنگورو واري ڳالهہ ڪئي تہ مون سان ڳالهہ ڪئي سيد نظير احمد شاهہ ڳوٺ سيد وهاب شاهہ تہ اسان وٽ سائين حاجي محمد فقير ايندو هو. هڪ ڀيري آيو تہ بابا سائين حاجي خير محمد شاهہ چيو تہ اسان جي ڊڳي آهي پر صحي طرح سان مِڙي ڪا نہ ٿي. ڪير بہ منجهس گهٽو آهي. دعا ڪريو تہ ڪير صحي طرح سان ڏئي. پوءِ سائين حاجي محمد فقير اٿيو ڊڳي جي پٺن تي هٿ هٽي چيائون تہ سائين جن کي ڪير پئي ڏي! انهي ڏينهن کان وٺي ڊڳي لت ڪا نہ هنئي. صحي طرح سان ڪير ڏيندي رهي ۽ ڊڪي بہ ڪا نہ ٿي، نہ ڪي مهاڙ ڪيائين. اها ڊڳي اسان وٽ ڪافي وقت بيٺي هئي.

(14) عمر خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ اسان کي چاچا حاجي الله بخش ڳالهہ ڪندو هو تہ اسان سائين حاجي محمد فقير وٽ رهندا هئاسين. سائين جا اٺ بہ هوندا هئا. اسان ٽيئي اٺن تي ڪٽي ٽنڊو آدم جي ڪارخاني

۾ پهچائيندا هئاسين. جنهن مهل ڦٽيون اٺن تي رکي بس ڪندا هئاسين ته سائين حاجي محمد فقير اسان کي چوندو هو ته ابا ڦٽيون فلاڻي ڪارخاني تي لاهجؤ. ٻيا اٺ پنيان هوندا هئا، سائين حاجي محمد فقير جو اٺ اڳيان هوندو هو. قدرت خدا جي سائين وارو اٺ، سڌو هلي انهي ڪارخاني ۾ گوڏا کوڙيندو هو جنهن ڪارخاني ۾ سائين حاجي محمد فقير چوندو هو ته ڦٽيون فلاڻي ڪارخاني ۾ لاهجؤ.

(15) يار محمد ابڙي ڳالهه ڪئي ته، سائين حاجي شفيع محمد وٽ پيراني جو واڻيو آيو ۽ اچي چيائين ته سائين! توهان مون کي ڦٽيون ڏيو ته سائين حاجي شفيع محمد چيو ته ابا! اسان ٽنڊي آدم جي ڪارخانن تي ڦٽيون ڏيندا آهيون. ته سيٺ واڻئي چيو ته، سائين توهان پلي ٽنڊي آدم واري ڪارخاني تي ڦٽيون ڏيو پر مون کي صرف هڪ ٻڙو ڦٽين جو ڏيو دعا جو ته آئون بين ڦٽين سان گڏ وجهي ڪارخاني ۾ هلايان ته منهنجي ڪارخاني ۾ برڪت پوي. چو ته پيرو فقير جي زمين جون ڦٽيون مون وٽ ايندڀون ته وڏيڪ برڪت پوندي. واڻين جو پيرو فقير ۽ سندس فقير خاندان ۾ ايڏو عقيدو هوندو هو.

(16) چنگل شوري ٻڍاپور واري چيو ته منهنجون اکيون اٿي پيون ۽ اکين ۾ سور به هو. آئون ننڍڙو هئس. مون کي منهنجي ناني سائين حاجي محمد فقير وٽ کڻي آئي ۽ اچي چيائين ته سائين هن ننڍڙي کي دعا ڪريو ته اکين مان سور لهيس. پوءِ سائين دعا ڪئي. دعا ڪرڻ وقت چيائون ته هن ننڍڙي جون اکيون هاڻ ڪڏهن به نه اٿنديون. اڄ تائين منهنجون اکيون وري نه اٿيون ۽ نه سور ٿيو. ڪيترا پيرا منهجين اکين ۾ دشمنن زهر وڌو پر ڪو به اثر ڪو نه ٿيو. دشمن ڪيترا پيرا مون کي مارڻ به آيا، پر مون کي ڪجهه به نه ڪري سگهيا. اڄ تائين سائين حاجي محمد فقير جي دعا مون سان گڏ آهي. ايڏو وڏو بزرگ هو. رب سائين، حاجي محمد فقير کي جنت ۾ جايون عطا ڪري.

(17) خان محمد ٿهيم ڳوٺ غلام محمد ٿهيم واري ڳالهه ڪئي ته استاد مننار فقير چيو ته، حاجي محمد وٽ هڪ ماڻهو ٿر جو آيو ۽ اچي فقير حاجي محمد کي چيائين ته مون کي تعويذ لکڻ سيکاريو. خراب تعويذن لاءِ چيائين. فقير صاحب چيو ته، ڪجهه ڏينهن ويهه ته پوءِ تو کي سيکاريندس.

اهو ٽر جو ماڻهو ڪجهه ڏينهن وينو فقير صاحب نصيحتون ۽ ٻيون سٺيون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. فقير صاحب وٽ هر قسم جا مهمان مڙها گهڻا پيا ايندا هئا. هڪ ڏينهن انهي ٽر جي ماڻهوءَ کي چيائين ته ابا! هلي آء ته توکي تعويذ سيکاريان! انهي ماڻهوءَ وراڻيو ته، سائين هاڻي منهنجي دل مان تعويذ لکڻ جو خيال ئي ختم ٿي ويو. توهان جون جيڪي محبتون، ڪرامتون، ۽ نصيحتون ٻڌيون اٿم، تن اهي شوق ئي پورا ڪري ڇڏيا. بس هاڻي رڳو دعا پيا ڪجؤ.

(18) بهادر فقير ٿهيم ڳوٺ غلام محمد واري ڳالهه ڪئي ته مون کي سائين منٺار فقير مرحوم ٻڌايو ته، حاجي محمد فقير وٽ هڪ ماڻهو ڏيڍ لک روپيا امانت رکي ويو. خدا جي قدرت اهو ماڻهو ڪجهه وقت کان پوءِ وفات ڪري ويو. انهي ماڻهوءَ جو ٻيو ڪو به وارث ڪو نه هو. باقي هڪ وارث هو پر اهو چريو هو ماڻهن چيو ته، سائين! هن ماڻهو جو فقط هڪ چرئي کانسواءِ ٻيو ڪو به وارث ناهي، توهان انهي مرحوم جي امانت ڪنهن مسجد ۾ يا ڪنهن خير جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو. پر فقير صاحب چيو ته، ابا ڀلي چريو هجي پر جيڪو وارث آهي امانت ان کي ملندي. پوءِ فقير صاحب انهي چرئي کي ڏيڍ لک ڏيئي ڇڏيو.

حاجي محمد فقير وٽ ماڻهو تمام گهڻيون امانتون ڇڏي ويندا هئا. روڪ رقم، سون چاندي وغيره. پر ڏٺين کي امانت انهي حال ۾ ملندي هئي جنهن حال ۾ ڏيئي ويندا هئا. جنهن ڪپڙي ۾ ويڙهيل يا ٻڌل امانت هوندي هئي ته واپس به انهي ڪپڙي ۾ ملندي هئي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سائين وٽ اچي رقم کلي ڪرائيندو هو ۽ جي انهي مهل سائين وٽ کليا نه هوندا هئا ته، ماڻهو چوندا هئا ته، سائين توهان وٽ امانت وارا پيسا پيا هوندا، انهن مان کليا ڪري ڏيو ته، چوندا هئا ته، ابا! آئون ڌڻي جي اجازت کانسواءِ نه ڏيندس. متان امانت وارو ماڻهو سمجهي ته، فقير منهنجن پيسن مان ڪاروبار ڪيو آهيس بابا اهو ڪم ڪو نه ڪبو.

(19) باز محمد ٻبر ڳالهه ڪئي ته، اسان وٽ شاديءَ جو ڀت هو. سائين حاجي محمد فقير آيو. شاديءَ ۾ ڳائڻ وڄائڻ هو. فقير صاحب پاسي تي آرامي ٿيا پر ڪجهه جا ٻڙا گهرائي ڪنن ۾ وجهي سمهي پيا ۽ چيائون ته ساز

سرود ٻڌڻ حرام آهي شريعت اجازت نہ ٿي ڏئي.

(20) سيد گل محمد شاهہ ولد محمد شاهہ مولودي، ڳوٺ ڪمال ٻرڙي واري ڳالهہ ڪئي تہ، مون کي پيٽ ۾ سور هو. سور نہ پيو ڇڏي. پوءِ بابا مون کي حاجي محمد فقير جي پٽ حاجي شفيع محمد فقير وٽ وٺي ويو. فقير صاحب کي بابا چيو تہ، سائين! منهنجي هن پٽ کي پيٽ ۾ سور آهي. دوا بہ ورتي اٿئون پر سور ڇڏيئي ڪو نہ ٿو. هاڻي توهان دعا بہ ڪريو ۽ ڦيٿو بہ رکو. فقير حاجي شفيع محمد ڦيٿو بہ رکيو تہ امل داس بہ ڏنائين تہ وڃي ڪاڙهي پياريو. پوءِ مون امل داس ڪاڙهي پيتو. اڄ تائين مون کي وري سور نہ پيو.

(21) عبدالرحمان ولد حاجي شير محمد خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ، اسان جي پيءُ حاجي شير محمد کي پٽ جو اولاد نہ پئي ٿيو. بابا کي نياڻيون هيون پر پٽ نہ هئس. پوءِ بابا ٻي شاديءَ جو ارادو ڪري هن ڳوٺ پير فقير شوري ۾ رهندڙ خاصخيلي ذات وارن وٽ آيو. انهن سان ڳالهيون ٿيون نيٺ هنن چيو تہ، اسان توهان کي سڱ ڏيون ٿا. پوءِ بابا، سائين حاجي محمد فقير وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ، سائين! توهان جي هن ڳوٺ مان آئون فلاڻي خاصخيلي وٽان شادي ٿو ڪريان. نڪاح بہ توهان پڙهندا، تہ سائين حاجي محمد فقير بابا کي چيو تہ، ابا ٻي شادي اتان نہ ڪر، تہ بابا چيو تہ سائين مونکي پٽ جو اولاد ڪونهي. سائين حاجي محمد فقير چيو تہ، خدا ڪندو توکي انهي گهر واري مان پٽاٽو اولاد ٿيندو. اهو ٻڌي بابا سائين کي چيو تہ، بس سائين هاڻي آئون ٻي شادي ڪو نہ ٿو ڪريان. پوءِ بابا ٻي شادي ڪو نہ ڪئي. پوءِ بابا کي اسان پائر جلد ئي ڄاواسون.

(22) حاجي محمد فقير شوري کي سيد ذات اوڏائي تمام گهڻو پائيندا هئا. سائين حاجي محمد قاسم شاهہ، سائين حاجي علي محمد شاهہ ۽ ٻيا. سائين حاجي محمد فقير سيدن وٽ بہ ويندا هئا تہ سائين اوڏائي سيد هتي سائين حاجي محمد فقير وٽ بہ ايندا هئا. هي سيد دعا، پٽ وارا هئا.

سيد حاجي خير محمد شاهہ ڳوٺ وهاب شاهہ وارا، انهن سان بہ سائين حاجي محمد فقير جي گهڻي محبت هوندي هئي. سائين حاجي خير محمد شاهہ هر سال پيرو فقير شوري جي ڏهاڙي تي اچي مولود پڙهندو هو. ساڻس

گڏ حاجي علي محمد شورو ڳوٺ الهڏني ساند وارو ۽ ٻيا به ڪافي مولودي اچي مولود پڙهندا هئا. ٻيو سيد محمد شاهه ڳوٺ ڪمال ٻرڙو وارو به. حاجي محمد فقير سان گهڻو محبت ڪندو هو.

فقير حاجي محمد شوري وٽ، سيد حاجي يار محمد شاهه دائري شريف وارا به تمام گهڻو ايندا هئا. اهي وڏا بزرگ هئا ۽ ڪرامت جا صاحب هئا. سائين حاجي يار محمد شاهه جا وڏا به وڏي منزل وارا هئا. سندن وڏو مدرسو هوندو هو جتي اڍائي سؤ شاگرد پڙهندا هئا. اتي جن به پڙهندا هئا. انهي مدرسي ۾ شاگردن جو تعداد اڍائي سؤ وارو هلندو آيو. انهن سيدن جي هر بزرگ وٽ جنات پڙهندي هئي. انهن سيدن سڀني ۾ سيد علي محمد شاهه وڏو قاري هو. سيد علي محمد شاهه مٽياري ساداتن مان عيسيٰ شاهه جي اولاد مان حمزه شاهه بنوري نقشبندي جو پڙ پوٽو هو ۽ سيد نيڪ محمد شاهه جو فرزند هو. تاريخ 5 ماه رجب 1226هه ۾ جائو. سندس والد ۽ ڏاڏو اتي دائري شريف ۾ رهندا هئا. سندن ٻيا ويجها عزيز به دائري واري درسگاهه سان وابسته هئا. انهي ڪري دائري وارا سيد سڏجن ٿا. سيد قاري علي محمد شاهه نون سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو. موجوده گادي نشين سيد حاجي يار محمد شاهه آهي جيڪو سيد حاجي محمد ابراهيم شاهه جو فرزند آهي. مطلب ته هنن دائري وارن سيدن جا وڏڙا تمام وڏا بزرگ هئا.

(23) ٽپيدار حضور بخش بوزدار ڳوٺ مير خان بوزدار واري ڳالهه ڪئي ته، منهنجو بابو ۽ بابا جو سؤٽ محمد عثمان، ٻئي ٽنائي جي ميلي تان رات جو واپس موٽيا. سندن ڳوٺ ڏي پئي آيا. رستو ڪچو هو. جنهن مهل ڳوٺ پيرو فقير شوري جي پر وٽان لنگهيا ته، محمد عثمان، محمد قاسم کي چيو ته اڄوڪي رات سائين حاجي محمد فقير وٽ هلي ٿا رهون. ته بابا چيو ته، فقير صاحب وٽ ته هلون پر ڇا آهي جو آئون رات جو ماني کائيندو آهيان کير ۽ لسي ملائي ٻهڙ ڪري پوءِ. فقير صاحب وٽ ته کير هوندو پر مون کي خالي کير وٽي ڪو نه ٿو ته محمد عثمان چيو ته ادا تون هل ته سهي، پوءِ جيڪي ڪجهه هوندو سو کائينداسون. نيٺ هي آيا ته سائين حاجي محمد فقير پاڻ ويٺو هو. حال احوال وٺي ڇيائين ته، ابا محمد عثمان ماني

مٿي ڇڪي ۾ پئي آهي، تون تہ ڪائيندو آهين ڪير ماني ۾ هيءَ ڇوڪرو ڪائيندو آهي لسي ۾ ڪير گڏي ملائي. انهي لاءِ لسي ۾ ڪير گڏايو مليو پيو آهي وچي ڪائي. محمد قاسم حيران ٿي ويو. چيائين تہ آئون فقير صاحب وٽ پهريون پيرو ويو هئس اڳي ڪڏهن بہ ڪو نہ ويو هئس. ڪيئن خبر پئي فقير صاحب کي تہ محمد قاسم کير ۾ لسي ملائي ڪائيندو آهي. انهي واقعي ڪانپوءِ فقير صاحب وٽ بابا جو اچڻ وڃڻ گهڻو ٿيو.

(24) تپيدار حضور بخش بوزدار هي بہ ڳالهہ ٻڌائي تہ. فقير حاجي محمد کي بابا عرض ڪيو تہ، سائين هڪ پٽ اٿم دعا ڪريو تہ. ٻيو بہ پٽ ٿئي. تہ فقير صاحب وراڻيو ابا محمد قاسم هن هڪ پٽ مان ئي گنج ٿيندئي! الحمدلله مون کي هاڻي ڇهہ پٽ آهن.

(25) فيروز پناڻ ڳالهہ ڪئي تہ. اسان هميشہ هتي حاجي محمد فقير وٽ اچي رهندا هئاسين. فقير صاحب اسان کي ننگر پاڻي ڪرائيندا هئا، ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيا. هڪ پيرو اسان 25 پناڻ هئاسين، سائين حاجي محمد فقير وينو هو اسان اچا مس ويناسين تہ مٿان وري ٻيو ٽولو پناڻن جو اچي لٿو اهي بہ 25 ڄڻا هئا. انهي وقت سج لهي چڪو هو. فقير صاحب چيو تہ ابا توهان ويهو تہ آئون گهر وڃي ماني تيار ڪرڻ لاءِ چئي ٿو اچان. فقير صاحب گهر ويا تہ، اسان پناڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ پاڻ 50 ماڻهو آهيون. فقير صاحب کي تڪليف ٿيندي. هاڻي 25 ماڻهو وڏيري حاجي محمد مراد شوري وٽ وڃن ۽ باقي 25 ماڻهو فقير صاحب وٽ رهن. سڀني چيو تہ صحي آهي. پوءِ 25 ڄڻا حاجي محمد مراد شوري وٽ سندس اوطاق تي ويا. هتي فقير صاحب وٽ اسان 25 ماڻهو وڃي رهياسين. ٿوري دير کان پوءِ فقير صاحب آيو ۽ اچي چيائين تہ ٻيا همراهہ ڪيڏانهن ويا؟ اسان چيوسين تہ سائين! وڏيرن جي اوطاق تي هليا ويا. فقير صاحب چيو تہ ابا ڇو هليا ويا؟ اسان چيو تہ، سائين گهڻا ماڻهو هئاسين، سوچيو سين توهان کي تڪليف ٿيندي تنهنڪري اوڏانهن هليا ويا آهن. فقير صاحب چيو تہ ابا توهان تہ مون کي ٻي همٿ ڪري ڇڏيو. هتي ڪيترا ٻيا اچو ننگر پاڻي ڪريو. اسان

ڪو نہ ٿڪنداسين. رب سائين برڪت وجهي ڏيندو.

سائين حاجي محمد فقير هميشہ مدرسي جي ننڍڙن شاگردن سان گڏ ماني کائيندو هو. وٽس مست چريا بہ ايندا هئا، انهن کي وات مان گگون پيون وهنديون هيون، تہ بہ انهن سان پاڻي، لسي، ۽ کير جا ڍڪ گڏ پيو پيئندو هو. ڪڏهن بہ کائڻ نفرت نہ ڪيائين. ٻار پڻ کائڻ وقت چانور وغيره تڏي تي هاري ڇڏيندا هئا تہ پاڻ هٿن سان چونڊي کائي ڇڏيندا هئا.

(26) قيصر ملوڪاڻي ڳالهہ ڪئي تہ، بابا مون کي سائين حاجي محمد فقير وٽ وٺي آيو. آئون ننڍڙو نه هئس. هتي آيا سون تہ، ڏٺم تہ، سائين حاجي محمد فقير ننڍڙن ٻارن سان گڏ پٽ کائي رهيو هو. جڏهن ٻار سيئي ويا هليا تہ، ٻارن جيڪي چانور تڏي تي ڪيرايا هئاسي فقير صاحب چونڊي هٿ جي ترئَ تي رکي کائي رهيو هو. مون بابا کي چيو تہ، بابا! هي ڪهڙو فقير آهي جو پٽ تان چانور چونڊيو پيو کائي، تہ بابا چيو تہ، ابا ماٺ ڪر، هي وڏو درويش بزرگ آهي.

(27) استاد پير شمس الدين قريشي شهدادپور واري ڳالهہ ڪئي تہ، آئون سائين حاجي محمد فقير وٽ پڙهندو هئس. ڪافي ماڻهو ايندا هئا. ڪي چريا بہ هوندا هئا تہ ڪي ننڍا ٻار بہ هوندا هئا پر ڪنهن کان بہ نفرت نہ ڪندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ اهڙو ماڻهو آيو جو بنهہ گدلو، ڪپڙا تمام ميرا ۽ خراب، هٿن پيرن جا ننهن بہ وڏا. تنهن اچي مون کان پاڻي گهريو. مون ڪيس پاڻي ڀري ڏنو. اڌ گلاس پيءُ، باقي رهيل اڌ گلاس سائين حاجي محمد فقير کي ڏنائين. سائين ڪجهہ پيتو ۽ ٻيو ڪجهہ ورائي مون کي ڏنائون ۽ چيائون تہ پير صاحب هي پاڻي تون پي ڇڏ. مون سائين کان وٺي ورتو. جي سائين وڏو پاڻ هن جي اوبر نہ پيئي ها تہ آئون ڪڏهن بہ ڪو نہ پيئان ها. مون تہ اهو سائين جو اوبر سمجهي پي ورتو. سائين وڏو الله وارو هو. ڪنهن بہ انسان کان نفرت نہ ڪيائين.

(28) احمد ولد دلو خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ هتي سائين حاجي محمد فقير وٽ سيوهڻ جو هڪ سيد آيو ۽ اچي چيائين تہ آئون ڳوٺ غلام ٿهيم

جي پر وڌان پئي آيس ۽ ٻنيءَ جو ٻنو ڏيو پئي آيس ٻني ۾ زميندار بيٺو هو تنهن مون کي چيو تہ منهنجي ٻنيء مان ڇو مٽيو آهين؟ لٺ هٿي ٻانهن ڀڃي وڌي اٿس، پوءِ سائين حاجي محمد فقير، حاجي الهہ بخش کي گهرائي چيو تہ، ابا الهہ بخش ! هي سيد سائين آهي، هن جي ٻانهن جو پٽو ڪر. پوءِ حاجي الهہ بخش پٽو ڪيو ۽ سائين حاجي محمد چيو تہ ابا الهہ بخش! تون هتي اچي سائين جو پٽو ڪريو وڃ ۽ اسان سائين جي پيا خدمت ڪنداسون . سيد سائين ٺيڪ ٿيڻ تائين جيترو وقت بہ رهيو سائين حاجي محمد فقير، سيد صاحب کي روز ڪُٽي آٽي پيو کارائيندو هو.

(29) مزار ڪلوئي ڳالهہ ڪئي تہ ، اسان سائين پيروفقير جي ڏهاڙي لاءِ خيرات خاطر هڪ وڏو ڍڳو ڪيو جيڪو ڏهاڙي کان اڳيئي چوري ٿي ويو تہ اسان وڃي فقيرن کي ٻڌايو تہ پوءِ سائين عبدالله فقير کي چور ڍڳو ڏيئي ويا ۽ چورن کانئس بخشرايو. ٻي ڳالهہ بہ ڪيائين تہ سائين حاجي محمد فقير وٽ ڪافي ماڻهو آيا انهن سيني لاءِ ننگر آيو تہ سيئي ڪائڻ وينا تہ هڪ همراهہ کي فقير صاحب چيو تہ ابا تون ويهہ تو جيڪو دل ۾ سوچيو آهي، سو توکي ملندو. پوءِ فقير سيني کي ننگر ڪرائي بعد ۾ انهي ماڻهو لاءِ الڳ گوشت جو ٻوڙ ڪٽي آيو اڳم جن بہ ماڻهن کي ننگر ڪرايائون سو چانورن سان هو. اهو ڳالهہ ڪرڻ وارو مزار ڪلوئي ڪراچي هوٽل دلور جو آهي.

(30) نور محمد مڪراني ڳوٺ امام بخش ٿهيم واري کان سائين حاجي محمدفقير ٻڪريون وٺڻ ويا تہ ، فقير صاحب چيو تہ، ابا ٻڪرين جو ملهہ ڪريو! نور محمد مڪراني چيو تہ چار روپيہ هڪ ٻڪري. تہ فقير صاحب سوچي سوچي چيو تہ ابا هائو! توهان چيا آهن. چار روپيہ، پر ٻڪريون توهان جون متاريون آهن، آئون توهان کي سوا چار روپيہ ٿو ڏيان پوءِ فقير صاحب سوا چار روپيہ جي حساب سان پيسا ڏيئي الهہ بخش سان گڏ ٻڪريون ڪاهي آيو.

(31) حاجي الهہ بخش چيو تہ، آئون سائين حاجي محمد فقير وٽ هاري هئس ٻنيءَ جي هڪ ٽڪري ۾ جهنگ تمام گهڻو هو. پوءِ سائين مون کي چيو تہ ابا الهہ بخش زمين صفا ڪر . پوءِ مون وڏا لاهہ ڪيدي جهنگ صفا

ڪيو. پوءِ سائين مون کي چيو تہ ابا هاٽي مُلهہ ڪر تہ تنهنجي مزوري گهٽي ٿي. تہ مون چيو تہ، سائين آئون هاري آهيان، مزوري نہ وٺندس. سائين تمام گهڻو زور ڪيو پر مون جواب ڏنو پوءِ سائين ٻئي ڏينهن ٻنيءَ تي آيو تہ مون کي سڏ ڪيائين. آيون وٽس ويس تہ هڪ پنج سيرو موريو نالي ٽانوءِ هو جنهن ۾ سچو گيهہ پيل هو. سو مون کي ڏيندي چيائين تہ تو هيءَ محنت ڪئي آهي، سو هيءَ گيهہ وجي کاءَ پوءِ مون اهو گيهہ ورتو.

(32) ساجن ولد جعفر ملو ڪاٽي چيو تہ سائين حاجي محمد فقير جا اسين هاري هئاسين اسان ووٺڻ بہ ڪاهيا ۽ ٻاجهري بہ ڪاهي. ٻاجهري مٿانهين زمين تي ڪاهيل هئي تہ ووٺڻ هيناهين زمين تي هئا. جي ووٺڻ کي پاڻي پياريون تہ ٻاجهري کي پاڻي نہ پيو پهچي ۽ ٽائم ختم ٿيو وڃي پوءِ سائين وڏي کي چيو سين تہ هاڻ ڇا ڪريون ٻاجهري تہ سُڪيو ٿي وڃي! پوءِ سائين چيو تہ سُڪندي. ڪا نہ رب سائين کان دعا ٿا گهرون تہ رب سائين پاڻ کي ڪوئلي تي ٻاجهري پچائي ڏيندو قدرت خدا جي بزرگ جي دعا سان ٻاجهري پاڻيءَ کانسواءِ پچي تيار ٿي. جنهن مهل ٻاجهري جاڪانا لئاسين تہ هرڪاني جي پاڙ ۾ ڪوئلو (اڱار) ڦاٽو پيو هو.

(33) حاجي محمد سليمان سينهڙي چيو تہ، اسان سائين حاجي محمد فقير وٽ پڙهندا هئاسين سائين جن پاڻ بہ پڙهائيندا هئا ۽ ٻيو هن ڳوٺ جو وينل محمد ڪنڀار بہ پڙهائيندو هو. جنهن کي ڇوڪرن جا مائٽ هر مهيني هڪ روپيو پگهار بہ ڏيندا هئا. پوءِ وري نئين ڪوٽ جو وينل سعيد خان چانڊيو بہ پڙهائيندو هو. هتي مسافر ڇوڪرابہ پڙهندا هئا اسان شاگرد گڏ جي هر خميس تي آسپاس جي ڳوٺن ۾ ويندا هئاسين پوءِ هر ماڻهو پنهنجي پهچ ۽ حال آهر ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيندو هو. ڪو ڪڻڪ ڏيندو هو. تہ ڪو ٻاجهر، ڪو شاگردن لاءِ ڪپڙو ڏيندو هو. استاد سعيد خان بہ گڏ هلندو هو. ڪڏهن هواڪيلو بہ ويندو هو. استاد سعيد خان قداور هوندو هو. هڪ ڀيرو هو اڪيلو ويو ڪنهن ڳوٺ ۾، سو ڪنهن گهر جي ٻاهران بيهي سڏ ڪيائين گهوڙي تان تہ هيٺ لهہ ! گهرن جي پر آهي، !! تہ استاد سعيد خان چيو تہ، امان آئون گهوڙي تي چڙهيل ڪونہ آهيان،منهنجو قد ايترو ڊگهو

آهي، اهو استاد جڏهن بہ ڳوٺان ايندو هو تہ اچڻ سان، سائين پيرو فقير جي قبرستان لاءِ گارو ٺاهي سيني قبرن کي لنبيندو هو. هڪ پيرو ڳوٺ ويو تہ واپسيءَ ۾ سندس پٽ محمد يوسف پاڻ سان گڏ وٺي آيو، ڇوڪرو ننڍڙو هو. هتي درگاهہ تي پهتو تہ کيس بخار ٿي پيو ۽ طبيعت تمام گهڻي خراب ٿي پيس. پر قدرت خدا جي استاد سعيد خان وفات ڪري ويو ۽ هو ڇوڪرو ٺيڪ ٿي ويو. استاد سعيد خان کي سيد مانجهي شاهہ قبرستان ۾ دفنايو ويو. مانجهي شاهہ جو قبرستان مسجد جي سامهون آهي، سيد مانجهي شاهہ تمام پراڻو بزرگ هو. چون ٿا تہ جڏهن هي ڊوري وارو درياء وهندو هو تہ پاڻ بزرگ ٻارهين مهيني ٻيڙي ۾ چڙهي ايندو هو ساڻس گڏ ڪجهہ خليفا بہ هوندا هئا، هن قبرستان واري جاءِ تي اچي وهندو هو. انهن ڏينهن هتي وڏو ڪنڊي جو وڻ هوندو هو. رات رهي پوءِ اڳتي هليو ويندو هو. هڪ پيرو آيو تہ سندس طبيعت صحيح ڪا نہ هئي ۽ هتي وفات ڪيائين تہ کيس هتيئي دفن ڪري ڇڏيائون هاڻي هتي ڪافي مسافر بہ دفن ٿيل آهن ٽر جا بہ ڪافي ماڻهو دفن ٿيل آهن، ننڍڙا ٻار بہ رکيل آهن.

(34) سائين حاجي محمد فقير سائين پيرو فقير جا سڳا پوٽا هئا. پاڻ قرآن شريف پڙهيا هئا يوسف فقير جي مدرسہ ۾ اهو مدرسو نوبت مري جي ڳوٺ جي پير ۾ هو. ڳوٺ طاهر هڱورو بہ قريب آهي، ۽ سيد وهاب شاهہ جو ڳوٺ بہ قريب آهي. انهي مدرسہ ۾ نصرپور جو قاضي پڙهائيندو هو انهي وٽ سائين حاجي محمد فقير سان گڏ حاجي بچل سينهڙو ڪلر شاخ وارو، مولوي عرس ڏاهري سبڙ ڏاهري بہ پڙهندا هئا. اتان ڪان قرآن شريف پڙهي پوءِ هتي اچي پنهنجي ڏاڏا سائين پيرو فقير جي درگاهہ تي اچي ويٺا ۽ ٻيو نمبر گادي نشين ٿيا. ڪافي ماڻهو سندن صحبت ۽ مجلس ۾ رهندا ۽ ايندا هئا، ۽ فيض ورتائون سندن ڪرامتون بہ گهڻيون آهن. فقير حاجي فيض محمد راڄڙ بسيءَ وارن سان بہ تمام گهڻو پيار هوندو هئن. فقير حاجي فيض محمد راڄڙ بہ وٽن گهڻو ايندو هو.

(35) استاد پير شمس الدين قريشي شهداد پور واري ڳالهہ ڪئي تہ مون کي منهنجو چاچو پير حبيب الله وٺي آيو سائين حاجي محمد فقير وٽ قرآن

شريف پڙھڻ لاءِ فقير صاحب وينا هئا، خبر چارو ورتائون چاچا چيو تہ سائين
هي ڇوڪرو منهنجو ياٽئيو آهي، توهان وٽ وني آيو آهيان، تہ هن کي قرآن
شريف پڙهايو تہ فقير چيو تہ ابا! آئون ڪونہ پڙهائيندس هن پير کي تہ چاچا
چيو تہ ڇو سائين؟ فقير صاحب وراڻيو تہ ابا! توهان آهيو قريشي تہ اسان جا
مرشد بہ آهن قريشي. متان ڪو اسان کان لفظ نڪري وڃي بي ادب ٿي
وڃئون! اتي مون چيوتہ سائين مون کي پنهنجو ٻچو سمجهي ڪري پڙهايو،
اهو ٻڌي فقير صاحب چيو تہ ابا توکي پڙهايون ٿا. پوءِ آئون پڙهندو پيو هئس
شاگرد بہ ڪافي هئا. سائين حاجي محمد فقير وضو لاءِ اٿندا هئا تہ آئون ڊوڙي
ڪؤنرو پري ڏيندو هئس تہ مون کان ڪو نہ وٺندا هئا چوندا هئا تہ پير صاحب
توهان تڪليف نہ ڪريو، ڪوڙ شاگرد وينا آهن، مون کان ڪؤنرو نہ وٺندا هئا
جي ٻاهران ڪٿان ايندا هئا تہ گهوڙي تان اجا لهن ئي مس تہ آئون ڊوڙي وڃي
واڳ وٺندو هئس، پر مون کي گهوڙي جي واڳ نہ ڏيندا هئا پوءِ ٻيا ڇوڪرا
واڳ وٺندا هئا مطلب تہ اسان کي تمام گهڻو ياٽيندا ۽ عزت ڏيندا هئا.

(36) هيءَ ڳالهہ بہ استاد پير شمس الدين ٻڌائي تہ سردي جي موسم ۾
اسان ٻاهہ جي مچ تي وينا هئا سون سائين وڏو حاجي محمد فقير بہ وينو هو.
تہ اوچتو متان سائين عبدالله فقير بہ آيو. جيڪو حاجي محمد فقير جو
ياٽئيو بہ هو تہ نياڻو بہ هو. تنهن ايندي شرط اچي مون کان اجرڪ گهري تہ
جيئن تڏو چنبڙي ان تي ويهي چو تہ تڏي تي مٽي پيل هئي مون چيو تہ آئون
اجرڪ نہ ڏيندس منهنجي اجرڪ خراب ٿيندي تڏهن سائين حاجي محمد
فقير چيو تہ پير صاحب تون اجرڪ ڏي عبدالله کي جي خراب ٿي پوندي تہ
توکي آئون نئين وني ڏيندس پوءِ مون عبدالله فقير کي اجرڪ ڏني جنهن
اجرڪ سان تڏو چنبڙي وينو پوءِ مون کي اجرڪ واپس ڏنائين تہ مون چيو تہ
منهنجي اجرڪ تہ خراب ٿي وئي! پوءِ حاجي محمد فقير چيو تہ، ابا هاڻ
آئون ٻن ٽن ڏينهن ۾ شهر ويندس پوءِ تولاءِ اجرڪ وٺيو ايندس سائين شهر
ويو اجرڪ وني اچي مون کي ڏنائين مون اجرڪ ڏسي چيو تہ هيءَ اجرڪ
سني ناهي منهنجي اجرڪ تہ ٻہ پڙي هئي سو مون ورائي سائين حاجي محمد
فقير کي ڏني سائين ناراض نہ ٿيو ۽ مرڪي چيائين ابا آئون شهر وري
ويندس تولاءِ ٻہ پڙي اجرڪ وني ايندس مون جيڪا اجرڪ موٽائي ڏني سا

ڪنهن چوڪر کي ڏيئي ڇڏيائون نيٺ سائين حاجي محمد شهر ويو ۽ اجرڪ وٺي آئي مون کي ڏنائين مون تي پاڻ ايترو مهربان هو.

(37) چون ٿا تہ سائين حاجي محمد فقير جي وقت ۾ ڪافي مسافر مسڪين غريب بيمار هتي رهندا هئا، جن کي ڪاڏو پيتو دوا درمل گندي ڪپڙو بہ سائين پاڻ وٺي ڏيندو هو. محمد نالي سومرو حڪيم هوندو هو تمام سنو حڪيم هو. عام طرح سڄي ڳوٺ وارا اوسي پاسي وارا ڪيس ڏاڏو قاضي ڪري چوندا هئس. اولاد ڪونہ هئس، ننگر پاٽي هن درگاهہ تان ڪٽي وڃي گهر کائيندو هو. جيڪڏهن ڪو مسافر وغيره بيمار ٿي پوندو هوتہ، سائين حاجي محمد ڏاڏا قاضي کي گهرائي علاج ڪرائيندو هو.

(38) استاد سائين فقير منٺار چيو تہ هڪ پيري آيس هتي درگاهہ تي حاجي محمد فقير بہ حال حيات هو. انهي وقت مون اچي ڏٺو تہ، هڪ همراهہ ٿلهي تي رکيل کٽ تي ستو پيو آهي، سندس پيٽ وڏو هو ۽ تڪليف تمام گهڻي هيس. تہ فقير حاجي محمد چيو ڪنهن ماڻهوءَ کي تہ قاضي کي وٺي اچو تہ هن مسافر جو علاج ڪرايون قاضيءَ اچي ڏٺو ۽ فقير حاجي محمد کي چيائين تہ سائين! هن جو علاج آهي، پر هن جو ڪو مائٽ وغيره ڪو نہ آهي، هن کي دوا ڏيندا سين پيٽ هلائڻ جي هن جا ڪپڙا وغيره خراب ٿيندا تہ صفائي ڪير ڪندو؟ دوا ڏيڻ تي پيٽ تمام گهڻو هلندو! استاد منٺار چيو تہ مون ڏٺو تہ هن مسافر جون اکيون پوريل هيون جنهن مهل قاضيءَ چيو تہ هن جي صفائي ڪير ڪندو تہ هن پوريل اکيون پٽيون قاضيءَ ۾ نهاري اکيون بند ڪيائين تہ روح پرواز ٿي ويس استاد منٺار فقير چيو تہ قاضيءَ هن جو ڪير ڪونہ آهي تہ ربّ سائين هن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو چو تہ هو پنهنجن سان پاڻ پلائي ڪري ٿو. نيٺ ان کي غسل، ڪفن ڏيئي جنازي نماز پڙهائي مانجهي شاهہ جي قبرستان ۾ دفن ڪيائون.

(39) پانڌي فقير دلوروارو ڏيٿو بہ هتي حاضري ڀريندو هو. ڳوٺ جڏهن بہ ويندو هو تہ ڳوٺ پهچڻ مهل اکين کان نابين جيترا ڏينهن بہ ڳوٺ هوندو هو تہ نابين پر جڏهن درگاهہ پيرو فقير تي ايندو هو تہ اکين کان پيو ڏسندو هو. پوءِ اهو چوندو پيو هو تہ پيرو فقير مطلب وارو آهي، ڳوٺ وڃان تہ اکين کان نابين ۽ جي هتي اچان تہ سوئي ۾ سڳو پيو وجهان.

(40) هڪ نوجوان گل محمد بروهي خضدار بلوچستان جو ٻہ اچي هتي رهيو ساري چمار ڪو نہ ٻڏايا ئين تہ ڪهڙي تڪليف ڪان ابا ٽو وطن ڇڏيو اٿس مال جو واپار ڪندو هو. سائين حاجي محمد فقير سان گڏ حج بہ ڪري آيو. هتي تمام سنو وقت ڪڍيائين درگاهہ جي فقيرن لاءِ پاڻ روز ياڃي وٺي ايندو هو. نندين ٻارن ڪي خرچي بہ ڏيندو هو. جمعي ڏينهن عطر وٺي مسجد ۽ درگاهہ ۾ ڇٽيندو هو. خريد ڪيل مال مان اصل رقم ڪان وڌيڪ نغعو ٿيندو هئس تہ نغعي جا ڪجهہ پيسا آٽي اصل ڏٽي ڪي ڏيندو هو ۽ ياڳئي ڪي چوندو هو تہ مون توهان جي مال مان ڪمايو آهي، سو ڪجهہ توهان بہ وٺو. اهو گل محمد بروهي بہ هتي وفات ڪري ويو.

(41) محمد ابراهيم بروهي بو ٻڪن وارو فقط رمضان شريف ۾ هتي اچي رهندو هو. هو چوندو هو تہ اسان جي پاسي گرمي گهٽي آهي، تنهنڪري هتي اچي ٿوروزار ڪان سندس پيٽ وڏو هوندو هو. ترا ويهون پڙهڻ ڪان اڳ پهرين سمهي پيٽ ڪي برف هٽندو هو. ۽ پوءِ اچي صف ۾ ٻيهندو هو. چوندو هو تہ پيٽ ۾ باهہ آهي، پر نماز ۽ روزونہ ڇڏيائين شام جو افطارجي وقت ڪم ڪار بہ تمام گهٽو ڪندو هو . عيد نماز پڙهي پوءِ هليو ويندو هو. هڪ ٻيري عيد ڪان پوءِ هڪ سال آيو. ٻہ چار راتيون ترسيو تہ رات جو خبر ناهي ڪيڏي مهل وفات ڪري ويو. ان ڪي مانجهي شاهہ قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

(42) محمد موسيٰ لاڪو ڳوٺ حاجي احمد لاڪو دلورواري ڳالهہ ڪئي تہ مون ڪي ولي محمد ڪلوئي عرف باڇا وينل ڪراچي هوٽل لڳ دلور موري واري ٻڌايو چيائين تہ آئون ٽندو آدم ويس واپسيءَ ۾ اچي بڪ تپايو دل ۾ سوچيم تہ شهر مان ماني ڪائي پوءِ ٿو ڳوٺ وڃان پروري خيال آيم تہ فقير حاجي محمد جي تمام گهٽي ڳالهہ ٽا ڪن تہ جيڪي بہ دل ۾ سوچي وڃو تہ فلاڻي ياڃي ملي تہ اها ياڃي ماني ملندي سو چو نہ فقير حاجي محمد جي مڪان تي وڃي مڇي ماني ڪائي اچان . سو اها ڳالهہ سوچي پيرو فقير جي درگاهہ تي آيس تہ فقير حاجي محمد وينو هو. بيا ماڻهو بہ ڏهہ ٻارهن وينا هئا پوءِ ماني آئي تہ فقير صاحب چيو تہ، ابا اچو ماني ڪائو. ولي محمد چيو تہ آئون ماني ڪائڻ لاءِ اٿيس تہ فقير صاحب چيو تہ تون ويهہ تو لاءِ ماني اچي ٿي

آئون ويهي رهيس سيئي ماڻهو ماني کائي هليا ويا. بعد ۾ هڪ چوڪرو فقير صاحب جي ۽ منهنجي ماني کڻي آيو. فقير صاحب به مون سان گڏ ويٺو. مڇي جي ڀاڄي هئي آئون ته حيران ٿي ويس دل ۾ چيم ته واقعي بزرگ آهن.

(43) حاجي احمد لاکو پاڻ هتي سائين حاجي محمد جي خدمت به ڪندو هو.سندس نالي سان ڳوٺ به آهي، درگاهه تي. ڏهاڙي ۾ به تمام ڪم ڪار ۾ سيني کان اڳرو. مسڪين ماڻهو هو پر تمام گهڻي سڪ محبت سان رهيو. ڏهاڙي تي ماڻهو تڏهن گهوڙن اٺن تي ڏيگي گاڏين تي چڙهي ايندا هئا. ڏيگن لاءِ گاهه گهوڙن لاءِ گاهه ۽ داڻو ۽ اٺن لاءِ به حاجي احمد لاکو ڪندو هو. جانورن جي ٻڌڻ لاءِ ڪلا به حاجي احمد لاکو ناهي وڏا ڏيگ ڪري رکندو هو.

(44) حاجي واحد ڏني ڳالهه ڪئي ته سائين حاجي محمد فقير نيڪ ڪو نه هو تنهن ڪي ڏسڻ لاءِ آياسون اسان کان اڳ ۾ به ڪافي ماڻهو وينا هئا. سائين ٻاهر نڪرڻ جهڙو ڪو نه هو سو اسان کي گهر وٺي ويا سائين حاجي محمد کي ڏاڍي تڪيلف هئي سيني کي خوش خير عافيت چيائون. جنهن مهل حاجي احمد لاکي ڏي نهاريائون ته سندس پٽ شفيع محمد کي چيائون ته ابا شفيع محمد! احمد لالي کي ڏهه روپيا ڏي ته حاجي شفيع محمد ڏهه روپيه حاجي احمد کي ڏنا ته حاجي احمد چيو ته سائين توهان ڏي منهنجا پيسا رهيل ڪو نه آهن، نه مون ڏنا نه ورتا پر فقير صاحب چيو ته ابا احمد وٺ! حاجي احمد وري به چيو ته سائين توهان ڏي منهنجا پيسا ڪونه آهن. پوءِ فقير صاحب چيو ته ابا اسان ڏي تنهنجا پيسا واقعي ڪو نه آهن، پر توکي اسان دعا جا ٿا ڏيون جنهن وقت کان وٺي منهنجي ڪيسي ۾ ڏهه روپيا اچي پيا انهي ڏينهن کان منهنجي غريبت ختم ٿي وئي ۽ ملڪيت وري وئي ڏيڍ سئو ايڪڙ زمين ٿي رب سائين اسان کي خوشحالي ڏني حاجي احمدکي هڪ پٽ حاجي محمد نالي آهي، ٻيا حاجي جا به پائين محمد موسيٰ ۽ محمد حسين وقت سنا نمونا پيا پاس ڪن اجا تائين درگاهه تي سندن اچڻ وڃڻ آهي. حاجي محمد به ايندو آهي. محمد موسيٰ ڳالهه ڪندو آهي، ته جيڪي دعا جا پيسا چاچا کي سائين حاجي محمد ڏنا هئا. سي تجوڙي م چاچا ٻين پسن سان گڏ رکندا آيا، انهن ڏهن رُوپين کي نه کپائيندا هئا.

(45) حاجي هوت جوڻيجو ڳالهہ ڪئي تہ مون سان ميرمحمد پناڻ ڳالهہ ڪئي جيڪو مون وٽ ايندوهو. چيائين تہ اسان ڏهہ ٻارهن پناڻ رات جو وياسين حاجي محمد فقير وٽ بک بہ ڏاڍي لڳي هئي فقير صاحب مليو ءِ پاڻ گهر وجي چانور رڌائي ڪٽي آيو پر چانورن واري ديڳڙي ننڍڙي هئي تہ مون ڏسي دل ۾ چيو تہ مار هاڻي تہ مري وياسين ڊئو تہ ٿيندو ڪو نہ مون کي فقير چيوتہ ماني آئون ٿو ڪڍان تون همراهن کي ڏيندو وڃ دل ۾ چيم تہ هي پناڻ سڄي ديڳڙي کائي چٽ ڪندا مون لاءِ تہ ماني ڪا نہ بچندي نيٺ سيني کائي ڍئو ڪيو بعد ۾ مون کي فقير صاحب ڏيندو ويو آئون بہ کائيندو ويس تان جو پيٽ پري فل ٿي ويس مون کي چيائون تہ اجا بہ کائين ٿو؟ تہ مون چيو تہ سائين ءِ ڍئو ٿي ويو آهي، پوءِ چيائون تہ ابا هاڻي ماني نم جي وڻ ۾ ٻڌل ڇڪي ۾ رکي ڇڏ صبح جو وجڻ وقت هن ماني مان کائي پوءِ پيا وڃجؤ دل ۾ چيم تہ ماني آهي، ڪيتري جو فقير صاحب چوي ٿو تہ انهي مان کائي پوءِ وڃجؤ رات ٿي سپ ستاسين. رات جو دير سان مون کي سُجاڳي ٿي سوچيم تہ ڏسان تہ ماني ڪيتري آهي، ديڳڙي لاهي ڏٺم تہ چانورن سان اڌ ٽيل هئي، پوءِ مون اوڏي مهل وري بہ کاڌو ڍئو ڪري کاڌم پوءِ وري صبح جو کائي روانا ٿياسون، پر اجا بہ ڪجهہ ماني پئي هئي.

(46) حاجي محمد يوسف شورو ڳالهہ ڪئي تہ اسان ننڍڙا هئاسين هتي سائين حاجي محمد وٽ پڙهندا هئاسين پاڙي وارا ماني موڪليندا هئا، هڪ عورت نالي راڃي ذات واڍي اڌ چري هئي، سا بہ ماني موڪليندي هئي پران جي ماني ڪڏهن ڪچي اڌپڪي تہ ڪڏهن وري صفا سڙيل. شاگرد راڃي واڍيءَ واري ماني نہ کائيندا هئا، راڃي واري ماني پئي هوندي هئي هڪ پيري سائين حاجي محمد فقير ، راڃي جي ماني پاڻ کاڌي هڪ گرهہ کائي چيائون تہ راڃي واري ماني ۾ ڪيڏي نہ لذت آهي، تہ سيني شاگردن چيو تہ سائين! اسان کي ڏيو. پوءِ سيني کي پور پور ماني جو ڏنائون اهڙي طرح روزانہ راڃي واري ماني جو پور پور سائين سيني شاگردن کي ڏيندو هو.سائين حاجي محمد شاگردن سان گڏ ماني کائيندا هئا. چريا مست بہ ايندا هئا. جن کي وات مان گگون پيون وهنديون هيون پر انهن سان گڏ کير

لسي ۽ پاٽي جا ڏڪ پري پيئندا هئا، جريا ٻين سان وڙهندا هئا، پر سائين حاجي محمد جي اڳيان ڪنڌ جهڪايو وينا هوندا هئا، نم جي وڻ سان ٻڌا پيا هوندا هئا، سائين ڏي پيا نهاريندا هئا، تہ ڪيڏي مهل ٿو ماني کارائي. انهن کي سائين پنهنجي هٿن سان ماني کارائيندا هئا.

(47) حاجي محمد يوسف شوري هي ڳالهہ ٻڌائي تہ، سائين حاجي محمد فقير حج تي ويو تہ ساڻن پيا بہ رفيق گڏ هئا، ماني جي ٽائم تي روزانو سيني رفيقن کان پڇندا هئا. تہ ابا ! اڄ ماني چا سان کائون ؟ ڪنهن مهل ڪهڙي ڀاڄي تہ ، ڪيڏي مهل ڪهڙي ڀاڄي وٺندا هئا. هڪ ڀيري سيني چيو تہ ، سائين ! اڄ ڏئونري سان ماني کائون ٿا. هڪ رفيق چيو تہ ، سائين ! ڏؤنرو هتي جو ڪتو آهي، پنهنجي ملڪ جو ڏئونرو پلو آهي، تہ سائين حاجي محمد فقير جلدي انهيءَ رفيق جي وات تي هٿ رکي چيو تہ، تو تہ هڻ وڃائي ڇڏي! رات ٿي سڀ سمهي پيا. اڌرات جو سائين حاجي محمد فقير سيني رفيقن کي اٿاريو ۽ انهي رفيق کي بہ اٿاريو جنهن چيو تہ، ”پنهنجي ملڪ جو ڏئونرو پلو آهي“ سائين حاجي محمد فقير چيو تہ ابا 1 هاڻ ٻنهي جهانن جي سردار رسول الله ﷺ زيارت ڪرائي . مون کي فرمايا ئون تہ، توکي منهنجو ڏؤنرو پسند ناهي تہ پوءَ هتي چا لاءَ آيا آهيو؟ وڃو پنهنجي ملڪ! پوءِ سائين حاجي سيني کي روضي پاڪ وٽ وٺي آيا ۽ ڪافي دير تائين صلواتون درود پڙهندا رهيا. پوءِ دير دير سان چيائون تہ هاڻي معافي ملي آهي، پوءِ واپس جاءِ تي آيا .

(48) حاجي لعل بخش ڪلوئي ڳوٺ جان محمد ڪلوئي وارو ڳالهہ ڪندو هو تہ، سائين حاجي محمد فقير چوندا هئا تہ سني ماڻهو سان صحبت هوندي تہ ، سٺو صالح ٿيندو ۽ جي خراب ماڻهو سان گڏ هليو تہ، خراب ٿيندو. ۽ چيائون گهاٽي واري وٽ ماڻهو ويندو. جي ان کان وٺي بہ ڪجهہ نہ، رڳو وڃي خالي هٿ ڏيندو انهي گهاٽي واري کي تہ، سندس هٿ سٽيو ٿي پوندو.

(49) استاد مننار فقير ڳالهہ ڪندوهو تہ، فقير حاجي محمد مدرسہ گهٽو ايندو هو. پاڻ گهوڙي تي ايندا هئا جيستائين ورياهہ وينل هئا، تہ گهوڙي لاءِ گاهہ ۽ داڻو ڪونہ آڻيندا هئا. پر جڏهن ورياهہ ٿندو آدم ويا هليا تہ پوءِ

گهوڙي تي گاهہ بہ ڪٽي ايندا هئا. تہ ڏاڏو بہ پوءِ مون چيو تہ سائين توهان گهوڙي لاءِ گاهہ بہ ڪٽيو ٿا اچو تہ، ڏاڏو بہ. چيائون تہ ابا! جيستائين ورياهہ وينل هئا. تہ سندن نوڪر چاڪر منهنجي گهوڙي لاءِ گاهہ ۽ ڏاڏو ڪٽي ايندا هئا. پر هاڻي ورياهہ لڏي ويا سوهاڻي تنهنجي شاگردن ڪي تڪليف ڇو ڏيان. ڇوڪرا ويچارا پڙهن يا آئون ڪين جهنگ ۾ پيو رلايان؟ هاڻي حياتي جيتري هوندي ايستائين گهوڙي تي پيو اچبو گاهہ ۽ ڏاڏو ڪنيو پيو اچبو، رات رهي ڪچهري ڪري پوءِ پيو وڃبو.

(50) حاجي عبدالرحمان ٻجورو ڳوٺ حاجي عرس ٻجوري وارو ڳالهہ ڪندو هو تہ اسان سائين مفتي فقير منٺار وٽ پڙهندا هئا سين. اتي مدرسہ ۾ فقير سائين حاجي محمد گهٽو ايندا هئا. ورياهہ وينل هئا. تہ سائين حاجي محمد جي گهوڙي لاءِ سومار ماڇي ورياهن جي زمين مان گاهہ ڪري ايندو هو. جڏهن فقير حاجي محمد ايندا هئا. تہ، اسان ڪي استاد سائين منٺار چوندو هو تہ ابا وڃو فقير حاجي محمد ڪي زور ڏيو. اسان جڏهن فقيرصاحب وٽ ويندا هئاسين تہ، فقير صاحب چوندا هئا تہ ابا ڇالاءِ آيا آهيو؟ تہ اسان چوندا هئاسين تہ سائين! اسان ڪي استاد سائين منٺار موڪليو آهي تہ توهان ڪي زور ڏيون پوءِ فقير صاحب چوندا هئا تہ ٻچو! مون ڪي زورن جي ضرورت ناهي توهان قرآن شريف پڙهڻ وارا، آئون توهان کان ڪئين زور ڏياريان؟! ٻچو!! پوءِ جڏهن واپس ويندا هئاسين استاد وٽ تہ استاد سائين پڇندو هو تہ ابا! ڇو وري آيا آهيو؟! تہ اسان چوندا هئاسين تہ سائين! فقير صاحب زورن تو. ڏياري چوي ٿو تہ توهان قرآن شريف پڙهڻ وارا آهيو آئون زورنہ ڏياريندس. پوءِ استاد چوندو هو تہ، ابا! اسان ميار لاٿي .

(51) گلڻ ابڙو ڳوٺ حاجي سڪيو ابڙو واري ڳالهہ ڪئي تہ، مون ڪي حاجي الهہ بخش خاصخيلي چيو تہ، آئون حاجي محمد فقيروٽ آيس چيم تہ سائين دعاڪريو تہ ان ڏاڻي ۾ برڪت پوي ڏاڏي بي برڪتي تي وئي آهي، پوءِ سائين حاجي محمد فقير چيو تہ، ابا وڃ ڪٽڪ جو مٽڪٽي اچ. آئون ڪٽڪ جو مڻ ڪٽي آيس پاڻ ٿوري لپ ڪٽڪ جي ڪٽي انهي تي ڪجهہ پڙهڻ وينا پوءِ مون ڪي چيائون تہ ابا هاڻي تون هيءَ ان ڪٽي وڃي گُنديءَ ۾ وجهہ گندي جو ڍڪ نہ لا هجؤ باقي جڏهن نئون ان لٿو تہ چيوسين هاڻي گندي کولي ڏسون تہ ان باقي ڪيترو بچيو آهي ۽ گندي بہ صفا ڪريون.

اسان گنڊي جو ڍڪ لاهي ڏسون تہ ان اوتري جو اوترو پيو هو!

(52) حاجي الهہ بخش خاصخيلي ڳالهہ ڪندو هو تہ اسان سائين حاجي محمد سان گڏ حج تي وياهئا سون جڏهن رسول الله جي روضيتي ويندا هئا. سون هڪ پوليس وارو سائين حاجي محمد کي سڏي نبي سائين جي جاري وٺ ويهاريندو هو پوءِ سائين حاجي محمد اتي وينو پڙهندو هو. پوءِ پنهنجي مرضي سان اٿندو هو. اتي پوليس وارا بہ سائين حاجي محمد جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا.

(53) امام بخش خاصخيلي ڳالهہ ڪندو هو تہ اسان سائين حاجي محمد فقير وٽ پڙهندا هئاسين. هتي ٽري بہ رهندا هئا. سائين جن ڪين تمام گهڻو پائيندا هئا. هڪ ٽري هتي ٻهاري ڏيندو هو. هڪ ڀيري سڄي مڪان جي ٻهاري ڏيئي سڀ ڪچرو ڪڍي اڇلائي ڇڏيائين پر هڪ ڪچري جي ڍڳي رهجي وئي تہ سائين حاجي محمد چيس تہ ابا هڪ ڍڳري ڪا نہ اڇلائي اٿئي ؟ تہ سائين حاجي محمد فقير کي ورا ٽيا ئين تہ تنهنجي پيءُ جو نوڪر آهيان ڇا؟ منهنجي مرضي! تہ اتي سائين حاجي محمد فقير جو پٽ حاجي شفيع محمد بہ ويٺو هو. تنهن چيس تہ پڙ وا توکي حياءِ ڪونهي! بابا سائين کي ڇا پيو چوين ؟ تہ سائين حاجي محمد فقير چيو تہ ابا شفيع محمد هنن ويچارن کي نہ ڇئو . اسان ڏٺو تہ سائين حاجي محمد وات ۾ ٿوال وجهي مرڪندو رهيو.

(54) امام بخش خاصخيلي هي ڳالهہ بہ ڪئي تہ سائين حاجي محمد جي مينهن ڪولائي وڃي حاجي محمد مراد شوري جي پوک ۾ پئي چري ڪائي دير سان آئي سائين حاجي محمد ڏراڙ کان پڇيو تہ ابا هيءَ مينهن ڪيڏ انهن ، وئي هئي، ڏراڙ چيو تہ سائين حاجي محمد مراد جي پوک ۾ وئي هئي. پوءِ سائين حاجي محمد چيو تہ ابا ! هاڻ ڪير اسان جي مينهن جو اسان جي گهر نہ موڪلجان ۽ پرايو گاهہ ڪائي آئي آهي، اهو ڪير پاسي تي وڏائي (تقسيم ڪري ) اڇو پوءِ مينهن ڏهي ڪير وڏائڻ لاءِ همراهہ ٻاهر پئي ويو تہ انهي مهل وڏيرو حاجي محمد مراد آيو پئي، تنهن چيو تہ ابا ڪير ڪيڏ انهن ڪنيو پيو وڃين ؟ ڇيائين تہ رات مينهن توهان جي پوک ۾ وڃي پئي هئي، سوسائين حاجي محمد چوي ٿو تہ . پرائي پوک ڪائي آئي آهي. سو اسان کي

ڪير نہ ڪپي !! وڏيري حاجي محمد مراد شوري چيو تہ ابا! تون ڪير نہ هار ، مون سان گڏ هلي آ پوءِ حاجي محمد مراد شورو سائين حاجي محمد وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ سائين توهان ڪير ٻاهر پيا وڌايو؟ چيائون تہ ابا! پرائي پوک ڪائي آئي آهي. اسان ڪي ان جو ڪير ڪائڻ نا جائز آهي، تہ وڏيري حاجي محمد مراد چيو تہ سائين توهان مون ڪي پرايو سمجهو آهي، چا ؟ سائين حاجي محمد چيو تہ نہ توهان پنهنجا آهيو! پوءِ حاجي محمد مراد چيو تہ، هاڻ ڪير گهرڏي موڪل، تہ پوءِ ڪير گهر موڪليائون .

(55) نبي بخش ڪلوئي ڳوٺ جان محمد ڪلوئي واري چيو تہ، اسان جي ڀاءُ جا هٿ سڪي پيا هئا. سو سائين حاجي محمد وٽ ڪٺي آياسين فقير چيوتہ، درگاهہ ۾ ڇڏيو هن چوڪر ڪي پوءِ سائين حاجي محمد فقير ان تي ڦيٽا رکيا تہ بلڪل چڱو ڀلو ٿي ويو ڪا بہ تڪليف ڪا نہ هئس.

(56) سيد ارشاد علي شاهہ ڳوٺ وهاب شاهہ واري چيو تہ اسان جو ڀاءُ رفيق احمد شاهہ ڇائو وڏڙو ٿيو پر پنڌ نہ پيو هلي سگهي ، رڳو ريڙهيون پيو ڏئي بابا حاجي خير محمد شاهہ، فقير حاجي محمد وٽ آيو ۽ چيائين تہ سائين منهنجو پٽ پنڌ نہ پيو هلي سگهي. تعويذ لکي ڏيو تہ پنڌ هلي پوءِ فقير صاحب پينسل سان تعويذ ننڍڙي ڪاغذ تي لکڻ لڳا تہ، بابا چيو تہ، سائين ڪاغذ تہ ڪو وڏو ڪٽو. فقير صاحب چيو تہ سائين سيد صاحب ! هي تعويذ ننڍڙي ڪي ٻڌو، خدا ڪندو تہ، ٿن ڏينهن ڪانپوءِ پنڌ هلندو. ۽ اوڙي پاڙي ۾ ڪنهن جو بہ ٻار پنڌ نہ ڪري، نہ هلي تہ اهو تعويذ انهي ڪي ٻڌنڌؤ تہ پنڌ ڪندو (انشاء الله) پوءِ پاڙي ۾ ڪنهن جو ٻار پنڌ نہ هلندو هو تہ اسان ڪان فقير صاحب وارو اهو تعويذ ڪٺي ويندا هئا. تہ اهو ٻار بہ پنڌ هلڻ شروع ڪندو هو. نيٺ اهو تعويذ هتان هتان ٿيندو وڃائجي ويو.

(57) حاجي الهہ بخش خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ ڳوٺ پيرل ماڪوڙاٽي مان چوري ٿي وئي تہ ورهاڙي وارن خبر ناهي ڪٿي پير وڃايا. ورهاڙي وارن چيوتہ، هلو تہ فقير حاجي محمد وٽ ننگر پاٽي ڪريون سوتمام گهٽا ماٺهو هتي آيا پوءِ سائين حاجي محمد هڪ ننڍڙو چيلو ڪنو ۽ هڪ ديگ چانورن جي تيار ڪرائي ماٺهو تہ بنهہ گهٽا هئا. بہ ڇٽا ماڪوڙائي هيترا اسارا گهٽا

ماڻهو ڏسي پاڻ ۾ چوڻ لڳاتہ هيترن سارن بک جي ماريل ماڻهن لاءِ پٽ جي هڪ ديگ تہ پوري ڪو نہ ٿيندي ماڻهو وڙهي بڇڙا ٿيندا . ۽ اهي بہ جٽا پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي نوننيون هٽي کلي چٽي رهيا هئا تہ ڏسون تہ هاڻي فقير صاحب ڪيترن کي ماني کارائي ٿو پهچي! جڏهن ديگ تيار ٿي تہ سائين حاجي محمد ديگ جي مٿان ٿوال يا چادر وجهي ڍڪي چڏي ۽ پاڻ ويهي ديگ مان ماني ڪيندو ڏيندو ويو ۽ ماڻهو ڪٽندا ڪائيندا ويا بعد ۾ جڏهن سيئي ماڻهو ڍئوڪري اٿي ويا تہ ، سائين چيوتہ ڪو بہ ماڻهو رهيل هجي تہ اچي ماني ڪائي، پر سيني وڏي آواز چيو تہ سائين سيني ماني ڪائي ڍئو ڪيو آهي، ۽ ڪو نہ باقي ڪو بہ رهيو آهي، پوءِ فقير صاحب چيوتہ ابا پات ڪٽي اچوتہ گهرڏانهن ماني موڪليون ان وقت هنن ٻن جٽن جن چيو هو تہ ماڻهو گهڻا آهن. ماني ٿوري آهي، ۽ فقير ماڻهو ٿو ويڙهائي، تن چا ڪيو جو اچي ديگ جي مٿان ڍڪيل ڪپڙو ڪٽي ديگ ۾ ڏنائون تہ ديگ پٽ جي اڌ ٿي، پئي آهي، اها برڪت ڏسي اهي ٻئي جٽا فقير جي پيرن تي ڪري پيا ۽ چوڻ لڳا تہ سائين حاجي محمد فقير واقعي الله وارو درويش آهي.

(58) ساجن ٻبر ڳالهہ ڪئي تہ اسان جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي چورن جا پير ڳوٺ شهبيگ مري ۾ وڃائجي ويا. پوءِ سيني ماڻهن چيوتہ ڏاڍي بک لڳي آهي، هاڻي ماني ڪٿي ڪائون ؟ ساجن چيو تہ هلو تہ هلي سائين حاجي محمد فقير وٽ ماني ڪائون . سيني چيو تہ هلو. انهي وقت اسان سان گڏ ڪرڙ ٻبر ۽ يوسف پنجابي هو. سو ڪرڙ ٻبر چيو تہ حاجي محمد فقير وٽ هلي ڪهڙو گوشت ڪائبو اتي ملندي لسي ماني. مون چيو تہ ابا هلو پوءِ جيڪي نصيب هوندوسو ڪائبو . اسان حاجي محمد فقيروٽ پهتاسون پاڻ خبر چارو رتائين پوءِ پاڻ ويا ماني ڪٽي آيا ساجن چيو تہ مون کي چيائون تہ ابا ساجن! همراهن کي هٿ ڌوئاراءِ سيني همراهن هٿ ڌو تاپر ڪرڙ جنهن چيو تہ حاجي محمد وٽ هوندي لسي ماني تنهن لاءِ چيائون تہ ويهہ انهي لاءِ ماني اچي ٿي. سيني ماڻهن ماني ڪائي ورتي تہ فقير حاجي محمد ماني ۽ گوشت جو ٻوڙ ڪٽي اچي ڪرڙ ٻبر کي ڏنائون. اهو ڏسي ڪرڙ ٻبر چيو تہ جهڙو حاجي محمد فقير ٻڌم تهڙو ڏٺم واقعي فقير حاجي محمد بزرگ آهي.

(59) استاد پير شمس الدين قريشي شهد ادپور واري ڳالهہ ڪئي تہ، اسان سائين حاجي محمد فقير وٽ قرآن شريف پڙهندا هئا سين. سائين حاجي محمد فقير عالم گهرائيندا هئا هتي وعظ تقرير ڪرائيندا هئا. هڪ مولوي پنجاب جو بہ هتي ايندو هو. سو تقر ير تمام سٺي ڪندو هو. هڪ پيري انهي مولوي صاحب اسان سان ڳالهہ ڪئي تہ. مون کي ڪجهہ پيسن جي ضرورت ٿي پئي سو سائين حاجي محمد فقير وٽ آيس فقير صاحب خبرون چارون ورتيون ۽ چيائون تہ مولوي صاحب ڪهڙي ڪم نڪتا آهيو ؟ مون وراڻيو تہ سائين فقط توهان سان ملڻ لاءِ آيو آهيان ٻيو ڪو بہ ڪم ڪار ڪو نهي آئون دل جهلي نہ سگهيس جو فقير صاحب کان پيسا گهران. رات رهيس تہ صبح جو فقير صاحب کان وڃڻ جي اجازت گهريم فقير صاحب چيو تہ سائين ٿورو ويهو توهان جو سفر ڏگهو آهي، نيرن ڪريو پاڻ نيرن کٽي آيا تہ مون نيرن ڪئي ۽ ٻي ماني ڪپڙي ۾ ٻڌي ڏيندي چيائون تہ ابا هيءَ ماني رستي ۾ کا ئجو جتي بہ بک لڳي آئون تہ فقير صاحب کان موڪلائي روانو ٿيس ۽ ٽنڊو آدم مان ريل ۾ چڙهيس ٽرين ۾ ويهي سو چيان پيو تہ فقير صاحب وٽ جنهن ڪم لاءِ ويس سو تہ نہ ٿيو مون پاڻ سان پاڻ ڪئي فقير صاحب پڇو بہ هو پر مون چيو تہ فقط توهان سان ملڻ آيو آهيان هاڻي چاڻيندو ! پوئتي گهر ۾ تہ ڪاشئي ڪونهي ، ٻچڙن جو ڪهڙو حال هوندو !! سو چيندو رهيس ٽرين اچي روهڙي اسٽيشن تي بيٺي ڏٺم تہ ٽرين وارا سيئي مسافر ماني کائي رهيا آهن، مون بہ فقير صاحب واري ڏنل ماني ڪپڙي مان ڪڍي تہ، رب سائين جي قدرت! ماني سان گڏ پيسا بہ پيا آهن، ڳڻيم ڪٽي تہ جيتري مون کي ضرورت هئي رقم بہ اوتري پئي آهي. تمام گهڻو خوش ٿيس . فقير صاحب کي دعائون ڪندو وڃي ٻچن سان مليس فقير صاحب ايترو ڪرامت وارو هو.

(60) ارباب مري ڳالهہ ڪئي تہ آئون ۽ امان ٽنڊو آدم مان پنڌ پئي آيا سون رستو ڪچو هو. جڏهن ڏپ سڙي ماراني وٽ پهتاسين گرمي بہ تمام گهڻي هئي ڏسون تہ سائين حاجي محمد فقير گهوڙي تي چڙهيو اچي جنهن مهل اسان وٽ پهتو تہ گهوڙي جهلي بيهي رهيو ۽ چيائون تہ ابا ! هن مهل

گرمي ۾ ڪٿان وريا آهيو؟ چيوسين تہ سائين! مير پور ماٿيلي ڏي ويا هئاسين. اتان ڪان واپس وري ٽنڊو آدم آياسين. هاڻ ڳوٺ پيا وڃون پوءِ سائين گهوڙي تان لهي مون کي چيائون تہ ابا اجا پنڌ گهڻو آهي، آئون ٿو وڃان منٺار فقير جي مدرسہ ۾ تون امان کي گهوڙي تي ڪٽي وڃي گهر لاهہ. پوءِ گهوڙي ڪاهي وڃي منهنجي پٽ شفيع محمد کي ڏي اهو. پاڻهي گهوڙي فقير منٺار جي مدرسہ ڏي موڪلي ڏيندو . اسان چيو تہ سائين توهان بزرگ ماڻهو آهيو اسان مارو ماڻهو پيا دل رسي ويندا سين ،امان بہ چيو پر فقير صاحب هڪ بہ نہ ٻڌي پوءِ آئون ۽ امان گهوڙي تي چڙهي ڳوٺ آياسين. واپسي ۾ آئون گهوڙي ڪاهي سائين حاجي شفيع محمد وٽ آيس، جنهن شام جو هڪ همراهہ هٿان گهوڙي فقير منٺار جي مدرسہ ۾ پهچائي.

(61) استاد پير شمس الدين ٻڌايو تہ اسان سائين حاجي محمد سان گڏ، حاجي محمد صالح سينهڙو وارن جي عرس جي دعوت تي وياسين هتان اسان مدرسہ جا شاگرد ۽ پيا بہ ڪجهہ وڏا ۽ سائين حاجي محمد وارا هلي رهيا هئا. هلندي هلندي سائين وڏي حاجي محمد پوئتي نهاريو ۽ بيهي رهيا، سائين ڏنو حجام بہ گڏ، پٺي هليو پر سيني ڪان پوئتي پويان پويان اچي رهيو هو تہ سائين حاجي محمد کيس چيو تہ سائين ڏنا! اسان جا آزمودا نہ وٺ! رسول الله ﷺ تي صلوات پيو پڙهين ۽ اسان جي پنيان پڙهندو اچين؟ صلوات پڙهڻ وارو اڳ ۾ هلندو بي ادبي نہ ڪر، پوءِ سائين ڏني چيو تہ سائين مون کي معاف ڪجو.

(62) بچل ٿهيم ڳوٺ نواز علي ٿهيم واري ڳالهہ ڪئي تہ اسان حاجي محمد فقير ڏٺو هو. مال چاريندا هئاسين پاڻ گهوڙي تي چڙهي محمد ابراهيم ماڪوڙ اٽي وٽ ويندا هئا اسان بہ وٽس تعويذ لاءِ ويندا هئاسون فقير صاحب چوندا هئا تہ واپاري سير تي آنو نفعو رکن گهڻو نہ رکن.

(63) حاجي واحد ڏني ڪلوئي چيو تہ فقير حاجي محمد چوندا هئا تہ هڪ مسلمان پنڌرهن سئو روپيا خيرات ڪري ۽ ٻيو مسلمان هڪ سانُ پاڏو چڏي تہ عام ماڻهو مينهيون ڪاهي اچن ۽ مينهن کي پاڏو ڏياري وڃن

سي ڏڪيون ٿي ويامن تہ هن مسلمان پنڌرهن سئو روپيا خيرات ڏيڻ واري کان، ساڻُ پاڏو چڏڻ وارو وڏيڪ آهي.

(64) چون ٿا تہ فقيرحاجي محمد جو اٺ چوري ٿي ويو. گهڻي پڇا ڳاڇا ڪانپوءِ بہ نہ مليو. ڪافي وقت ڪان بعد ۾ وڏيرو حاجي احمد شورو ٽنڊو آدم مان پاڙي تي اٺ ڪرائي اچي ڳوٺ لٿو. تہ سيني ماڻهن سڃاتو تہ هيءَ اٺ سائين حاجي محمد وارو آهي، انهيءَ ڪري سيني ماڻهن جت کي چيوتہ هل سائين حاجي محمد وٽ نيٺ انهيءَ جت ۽ اٺ کي سائين حاجي محمد وٽ وٺي آيا ۽ ماڻهن اچي چيوتہ سائين! توهان جو اٺ ليي ويو آهي، سائين چيوتہ ابا صبر ڪريو هن جت کان پڇون تہ سهي، اهواٺ ڪٿان آندو آهيس سائين پڇا ڪئي جت کان، تہ جت چيوتہ سائين مون پنهنجي گهرجي رقم ڏيئي اٺ ورتو اٿم پوءِ سائين چيو تہ ابا! هن ويچاري اٺ ورتو آهي، هيءَ چور ڪونهي پوءِ شاگردن کي چيائون تہ ابا! اٺ جو جيڪي پاڻ وٽ سامان آهي، پاڪڙا جهلون ۽ ٻيو ڪجهہ سوسيئي هن جت کي ڏيو تہ هي ويچارو وڃي مزوري ڪري پر سيني ماڻهن چيوتہ سائين توهان پڇا تہ ڪريو تہ هن ڪنهن کان اٺ ورتو آهي، ان کي بہ وٺي اچي تہ خبر پوي پرسائين چيو تہ ڇڏيو ڇڏيو انهي ڳالهہ کي اٺ جو سامان ڏيوس تہ ويچارو وڃي مزوري ڪري، دعا ڪندو. پوءِ اٺ انهيءَ جت کي ڏيئي ڇڏيائون.

(65) استاد فقير منٺار چوندا هئا تہ فقير حاجي محمد سيد ذات ۽ مولوي عالم جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. ڪو بہ سيد يا مولوي عالم مدرسہ جي لاءِ چندو وٺڻ ايندو هوتہ انهي کي انهي (سستائي واري) ٽائم ۾ بہ 20_25 وريپا ڏيندا هئا. چون ٿا تہ هڪ ماڻهو ذات جو ماڇي ٻيدا پور جي پاسي جو آيو ۽ اچي فقير صاحب کي چيائين تہ آئون سيد آهيان پوءِ فقير صاحب کيس ڪٽ تي بسترو وڇائي ڏنو ماڻهن چيو تہ سائين !هي تہ ماڇي آهي، سيد ڪونهي!! پاڻ چيائون تہ هن کي عزت ڪو نہ ٿا ڏيون جنهن گودڙي ۾ اچي لڪو آهي، انهي کي ٿا عزت ڏيون ۽ پوءِ انهي ماڇي کي حال آهر ڏنا ئون وڏيڪ ڪجهہ بہ نہ چيائون.

(66) حاجي عبدالرحمان ٻجورو ڳوٺ حاجي عرس ٻجورو واري ڳالهہ

ڪئي تہ اسان استاد فقير مننار جي مدرسہ پڙهندا هئا سين ۽ ماني بہ آئون پچائيندو هئس . هڪ سيد ذات جو ايندو هو جيڪو هڪ ڪٻڙ جي وڻ هيٺ اچي ويهندو هو ۽ حقو ڇڪيندو هو. آئون روزانہ جي معمول مطابق شاگردن لاءِ ماني پچائي رهيو هئس. سو مدرسہ جو هڪ شاگرد آيو اچي چيائين تہ شاهہ صاحب جيڪو ڪٻڙ جي هيٺان ويٺو آهي، سو چوي ٿو تہ ٽانڊو ڏيو حقو ڇڪيان. مون ڇوڪر کي ٽانڊو ڏنو سو کنيو پئي ويو تہ سامهون مدرسہ جو سفير محمد اسماعيل ماڇي آيو تنهن ڇوڪر کان پڇيو تہ ٽانڊو ڪيڏ انهن ٿو کنيو وڃين ؟ تہ ڇوڪر چيوتہ هُن شاهہ صاحب لاءِ ٽانڊو کنيو ٿو وڃان جيڪو حقو ڇڪيندو . تہ اهو ٻڌي اسماعيل ماڇي ڪاوڙجي ڇوڪر کي ڏڪ هڻي ٽانڊو ڪيرائي ڏنو ۽ چيائين تہ مدرسہ ۾ ٿا حقا ڇڪين ! ڇوڪر وڃي شاهہ صاحب کي ٻڌايو تہ سائين ! سفير اسماعيل ٽانڊو اڇلائي ڇڏيو ۽ مون کي بہ دڙڪا ڏنا اٿس ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ سائين حاجي محمد فقير مدرسہ جي شاگردن لاءِ دعوت موڪلي تہ اسان ۽ استاد فقيرمننار ۽ سفير محمد اسماعيل ماڇي بہ اسان سان گڏ هليو. اسين آياسين تہ سائين حاجي محمد فقير ويٺو هو تہ اسان سڀ فقير صاحب سان ملياسين. اچا مَس ويٺاسين تہ اهو سيد بہ اچي ويو جيڪو مدرسہ ۾ ايندو هو. ۽ حقو ڇڪيندو هو. اج بہ کيس هٿ ۾ حقو هو. سو سلام ورائي اچي ويٺو تہ سائين حاجي محمد فقير اٿي اڳ ۾ شاهہ صاحب کان حقو ورتو ۽ پنهنجي جاءِ تي وهاريا ئيس تہ شاهہ صاحب فقير صاحب کي چيو تہ سائين ! هن محمد اسماعيل ماڇي مون کي مدرسہ ۾ حقو ڇڪڻ نہ ڏنو ۽ توهان تہ پهريان مون کان حقو ورتو ۽ بعد ۾ پنهنجي جاءِ تي ويهاريو تہ سائين حاجي محمد فقير چيو تہ سائين شاهہ صاحب ! ڪٿي ڪيئن تہ ڪٿي ڪيئن ! هتي تہ ابا هيئن آهي!!

ايترا پلا هئا حاجي محمد فقير صاحب.

(67) جمعو سينهڙو ڳوٺ حاجي جعفر سينهڙو واري ڳالهہ ڪئي تہ سائين حاجي محمد فقير ڪنهن بہ ماڻهو کي ڪجهہ بہ نہ چوندا هئا، نہ ڪي دڙڪو ڏيندا هئا، وڏو ٺهڪ ڏيئي ڪڏهن بہ نہ کليا، صرف مرڪندا هئا، تمام سباجها انسان هئا.

(68) حاجي الهہ بخش خاصخيلي ڳالهہ ڪئي تہ آئون سائين حاجي محمد جون ٻڪريون چاريندو هئس. هڪ ڏينهن ڪا پرائي ٻڪري ڌڻ ۾ گڏجي آئي . گهڻيئي پڇا ڳاڇا ڪئي سون پرڪا بہ خبر نہ پئي ۽ نہ ڪي ان جو ڌڻي ظاهر ٿيو. ٻڪري ڪير واري هئي تہ سائين وڏي مون کي چيوتہ ابا الهہ بخش انهي ٻڪري جو ڪير اسان جي ٿانو ۾ نہ گڏ جان ۽ ڪوسوالي اچي تہ انهي کي ڏيئي ڇڏجان. آئون ايئن ڪندو رهئس قدرت خدا جي انهيءَ ٻڪري مان ست _ اٺ ٻڪريون ٿي ويون پوءِ بہ سائين وڏو چوندو هو تہ ابا ڪير اسان جي ٿانو ۾ نہ وجهجان ۽ آئون ڪير نہ گڏيندو هوس . هڪ ڏينهن ڪو همراهہ سائين کان تعويذ لکرائڻ آيو. تعويذ لکرائي ٻاهر نڪتو تہ مون بہ ٻڪريون واڙي مان ٻاهر ڪڍيون. اهو همراهہ ٻڪرين کي ڏسي واپس سائين وٽ ويو ۽ چيائين تہ سائين! توهان جي ڌڻ ۾ هڪ ٻڪري منهنجي آهي، سائين وڏي همراهہ کي چيوتہ ابا توکي تہ الله آندو آهي، اسان تہ لوهہ لڳا پيا هئاسون هاڻي پلائي ڪري پنهنجون ٻڪريون ڇڪا! ۽ مون کي چيائون تہ الهہ بخش ابا! هن جي ٻڪري مان جيڪي بہ ٻڪريون وڌيون آهن، سي ساري سنيالي هن همراهہ کي ڏي پوءِ مون اهي ٻڪريون ست يا اٺ هيون سي ساري انهي همراهہ کي ڏنيون جيڪي هو خوشي مان ڪاهي روانو ٿي ويو.

(69) منٺار ملو ڪاٽي چيوتہ سائين وڏو حاجي محمد ٻني تي آيو نماز جو ٽائم ٿيو تہ ، پاڻ باغ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا. اسان جي مائٽن جو سانُ پاڏو هو سو ڏاڍو ويڙهو هو. ڪنهن ماڻهو کي ڏسندو هو تہ وجي دسيندو هئس . سدائين ٻڌو پيو هوندو هو. اتفاق سان هڪ ڏينهن پاڏو ڇنائي وڃي باغ ڏي ڀڳو. اسان چيوتہ ڀڄي وڃي پاڏي جو اڳ وڃون باغ ۾ فقير صاحب نماز پڙهي رهيو آهي، متان فقير صاحب کي نقصان ۽ تڪليف نہ ڏئي. سو اسان ڀڄندا آياسون پر پاڏو باغ م رسي ويو تہ اسان کي ڀڄندو ڏسي سائين فقير چيوتہ خير آهي، توهان سيئي گڏ ڀڳا اچو؟

اسان چيوتہ سائين ! پاڏو وڙهي ٿو سو پويان لڳا سو ن تہ متان توهان سان نہ وڙهي تڏهن سڀ آيا آهيون. فقير صاحب چيو تہ ابا! پاڏو اسان کي ڪجهہ نہ ڪندو ڏٺوسين تہ واقعي پاڏو فقير صاحب جي پر وٽان لنگهي

وڃي اڳتي چرڻ لڳو.

# بزرگ پيرو فقير شوري جو اولاد

## (پٽ، پوٽا، پڙپوٽا وغيره)

**از: مولوي محمد يامين شورو**

**پٽ:**

خليفہ بزرگ پيرو فقير شوري کي هڪ ئي شادي مان ڪل پنج پٽ ٿيا. پٽن جا نالا (1) فقير عبدالواحد، (2) فقير محمد ادريس، (3) فقير عبدالرئوف، (4) فقير عبدالرحمان، (5) فقير ابراهيم.

**پوٽا:**

بزرگ پيرو فقير جا پوٽا بہ پنج هئا، جيڪي سندس ٽن پٽن مان هئا. ان جو تفصيل هيٺئين ريت آهي.

پهريون نمبر پٽ فقير عبدالواحد کي بہ پٽ هر هڪ حاجي محمد فقير ۽ حاجي محمد صديق فقير ۽ بہ نياٽيون ٿيون. هڪ نياٽي زوجہ يار محمد بن خضر فقير، ۽ بي نياٽي زوجہ محمد حسين ولد محمد حسن (يعني فقير عبدالرئوف جي پوٽي جي گهرواري) هئي.

پيرو فقير جي ٻئي نمبر پٽ فقير محمد ادريس کي هڪ پٽ خضر فقير ۽ ٽي نياٽيون ٿيون. فقير ادريس جي هڪ نياٽي تہ فتح محمد فقير جي گهر ۾ هئي باقي بہ نياٽيون ننڍي هوندي فوت ٿي ويون.

پيرو فقير جي ٽئي نمبر پٽ فقير عبدالرئوف کي بہ پٽ ٿيا هر هڪ محمد حسن ۽ محمد الياس. باقي بزرگ پيرو فقير جي چوٿين نمبر پٽ فقير عبدالرحمان کي فقط هڪ نياٽي هئي تہ پنجين نمبر پٽ فقير ابراهيم کي

کو بہ اولاد کو نہ هو. اهڙي طرح پيرو فقير جا پنج پوٽا ۽ ڇهہ پوٽيون هيون.

## پڙپوٽا:

جيئن تہ مٿي لکي آيا آهيون تہ، بزرگ پيرو فقير جو نسل ٽن پٽن هر هڪ فقير عبدالواحد، فقير محمد ادريس، ۽ فقير عبدالرئوف مان وڌيو ويجهيو. اهڙي طرح انهن ٽي پٽن جو نرينہ اولاد، پيرو فقير جي پوٽن، ۽ اڳتي پڙپوٽن ۽ تڙپوٽن وغيره ۾ شمار ٿئي ٿو.

بزرگ پيرو فقير جي پنجن پوٽن مان پڙ پوٽا ڪل اٺ (8) هئا جن جو تفصيل هيٺ آهي.

ٽي پڙ پوٽا، بزرگ پيروفقير جي پهرئين نبر پٽ فقير عبدالواحد جي ٻن پٽن حاجي محمد فقير ۽ حاجي محمد صديق فقير جا پٽ هئا يعني تہ، حاجي محمد فقير جا ٻہ پٽ هر هڪ حاجي شفيع محمد فقير ۽ عبدالرحمان فقير. جن مان عبدالرحمان فقير ننڍي هوندي گذاري ويو. ۽ حاجي محمد صديق فقير جو هڪ پٽ حاجي عبدالله فقير.

بزرگ جي ٻيو نمبر پٽ فقير ادريس کي هڪ پٽ خضر فقير مان ٻہ پوٽا هر هڪ يار محمد فقير ۽ نوح فقير جيڪي بزرگ جا پڙ پوٽا ٿيا.

باقي بزرگ جي ٽئي نمبر پٽ فقير عبدالرئوف کي ٻن پٽن محمد حسن ۽ الياس مان ٽي پوٽا ٿيا، يعني محمد حسن جا ٻہ پٽ هر هڪ محمد حسين ۽ محمد الياس ۽ فقير عبدالرئوف جي ٻئي پٽ محمد الياس مان هڪ پٽ محمد حسن. اهڙي طرح اٺن پڙ پوٽن جو اولاد وري هيٺئين تفصيل سان آهي.

## تڙ پوٽا:

بزرگ پيرو فقير جي تڙ پوٽن جو تعداد بہ 11 آهي جيڪي سندس سٽن پڙپوٽن مان آهن.

پهرئين پٽ فقير عبدالواحد جي آڪهہ مان حاجي شفيع محمد فقير جا ٻہ پٽ هر هڪ حاجي احمد فقير ۽ حاجي محمد فقير عرف حاجن فقير

ڪانسواءِ هڪ نياڻي هئي.

فقير حاجي محمد صديق جي پٽ حاجي عبدالله فقير کي ٻہ پٽ هر هڪ مولوي حاجي محمد صديق ۽ فقير عبدالواحد ٿيا.

بزرگ پيروفقير جي ٻئي نمبر پٽ فقير ادريس جي هڪ ئي پٽ خضر فقير جي ٻن پٽن يعني يار محمد فقير جا ٽي پٽ هر هڪ اڪرم فقير، محمد رحيم فقير ۽ محمد يوسف فقير، ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. انهن مان هڪ نياڻي فقير الياس ولد محمد حسن بن فقير عبدالرئوف جي گهر ۾ هئي، ۽ ٻي نياڻي حاجي شفيع محمد فقير جي گهر ۾ هئي. خضر فقير جي ٻئي پٽ نوح فقير جو هڪ پٽ خير محمد ٿيو.

بزرگ پيرو فقير جي ٽئي پٽ فقير عبدالرئوف جي ٻن پٽن مان ٽي پوٽا ٿيا يعني تہ محمد حسن بن فقير عبدالرئوف جا ٻہ پٽ هر هڪ محمد حسين ۽ محمد الياس. تہ ٻئي پٽ الياس بن فقير عبدالرئوف جو هڪ پٽ محمد حسن ٿيو.

اهڙي طرح بزرگ پيرو فقير جا 11 (يارهن) تڙ پوٽا ٿيا. جن جا نالا هتي هڪ هنڌ ذڪر ڪريون ٿا:

حاجي احمد فقير، حاجي محمد فقير عرف حاجن فقير، مولوي حاجي محمد صديق، فقير عبدالواحد، اڪرم فقير، محمد رحيم فقير، محمد يوسف فقير، خير محمد فقير، غلام محمد فقير، علي محمد فقير، ۽ محمد حسن فقير.

## بزرگ پيرو فقير شورو جي تڙ پوٽن جو اولاد:

(1) حاجي احمد فقير بن حاجي شفيع محمد فقير شورو

حاجي احمد فقير کي پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿيا. پٽن جا نالا: فقير جان محمد (موجوده سجاده نشين درگاهہ پيرو فقير شورو) فقير نيڪ محمد، فقير خان محمد، فقير شير محمد ۽ شفيع محمد فقير باقي نياڻي زوجہ مولوي عبدالرحمان بن مولوي محمد صديق آهي.

(2) حاجي محمد عرف حاجن فقير کي هڪ نياڻي ٿي جيڪا زوجہ شير محمد آهي.

(3) مولوي حاجي محمد صديق شورو بن حاجي عبدالله فقير شورو:

مولوي محمد صديق کي ٻہ شاديون هيون. پهرين شادي مان ٻہ پٽ هر هڪ مولوي عبدالرحمان ۽ فقير عبدالرحيم ۽ هڪ نياڻي ٿيا. انهي پهرين گهرواري جي وفات کان پوءِ وري ٻي شادي ڪيائين. جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. پٽن جا نالا: عبدالڪريم ۽ عبدالله.

(4) فقير عبدالواحد بن حاجي عبدالله فقير شورو:

فقير عبدالواحد کي هڪ ئي شادي مان ٻہ پٽ عبدالخالق ۽ آفتاب علي ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون.

(5) اڪرم فقير بن يار محمد فقير شورو:

اڪرم فقير کي ٽي پٽ هر هڪ موسيٰ فقير، فقير قادر بخش، محمد عمر فقير ۽ ٻہ نياڻيون جن مان هڪ نياڻي فقير حاجي احمد ولد حاجي شفيع محمد جي گهر ۾، ۽ ٻي نياڻي يار محمد فقير ولد محمد رحيم جي گهر ۾ هئي.

(6) محمد رحيم فقير بن يار محمد فقير شورو:

فقير محمد رحيم کي ٽي پٽ هر هڪ فقير يار محمد، فقير محمد نوح، فقير يعقوب ۽ ٽي نياڻيون. نياڻين مان هڪ محمد موسيٰ ولد اڪرم فقير جي گهر ۾، ٻي نياڻي محمد عمر ولد اڪرم فقير جي گهر ۾ ۽ ٽي نياڻي غير شادي شده.

(7) محمد يوسف فقير بن يار محمد فقير:

فقير يوسف کي نہ شادي هئي ۽ نہ ڪي اولاد.

(8) خير محمد فقير بن محمد حسين بن محمد حسن شورو:

خير محمد فقير جنهن کي عرف ۾ خيرو فقير چوندا هئا. نهايت سادو فقير طبع، ۽ تمام پوتي پاڪ هو. اڪثر ڪري پنهي ٻاري تي پيو ويندو هو. وڃڻ جي وقت عورتن سان گڏ ڦٽيون ٻہ پيو چونڊيندو هو پر مجال آهي جو سندس دل ۾ عورتن ڏي ڪا نظر ميري هجي. اهڙو پاڪباز جو خود ڳوٺ جون عورتون پيون چونديون هيون تہ خيري فقير جهڙي پاڪ نظر ڪنهن جي ڪونهي. ايڏو پرهيزگار فقير هو. خيري فقير نہ شادي ڪئي ۽ نہ ڪي اولاد اٿس.

(9) غلام محمد فقير بن محمد حسين بن محمد حسن شورو:

غلام محمد فقير جا ٻه پٽ محمد حسين ۽ محمد عثمان ٿيا.

(10) علي محمد فقير بن محمد حسين بن محمد حسن شورو:

علي محمد فقير کي هڪ پٽ فقير ابراهيم آهي.

(11) فقير محمد حسن بن الياس بن محمد حسن شورو:

فقير محمد حسن کي اولاد نه هو.

بزرگ پيرو فقير جي ٽڙ پوٽن جي پٽن جو اولاد:

بزرگ جي 11 ٽڙ پوٽن جا ڪل 18 (ارڙهن) پٽ آهن هيٺ اسان هر هڪ جو اولاد لکون ٿا.

(1) فقير جان محمد بن حاجي احمد فقير شورو:

مرحوم حاجي احمد فقير جي وڏي پٽ حاجي جان محمد فقير کي، بزرگ پيروفقير جي مصلي جو وارث ۽ سجاده نشين بنايو ويو. جان محمد فقير کي ٽي پٽ هر هڪ نياز محمد، احمد ۽ محمد، ۽ ٽي نياڻيون آهن

(2) فقير نيڪ محمد بن حاجي احمد فقير شورو:

فقير نيڪ محمد کي هڪ نياڻي آهي.

(3) فقير خان محمد بن حاجي احمد فقير شورو:

فقير خان محمد کي ٻه هڪ نياڻي آهي.

(4) فقير شير محمد بن حاجي احمد فقير شورو:

فقير شير محمد کي ٻه هڪ نياڻي آهي.

(5) فقير شفيع محمد بن حاجي احمد فقير شورو:

فقير شفيع محمد شادي شده آهي. الله کيس اولاد نصيب ڪندو.

(6) مولوي عبدالرحمان بن مولوي محمد صديق شورو:

مولوي عبدالرحمان کي اولاد ناهي.

(7) عبدالرحيم بن مولوي محمد صديق شورو:

عبدالرحيم غير شادي شده آهي.

(8) عبدالڪريم بن مولوي محمد صديق شورو:

فقير عبدالڪريم کي ٻه پٽ هر هڪ محمد صديق ۽ محمد رفيق، ۽ هڪ نياڻي آهي.

(9) عبدالله بن مولوي محمد صديق شورو:
فقير عبدالله غير شادي شده آهي.
(10) موسيٰ بن اڪرم فقير شورو:
موسيٰ فقير کي اولاد نہ ٿيو.
(11) فقير قادر بخش بن اڪرم فقير شورو:
فقير قادر بخش کي هڪ پٽ سليمان ۽ چار نياڻيون آهن. سليمان غير شادي شده باقي نياڻين مان هڪ جي شادي، فقير شفيع محمد ولد حاجي احمد سان ٿيل آهي.
(12) فقير محمد عمر بن اڪرم فقير شورو:
فقير محمد عمر کي هڪ پٽ غلام مصطفيٰ آهي.
(13) فقير يار محمد ولد فقير محمد رحيم شورو:
فقير يار محمد کي ٻہ پٽ غلام رسول ۽ خير محمد، ۽ هڪ نياڻي آهي.
(14) فقير محمد نوح بن فقير محمد رحيم شورو:
فقير محمد نوح کي ٻہ پٽ اسد علي ۽ عطاء الله ۽ هڪ نياڻي آهي.
(15) فقير محمد يعقوب بن فقير محمد رحيم شورو:
فقير محمد يعقوب کي ٻہ پٽ محمد يونس ۽ محمد رحيم، ۽ هڪ نياڻي آهي.
(16) فقير محمد حسين بن غلام محمد فقير شورو:
فقير حسين کي ٽي نياڻيون آهن.

(17) فقير محمد عثمان بن غلام محمد فقير شورو:
فقير عثمان کي ٽي پٽ هر هڪ محمد حسن، محمد الياس ۽ غلام محمد، ۽ چار نياڻيون آهن.
(18) فقير ابراهيم بن علي محمد شورو:
فقير ابراهيم (شاعر) کي ٻہ پٽ محمد اسماعيل ۽ محمد اسحاق ۽ هڪ نياڻي آهي.
هيستائين اسان بزرگ پيرو فقير شوري جون ست پيڙهيون لکي مڪمل ڪيون آهن. انهي سموري لکيل تفصيلي مواد کي شجره نسب واري

چارٽ ۾ آساني سان سمجهي سگهجي ٿو. اهو شجره نسب وارو چارٽ بہ هن ئي ڪتاب ۾ موجود آهي مذڪوره شجره نسب. موجوده سجاده نشين فقير جان محمد ۽ سندس عزيز مولوي حاجي عبدالرحمان شوري جي موجودگي ۾ لکي ترتيب ڏنو ويو آهي.

# ياد گيريون (شورا فقير-1)

**از: استاد مفتي محمد صديق خاصخيلي عرف استاد فقير منٺار مرحوم**

بزرگ پيرو فقير شوري جو پوٽو حاجي محمد فقير 1376ھ ۾ 68 ورهين جي عمر ۾ فوت ٿيو آهي. ڪائنڻ ٻڌم ته، منهنجي ڄمڻ ۾ پيرو فقير عليهم الرحمة جو لاڏاڻو هڪ ٿي سال ۾ ٿيو آهي. اهو به ڪائنڻ ٻڌم ته سؤ سال کان ويهارو سال مٿي سندن عمر ٿيندي. پوين سالن ۾ جمعي جي ڏينهن گاڏي ۾ کين ٻاهر آڻيندا هئا. تان ته جمعي نماز ۾ شريڪ ٿين ۽ معتقد سندن زيارت ڪن. باقي نمازون گهر ۾ پڙهند اهئا. سندن پوٽو خليفو خضر فقير عليهم الرحمة وڏي عمر جو ٿي فوت ٿيو آهي. ان ڪان چڱي طرح معلومات ٿي سگهي ها. پر ان طرف توجهه نه رهيو. فقير صاحبن جي عقيدت مندي، فقير محمد حسن ڪٽي سان هئي، جنهن جي رهائش حاجي قادر بخش چاڱي جي ڳوٺ ۾ هئي. سندن بيعت حضرت راشد صاحب روضي ڌڻي وارن سان هئي.

مشهور آهي ته، حضرت راشد شاهه عليه الرحمة ڳوٺ ڪان اتر طرف ڪجهه فاصلي تي جماعت سان وڃي رهيا هئا جڏهن ڳوٺ جي سامهون آيا ته فرمايائون ته، ذڪڻ طرف دين جي خوشبو ٿي اچي، ڪو الله وارو رهاڪو آهي، ان طرف هلو. فقير صاحبن جي گهر جي ٻاهران اچي بيٺا. فقير انهن ڏينهن ۾ نابين ٿي ويو هو. عرض ڪرڻ تي پير صاحب وٽس گهر ۾ آيا. عرض ڪيائين ته، مون پنهنجي رب کان دعا گهري هئي ته آئون سفر جي قابل نه رهيو آهيان، حضرت روضي ڌڻي کي هت آڻ، ته ساڻس بيعت ڪريان. پير سائين فرمايو ته، فقير صاحب تنهنجي دعا ئي اسان کي آندو آهي. ان وقت ساڻن بيعت ٿي. پير سائين کي جيڏانهن ويٺو هو روانا ٿي

ويا. پيرو فقير عليهم الرحمة هر جمعي ڏينهن ڪاٺين جي پري فقير صاحبن جي جاءِ تي پهچائيندو هو. هڪ پيري فقير محمد حسن (ڪٽي) کي جاءِ وارن چيو ته اڄ پيرو فقير ڪاٺيون ڪاريون آنديون آهن. فرمايائون ته سندس اولاد به ڪاري رنگ تي ٿيندو. هيئن به ٿيو ته محمد حسن فقير هڏيون چوپي اڇليون، اهي ڪٽي پيرو فقير چوپيون.

هڪ پيري خليفي خضر فقير کان پڇيم ته ڏاڏا تو پيرو فقير ڏٺو هو. ته چيائين مون گهٽو ڏٺو هو. اڇا گهوڙي تي ٻاهر سفر ڪندا هئا، اهو به مون کي ياد آهي. مون کي به ساڻ نيندا هئا. سندن تاڪيدي حڪم هو ته جتي ڪنهن ڪٽي جي رهائش هجي، ان ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ مون کي ٻڌائجان ته گهوڙي تان لهي ڳوٺ مان پيادو لنگهان. هڪ پيري هڪ ڳوٺ مان لنگهياسون، ان ڳوٺ ۾ هندو ڪٽي هئا. مون هن ڪري ڪو نه ٻڌايو جو هندو هئا. جڏهن گهر وٽان لنگهيا، دروازي جي آڏو رنگ جو پاٽي ڏسي لهي پيا. فرمايائون ابا! تو مون کي ڪو نه ٻڌايو. استادن جي گهر وٽان سوار ٿي لنگهيا آهيون. مون عرض ڪيو ته ڏاڏا هي هندو ڪٽي آهن. فرمايائون ابا! ته به ڪٽي ته آهن. جيڏو ادب تيڏو نصيب. ڪين ڪٽي بزرگ جي صحبت کان سوجهرو نصيب ٿيو ته. پوري قوم لاءِ وٽن انتها درجي جو ادب احترام رهيو. پاڻ پنهنجو اصل وطن چا لاءِ ڇڏيائون، ان جو صحيح علم نه هجڻ ڪري، توقف (اها ڳالهه اتي ڇڏڻ) ۾ بهتري ٿو سمجهان. هڪ شادي ڪيائون. جنهن مان پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. پنج ئي پٽ ساڻس گڏ آرامي آهن. ان جاءِ تي سندن درسگاهه هو. قرآن شريف ۽ ضروريات دين جي پنهنجي سر تعليم ڏيندا هئا. سندن وفات بعد ڪين اتي ئي دفن ڪيائون. تعليم لاءِ پر ۾ بي جاءِ متعين ڪيائون. ڪن جو چوڻ آهي ته ان جاءِ تي دفن بابت سندن وصيت هئي. والله اعلم بالصواب.

مون جو ڪجهه سندن باري ۾ ٻڌو آهي، ان مان معلوم ٿو ٿئي ته صاحب ڪمال فنا في الشرع هئا. الله تعاليٰ مٿن هميشه پنهنجون رحمتون نازل فرمائي. سندن اولاد ۽ پاڙيسرين کي هدايت تي رکي آمين. اسين به

سندن پاڙيسري آهيون اها ئي اميد ٿا رکون.

هتي (مدرسي ۾) رهڻ کان اڳ هڪ ڀيرو حاضري جو موقعو ميسر ٿيو هو. هتي رهڻ کان بعد تمام گهڻي اچ وڃ رهي. منهنجي هتي اچڻ وقت فقير صاحبن جو جاءِ نشين سندن پوٽو حاجي محمد فقير بن عبدالواحد فقير هو. فقير صاحب جو ٻيو پاء حاجي محمد صديق هو جو ساڻس گڏ هو. حاجي محمد فقير کي ٻہ پٽ هڪ نياڻي ٿي، جا پنهنجي پاء حاجي محمد صديق جي پٽ عبدالله فقير کي پرڻائي ڏنائين. جنهن مان کيس هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو محمد صديق رکيائون. جنهن اسان وٽ پيءَ عبدالله فقير ۽ مامي حاجي شفيع محمد فقير جي حياتي ۾ ديني علوم جي تڪميل ڪئي. حاجي محمد فقير جا ٻہ پٽ شفيع محمد ۽ عبدالرحمان. عبدالرحمان غير شادي شده فوت ٿي ويو. حاجي شفيع محمد فقير جي شادي، اڪرم فقير ۽ محمد رحيم فقير جي ڀيڻ سان ٿي. جنهن مان کيس احمد فقير ۽ محمد عرف حاجن فقير ٿيا ۽ هڪ نياڻي جا پنهنجي پاٽيجي محمد صديق بن عبدالله فقير کي پرڻائي ڏنائين. جنهن مان کيس ٻہ پٽ عبدالرحان، عبدالرحيم ۽ هڪ نياڻي ٿي، جنهن جي شادي احمد فقير جي وڏي پٽ جان محمد سان ٿي. عبدالله فقير جي گهرواري مولوي محمد صديق جي والده محترمہ فوت ٿي جنازي نماز مون پڙهائي هئي. ڪافي وقت کان پوءِ حاجي محمد فقير سندس شادي حاجي هوندي شوري جي نياڻي سان ڪئي جنهن مان کيس هڪ پٽ عبدالواحد ۽ ٽي نياڻيون ٿيون، جن مان هڪ قادر بخش ولد اڪرم کي، ٻي محمد عرف حاجن ولد حاجي شفيع محمد کي پرڻائي ڏنائين. ٽي جي شادي اڃا ڪا نہ ٿي آهي. عبدالواحد جي شادي ٽنڊي الهيار مان لالي سوناري جي ڀيڻ سان ٿي، جنهن مان کيس هڪ پٽ عبدالخالق آهي. مولوي محمد صديق جي پهرين شادي فوت ٿي. ٻي شادي غلام محمد فقير جي نياڻي سان ڪيائين جنهن مان کيس ٻہ پٽ، ٽي نياڻيون آهن. احمد ولد شفيع محمد فقير کي پنج پٽ هڪ نياڻي آهي، جا عبدالرحمان بن مولوي محمد صديق جي نالي ٿيل آهي.

خليفي خضر فقير جا پوٽا اڪرم عرف اڪو فقير، محمد رحيم ۽

يوسف بئي اولادي چڱي حالت ۾ آهن. غلام محمد فقير ۽ علي محمد فقير بئي سڳا ڀائر حسين جا پٽ. بئي نماز روزي جا پابند چڱي حالت تي آهن. غلام محمد فقير کي ٻه پٽ حسين، عثمان ۽ ٽي نياڻيون آهن. هڪڙي پنهنجي ڀائيٽي محمد ابراهيم بن علي محمد کي، ٻي مولوي محمد صديق کي، ٽي فيض محمد بن حاجي طالب کي پرڻائي ڏنائين. عثمان جي شادي حاجي طالب جي نياڻي سان ٿي. حاجي طالب جي پيءُ جو نالو محمد علي آهي. مون ڏٺو هو نهايت صالح شخص هو. کيس ٻن شادين مان ٻه پٽ ٿيا. هڪ مان حاجي طالب، ٻي مان محمد هاشم جنهن جي شادي ٻڍاپور مان پنهنجي برادر مان ٿي. پٽ نياڻيون ڇڏي فوت ٿي ويو آهي. ٻار ناناڻن ۾ رهن ٿا سندن زمين وڏيرن وٽ مقاطعي ۾ آهي. حاجي طالب خواهہ اڪرم فقير وارن کي ڪجهه نہ ڪجهه زمين گذاري جيتري آهي. مالي حالت ٻہ چڱي اٿن اڄ جي دؤر ۾ دينداري جي لحاظ کان ٻہ چڱا آهن.

مون وڏيرو حاجي محمد مراد ۽ حاجي طيب ڏٺا هئا نماز روزي جا پابند، سندن صورت توڙي سيرت شريعت پاڪ جي موافق هئي. بئي بغير اولاد فوت ٿيا. حاجي طيب اڳ فوت ٿيو حاجي محمد مراد گهڻو پوءِ فوت ٿيو. غالباً سندن ٻيا ٻہ چار ڀائر هئا. ميوو، ساماڻو ۽ ٻہ ٻيا. اولاد فقط ساماڻي جو آهي. اهيئي سندن وارث ٿيا. ساماڻي جا چار پٽ حاجي دريا خان، حاجي عبدالحڪيم، حاجي عطا محمد، حاجي گل محمد مون گهڻو ڏٺا هئا. دريا خان کي فقط هڪ نياڻي ٿي، جا پنهنجي ڀائٽيي ساماڻي عرف مختيار علي کي پرڻائي ڏنائين.

ايوب خان جي دؤر ۾ يونين ڪائونسل پيرو فقير شورو جو چيئرمين ٿي رهيو. نماز روزي جو پابند، خوش خلق، چڱن اخلاقن وارو هو. وڏيرو حاجي عبدالحڪيم کي اولاد ڪونهي نماز روزي جو پابند، بااخلاق زنده آهي. حاجي عطا محمد هڪ پٽ انور ڇڏي فوت ٿيو. اهو ٻہ اولادي آهي. حاجي عطا محمد حج ڪرڻ کان پوءِ تمام ديندار ٿي پيو. رب متس رحم ڪري آمين. حاجي گل محمد نهايت دیندار با اخلاق، باهمت، شريعت پاڪ جو ادب ۽ احترام ڪندڙ، سهڻين خوبين وارو هو. اسان وٽ گهڻا فيصلا آندائين ۽ انهن تي عمل ڪرايائين. چار پٽ مختيار علي، سڪندر علي، لياقت علي، جان محمد ۽

نياڻيون ڇڏيائين. پھريان تي اولادي آھن. چوٿين جي اجا شادي ڪا نہ ٿي آھي، چڱي حالات ۾ بااخلاق آھن رب ڪين پنھنجي حفاظت ۾ رکي. آمين.

حاجي الھبخش بن الھڏنو شورو مون گھڻو ڏٺو ويجھڙائي ۾ فو ت ٿيو آھي. سندس عمر اندازاً نوي (90) ورھيہ ھوندي. باھمت، بااخلاق. اڙين اولين کي ڪم ايندڙ نماز روزي جو پابند ھو. حاجي محمد فقير فيصلن ۾ ڪيس ويھاريندو ھو ۽ ڪانئس مشورو وٺندو ھو. بہ پٽ حاجي ڪريمداد ۽ حاجي محمد يوسف ۽ نياڻيون ڇڏيائين. جن مان ھڪڙي جي شادي حاجي گل محمد سان ٿي جنھن مان ڪيس ڪافي اولاد ٿيو. حاجي ڪريمداد کي ھڪ پٽ الھڏنو نالي ٿيو. اوڏيھن سالن جو ٿي ويجھڙائي ۾ فوت ٿيو آھي. ڪراچي ۾ دماغ جي اپريشن ٿيس چند مھينا گھميو ڦريو ڪيس دوباره ڪراچي اسپتال ۾ داخل ڪيائون واپسي ۾ راھ ۾ فوت ٿيو. حاجي ڪريمداد کي ھڪ نياڻي آھي. حاجي محمد يوسف کي اجا اولاد ڪونھي رب ڏيڻ تي قادر آھي. ٻئي اھل خير ديندار بااخلاق، سٺن لڇڻن وارا آھن. ٻئي حج ۾ حاجي ڪريمداد ۽ مولوي محمد صديق جا رفيق ھئا. رفاقت جا چڱا ثابت ٿيا. رب سندن حفاظت فرمائي. آمين.

(فقير منٺار مرحوم جي ھڪ ڪاپي تان ورتل يادگيريون. عنوان: شورا فقير صفحہ 31 کان 36 تائين)

# ياد گيريون (شورا فقير-2)

10 رمضان المبارڪ ليلة الخميس 4 بجي 1376هہ انهٺ (68) ورهين جي عمر ۾ حاجي محمد فقير شوري وفات ڪئي. هت پهچڻ بعد ساڻن تعلقات روزبروز وڌندا ويا. مرحوم نهايت خوش خلق، سخي بردبار، سهڻين خوبين جا مالڪ هئا ضروريات دين جي ڪين ڄاڻ هئي. حضرت پيرو وفقير عليهم الرحمة ڪان وٺي سندن ديني مڪتب هلندو آيو. مون ڪين پڙهائيندي ڏٺو. مسافر طالب بہ چڱي انداز ۾ ڏٺم. قرآن شريف ناظران، ابوالحسن عليه الرحمة جي سنڌي مفتاح الصلواة وغيره پڙهائيندا هئا. طالب ضروريات دين ڪان پوري طرح واقف ٿي نڪرندا هئا، مسجد آباد ڪرڻ جا لائق هوندا هئا. تعليم سان گڏ سندن تربيت بہ سٺي ٿيندي هئي. پاڻ وڏا ٿيا تہ ٻيو ڪو استاد پڙهائڻ لاءِ رکندا هئا. سندن وفات تائين اهو سلسلو سٺو هلندو رهيو. فقير صاحبن جو وڏيرن سان پراڻو تعلق هو ان ڪري گهٽو ايندا هئا. هتي (مدرسي ۾) رهڻ بعد وٽن اچ وڃ جو سلسلو جاري ٿيو. حرن واري مارشل لا ۾ وڏيرا هتان لڏي وڃي ٽنڊو آدم ويٺا. آئون هتي ئي رهيس پوءِ فقير صاحب اڳي ڪان بہ وڌيڪ ايندا هئا. گهوڙيءَ تي گاهہ ڪنيو ايندا هئا گهوڙي لاءِ داڻو ڪو نہ وٺندا هئا. چوندا هئا تہ ڳوٺ بہ ڪيس داڻو ڪو نہ ٿا ڏيون. چوندا هئا تہ هتان لنگهڻ ٿو ٿئي تہ گهوڙي خود بخود ڳوٺ جو رخ ٿي ڪري. مدرسي جي چڱي مدد ڪندا هئا ۽ ڪرائيندا هئا. سال ۾ بہ ٻيرا ٻڪر چانور گيهہ وغيره طالبن لاءِ موڪليندا هئا ۽ پاڻ اچي رويرو طالبن کي کارائيندا هئا. ميها، مڪائي، انب جا بہ شيءِ لهندي هئي مدرسي ۾ آڻيندا هئا. ساليانو ڪٽڪ بہ ڳوٺين هڪ سؤ روپيا مدرسي

۾ ڏيندا هئا. رجب کان هڪ ٻه روز اڳ تنبو آدم مان سون چاندي جا اڳهه پڇي رات جو هتي اچي رهندا هئا. اڪيلائي ۾ سون چاندي نقد وغيره حساب ڪرائي زڪوات جو فيصلو ڪندا هئا ته ڪيتري ٿي! پوءِ مسڪين طالبن جو پڇندا هئا ڪين ڪپڙا سبائي آٽي ڏيندا هئا. اهو هر سال سندن دستور هو جو پڇاڙي تائين جاري رهيو. ساڻن مخدوم بلال عليه الرحمة، قلندر شهباز عليهم الرحمة جون زيارتون، ۽ قريب جاين تي رفاقت به گهڻيئي پيرا ٿي. پنهنجو بار ٻئي تي رکڻ کان گهڻو پري هئا. رفيق جي راحت کي پنهنجي راحت تي ترجيح ڏيندا هئا. علماءِ ڪرام، طالب العلم، ۽ ساداتن جو تمام گهڻو خيال ڪندا هئا. علماءِ ڪرام ۽ ساداتن کي ڪڏهن به خالي ڪين ڇڏيندا هئا. ڪم از ڪم پنڌرهن ويهه روپيا ڏيندا هئا. پاڻ ان وقت گذاري جيتري ملڪيت جا مالڪ هئا. زياده خوشحالي بعد ۾ آئي. وفات کان ٻه راتيون اڳ مغرب ۽ عشاء جي در ميان سندن گهر ۾ ساڻن آخري ملاقات ٿي. کٽ تي ستل هئا. سندن منهن اولهه پاسي هو. مون کي سامهون ڪرسي رکي ڏنائون. پاڻ پنهنجا ٻئي هٿ منهنجي ڏاڙهي تي پئي گهمايائون. مون کي انهي شفقت جو اثر دل تي نقش آهي. اڄ اهي رفيق ۽ ساٿي ڪٿان ملن! رب سائين مٿن دائما رحمت وسائي، سندن اولاد، خاندان جي حفاظت فرمائي. آمين.

مون فقير صاحب جي خاندان جا گهڻا صالح شخص ڏٺا. خضر فقير، حاجي طيب، حاجي محمد مراد، نهايت ديندار صالح شخص هئا. خليفي صاحب کان حضرت پيرو فقير عليه الرحمة بابت پڇيم. چيائين ته اجا فقير صاحب ٻاهر ويندا هئا آئون ساڻن گڏ ويندو هوس. پاڻ ڪتين جو گهڻو احترام ڪندا هئا.

مون ٻيا به سندن خاندان جا گهڻا فقير ڏٺا پر جيئن ته منهنجو گهاٽو تعلق حاجي محمد فقير سان هو ۽ اهي دير تائين به رهيا ۽ اسان وٽ گهڻو ايندا به هئا، ساڻن رفاقت ۾ مختلف جاين تي وڃڻ به ٿيو. ٻيا سگهو فوت ٿي ويا. ساڻن ويهڻ جو خلاصو موقعو به ڪو نه مليو ان ڪري سندن حالات ۽ نالن جو يقيني علم به نه رهيو. حاجي طيب عصر نماز تي سوير اچي مسجد

۾ ويهندا هئا، اتي ئي ملندا هئاسون. حاجي محمد مراد سان چڱو موقعو مليو جو ديني مسائل پڇندا هئا ۽ فقير حاجي محمد فقير وٽ گھڻو ويهندا هئا. وڏيري حاجي محمد مراد شوري 3 ذوالحج 1388هه يوم الجمعه 1 بجي مطابق 21 فيبروري 1969ع تي وفات ڪئي. بعد العصر سندس جنازي نماز پڙهائي وئي ۽ فقير صاحب جي قريب، مغرب نماز کان اڳ کين دفن ڪيو ويو رب مٿن رحم فرمائي. آمين نهايت صالح شخص هئا.

20 رمضان المبارڪ 1397هه مطابق 5 سيپٽمبر 1977ع ليلة الاثنين (سومر جي رات) 9 بجي ڏاري وڏيري حاجي درياخان شوري ٽنڊي آدم ۾ پنهنجي گهر وفات ڪئي. مرحوم چند سالن کان بيمار هو کيس فالج جو اثر ٿيو. علاج مان افاقو ٿيو پر آخر هلڻو آهي، وقت پورو ٿي ويو. سندس جنازو ڳوٺ آندائون. پيرو فقير عليهم الرحمة جن کان اولهه ۾ جو قبرستان آهي، ان جي اوپر ۾ کلي ميدان ۾ جنازي نماز پڙهڻ بعد ان قبرستان ۾ کيس دفن ڪيو ويو. 12 بجي دفن کان فراغت ٿي. مرحوم ايوب خان جي دؤر ۾ يونين ڪائونسل پيرو فقير شورو جو ڏهه سال چيئرمين ٿي رهيو. پاڙي وارن سان سندس سلوڪ سٺو هو. ڪم ڪار غريبن جا چڱي نموني ڪيائين. طبيعت جو نرم خوش خلق هو. اسان سان سندس تعلق سٺو رهيو. 1391هه ۾ جڏهن مدرسي جي نئين عمارت جو بنياد رکيو ويو. ان وقت وڏيري محمد شريف واري بنگلي تي فقير غلام حسين، وڏيري حاجي دريا خان ۽ وڏيري محمد شريف کي منهنجي آڏو هڪ هڪ ڪمرو نهرائي ڏيڻ لاءِ چيو ويو. وڏيري محمد شريف ٻارهن سؤ روپيا ڏنا. وڏيري حاجي دريا خان چيو ڪم گڏ هلي، ڪمري تي جي پيسا لڳا، آئون ڏيندس. ريتي، ڪڪري جون ڪانئس چاليهه ٽرڪون پهتيون. مون کين چيو ته هاڻي ضرورت ڪانهي، تڏهن بند ڪيائون. چڱين خصلتن جو مالڪ هو رب کيس مرهي. آمين.

6 ذوالحج 1402هه مطابق 24 سيپٽمبر 1982ع بعد صلواة الجمعة (جمعي نماز کان پوءِ) وڏيري حاجي گل محمد شوري پنهنجي ڳوٺ پيرو فقير شوري عليهم الرحمة ۾ پنهنجي نئين تعمير ڪرايل بنگلي ۾ وفات ڪئي. مٿس دل جو دورو پيو. جمعي نماز جماعت سان پڙهيائين، اڳ ۾ ڪجھه فيصلا ڪيائين. بهترين پاڙيسري ساٿي هو. رب کيس بخشي، مٿس رحم

فرمائي. وڏيري دريا خان کان پوءِ يونين ڪائونسل پيرو فقير شورو عليهم الرحمة جو چيئرمين تازندگي رهيو. ڪيترا فيصلا طرفين کي مدرسي ۾ آڻي شريعت مطهره جي مطابق ڪرايائين. فون تي مسئلا پڇندو هو يا طرفين (ٻنهي ڌرين) کي موڪليندو هو. شريعت مطهره جو وڏس احترام هو. نماز روزي جو پابند هو. نماز روزي جو وڏيرو حاجي دريا خان بہ پابند هو. دنيا فاني آهي. اڳي پوءِ نيت هلڻو آهي. وڏيري حاجي گل محمد شوري پوٽتان بہ پائر ميان حاجي عبدالحڪيم ۽ حاجي عطا محمد ۽ چار پٽ ڇڏيا. رب سندن حفاظت فرمائي. صراط مستقيم تي هلائي. آمين

20 ربيع الاول 1401هہ يوم الثلاثاء (اڱاري ڏينهن) سوا يارهين بجي دلي دوست، سفر ۽ حضر جي ساٿي فقير حاجي شفيع محمد شوري وفات ڪئي. بروقت اطلاع تي پهچڻ ٿيو. سوا ٽي بجي سندس جنازي نماز پڙهي سندس والد محترم حاجي محمد فقير عليهم الرحمة جي قريب دفن ڪيو ويو. ٿر، بلوچستان، پنجاب، سنڌ، حجاز مقدس جا گڏجي سفر ڪياسون. وفات کان چند سال اڳ مٿن فالج جو حملو ٿيو. علاج مان قدري افاقو ٿيو. پر گهمڻ ڦرڻ جهڙا نہ رهيا. ان حالت ۾ بہ گاڏي سندن چوڻ تي کين مون وٽ ڇڏي ويندي هئي. شام جو واپس ڪٽي ويندي هئي. ڪافي پيرا ائين ڪيائون. سندن ڪچهريون وساري نہ ٿيون سگهجن. رب مٿن دائماً ابداً رحمت نازل فرمائي. پوين جي حفاظت فرمائي. آمين. پوٽتان بہ پٽ ميان حاجي احمد ۽ محمد عرف حاجن ڇڏيائون. ميان حاجي احمد کي ڪافي اولاد آهي. رب کين پنهنجي حفاظت ۾ رکي. آمين.

4 جمادي الثاني 1401هہ ليلة الجمعة (جمعي جي رات) 10 بجي پاڙيسري رفيق، دلي دوست فقير عبدالله بن حاجي محمد صديق شوري سول اسپتال ڪراچي ۾ وفات ڪئي. (10 ۽ 11- اپريل 1981ع جي درمياني رات) 5 بجي صبح جو سندن جنازو ڳوٺ پهتو. بروقت اطلاع تي پهچڻ ٿيو. 9 بجي جنازي نماز پڙهي ڪجهہ دير تائين احباب لاءِ ترسي دفن ڪيو ويو. هفتو اڳ جمادي الاول جي آخري خميس ڏينهن سندس گهر ۾ ساٽن ڏگهي

ملاقات ٿي. سندس محبت ۽ پيار جو اثر دل تي باقي رهندو. بهترين ساٿي، دل گهريو دوست جدا ٿي ويو. آخر فنا، آخر فنا. رب متس رحم فرمائي سندن اولاد جي حفاظت فرمائي، کين سڌي رستي تي هلائي. آمين. مرحوم پوئتان ٻہ فرزند مولوي محمد صديق ۽ ميان عبدالواحد ڇڏيا آهن. رب کين پنهنجي حفاظت ۾ رکي. آمين.

استاد فقير منٺار جي لکيل ڪاپين تان نقل ڪيو ويو يادگيريون ڪاپي نمبر2۔ صفحو 17 کان 20 تائين)

ص

# فقيري ۽ ولايت

## (هڪ تحقيقي جائزو)

**از: مولوي محمد يامين شورو**

جيئن تہ اسان جو هي زير نظر ڪتاب سنڌ جي هڪ بزرگ خليفي پيرو فقير شوري جي حالات بابت آهي جيڪو ملتان جي بزرگن جو خاص خليفو ۽ مريد هو. سندس فقيري سلسلي سهروردي سان وابستگي هئي. انهي ڪري اسان مناسب سمجهو تہ خليفي پيرو فقير جنهن فقيري واٽ جو پانڌيئڙو هو جنهن سلوڪ ۽ معرفت جو سچو سالڪ هو انهي سلوڪ ۽ معرفت جي باطني سفر ۽ ان گس پنڌ جي منزلن، طور طريقن، آدابن، شرطن، نشانين ۽ پار پتن بابت ڪجهہ تفصيل سان جائزو پيش ڪجي تہ جيئن پڙهندڙ انهي فقيري سلسلي جي فيض مان مستفيض بہ ٿين تہ ان جي ڏس تي هلي پنهنجو نفس پاڪ ۽ قلب صاف ڪري اندر اجاري، سلوڪ ۽ معرفت جي منزلن جي سڃاڻ ۽ پيروي سان آخرت آجي ڪن.

**فقيري:**

فقيري واري واٽ حقيقت ۾ دنيا جي سمورن مزن، نفساني لذتن، خواهشن، من مستين، هوڏ هستين يعني تہ چڙواڳ زندگي کي بلڪل ڇڏي ڏيڻ ۽ دنيا ۾ رهندي آخرت جو فڪر ۽ ان جي تياري ڪرڻ سان نصيب ٿئي ٿي. فقيرانہ زندگي ۾ سادو کائڻ سادو پائڻ، قناعت ڪفايت، خودداري ۽ خاموشي، صبر شڪر، تحمل برداشت، توڪل تواضع، نوڙت ۽ نيازمندي، گهٽ کائڻ ۽ گهٽ ڳالهائڻ، انسانيت جي ڀلائي، هر ڪنهن سان خير

خواهي، سخاوت ۽ ڪشاده دلي، واتان ويڻ نه وارڻ بلڪ درگذر ڪرڻ جهڙيون عادتون پيدا ٿي پون ٿيون. جنهنڪري از خود ماڻهو تي فقيري رنگ چڙهي وڃي ٿو. چو ته اهي سڀ گڻ اندر کي اجو اجرو ڪري اجاري باطن پاڪ ڪن ٿا. پر انهي لاءِ به هي ضروري آهي ته، ڪنهن به راهه تي هلڻ لاءِ رهبر (جيڪو گس جو سونهون هجي) جي ضرورت پوي ٿي فقيري رستي ۾ به رهبر ڪانسواءِ معرفت جي راهه جون منزلون پار نه ڪري سگهبيون، انهي ڪري ڪامل مرشد جي بيعت ۽ ان جي ٻڌايل ڏس ۽ ڏنل سبق تي هلي آساني سان اهو سفر طئي ڪري سگهجي ٿو. چو ته، ڪو به شاگرد، استاد ڪانسواءِ علم ۾ ڪامل نه ٿو ٿي سگهي هن فقيري راهه ۾ به مرشد ڪامل ڪانسواءِ پنهنجي منهن مونجهارن ۾ ڦاسي اصل منزل تائين پهچي نه سگهبو.

فقيرانه زندگي لاءِ به شريعت بنيادي ڏاڪو آهي. شريعت جي احڪامن جي ڄاڻ هئڻ ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪو فقيري اختيار ڪندو يا پنهنجي عقلي دليلن تي لڳي، جيڪي دل ۾ خيال آيو يا جيڪي سوچ آئي، تنهن مطابق هلي پيو ۽ فقيراڻو ويس ڪري وڃي ديرو ڄمايائين، ته به سڌي راهه کان ٿڙهي ويندو. چو ته شريعت جو علم، مسلمان لاءِ هڪ اهڙي روشني آهي جيڪا صراط مستقيم جي سڌي راهه تي وٺي هلڻ واري آهي ۽ ڪنهن به گمراهي جي کڏ ۾ ڪرڻ کان بچائي ٿي. انهي ڪري پنهنجي عقل کي به شريعت واري علم جي روشني ۾ هلائبو ته پوءِ يقيناً اهڙو ماڻهو خطا نه کائيندو. شايد اهو ئي سبب آهي جو ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ فرمايو هو ته، فضل العالم علي العابد ڪفضلي عليٰ ادناڪم. يعني شريعت واري علم جي عالم جي فضيلت هڪ اڻ پڙهئي عابد (عبادتگذار) تي ائين آهي جيئن منهنجي فضيلت (رسول الله ﷺ جي فضيلت) توهان اصحابن تي آهي. ساڳي مفهوم کي نظر ۾ رکي لطيف سائين به آگاهه ڪيو هو ته،

ڪر طريقت تڪيو شريعت سجاڻ،
هوئج ٿابو تي ساڻ، ته پُسڻ کان پالهو رهين.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته، طريقت يعني سلوڪ ۽ معرفت وارو فقيري

رستو هڪ سهاري طور پلي وٺ. پر پهرين توکي شريعت جي احڪامن حرام حلال، جائز ناجائز حق ناحق، پاڪ پليت، عبادات معاملات، اخلاقيات ۽ عادات وغيره ڪان واقفيت لازمي آهي. ڇو تہ، شريعت سڳوري سڻن اخلاقن ۽ برن لڇڻن، هر معاملي ۾ صحيح ۽ غلط بابت وضاحت سان فرق ڪري ٻڌائي ٿي. خدا جو راضپو حق حلال، پاڪ ۽ صحيح طريقي ۾ آهي باقي ناحق، حرام، پليت ۽ غلط طريقي ۾ تہ رب رسي ويندو. فقيري واٽ وٺڻ واري کي جي سڀ جا سڀ احڪام معلوم نہ هجن تہ بہ بنيادي عقيدن، توحيد ۽ شرڪ، سنت ۽ بدعت، هدايت ۽ گمراهي جهڙن عملن بابت ۽ زندگي گذارڻ لاءِ بنيادي ضرورتن. گهر ٻار سنڀالڻ ۽ پاڙي جي پرگهور لهڻ وغيره بابت شريعت جي احڪامن جي ڄاڻ لازمي آهي. نہ تہ هر جاءِ تي ڪيس مونجهارو رهندو تہ صحيح ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي؟ شريعت جي ڄاڻ نہ هئڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن فقط عقل جي آڌار تي ڪو بہ فيصلو ڪندو يا ڪنهن کي ڪو مسئلو ٻڌائيندو تہ جي شريعت جي حڪم جي خلاف هوندو تہ، پوءِ فقيري تہ گمراهي ۾ هلي ويندي! جنهن رب کي راضي ڪرڻ لاءِ فقيري اختيار ڪيائين سو رب احڪم الحاڪمين تہ رسي ويندو!! اهڙي صورت ۾ ان جا عمل ڪنهن بہ ڪم جا نہ رهندا!!!

باقي ماڻهن ۾ سندس فقيري جي شهرت، تہ آخرت ڪو نہ ڇڏائيندي، انهي ڪري فقيري رستي تي هلڻ لاءِ شريعت جي روشني لازمي آهي. شريعت کان ٿڙيل گمراهہ صوفي ۽ فقير تہ پاڻ بہ اوڙاهہ ۾ ڪرندو تہ، پنهنجي پوئلڳن کي بہ پاڻ سان گڏ برباد ڪندو. هي ڳالهہ بہ واضح ڪرڻ گهرون ٿا تہ، فقيري جو مطلب جوڳين وانگر پنڻ کائڻ، لڏا کڻي هلڻ، ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي، يا وري جهنگ ۾ جهوپڙي ٺاهي خلق کان منهن موڙي اڪيلائي جي ڪنڊ ۾ ويهڻ، يا ڪنهن جبل جي غار ۽ ٻُر ۾ لڪي ويهي ورد وظيفا پڙهڻ، سيني رشتن ناتن کان لڳ لاڳاپا ٽوڙي واسطا ڪٽي تن تنها رهڻ، شادي، اولاد، گذر معاش لاءِ حق حلال روزي ڪمائڻ کان ڪنارو ڪرڻ، مطلب تہ تارڪ الدنيا ٿي اڪيلي زندگي گذارڻ، اها تہ فقيري ڪا نہ ٿي، اها تہ رهبانيت آهي. رهبانيت جي لفظ مان راهب لفظ نڪتو آهي.

راهب عيسائين جي پادري کي چئبو آهي جيڪو تارڪ الدنيا بنجي اڪيلي زندگي گذاري ٿو ۽ سماج سان ۽ عام ماڻهو سان انهي جو ڪو بہ تعلق نہ هوندو هو. ائين ئي هندن ۾ وري جوڳ پچائڻ چلا ڏها ڪيڻ جهنگ ۾ تن تنها رهڻ وارا جوڳي وغيره آهن تہ انهي رهبانيت واري زندگي لاءِ حضورﷺ جن فرمايو تہ لارهبانيت في الاسلام. اسلام ۾ رهبانيت لاءِ ڪا بہ گنجائش ناهي اسان هتي انهي فقيري جي پرچار نہ ٿا ڪريون جيڪا رهبانيت آهي پر اسان جو مقصد زندگي سادي نموني گذارڻ، دنيا جي ناجائز عيش، لذتن ۽ مزن کان پاڻ پلڻ واري فقيري آهي.

رهبانيت جيڪري ئي الله تعاليٰ عيسائين کي قرآن شريف ۾ جن لفظن سان ننديو ۽ مذمت ملامت ڪئي سي هي آهن. وَرَهْبَانِيَّةً ابْتَدَعُوهَا (يعني انهن عيسائين رهبانيت جهڙي بچڙي بدعت شروع ڪئي) پاڻ سڳوراﷺ ڪڏهن ڪڏهن سنا ڪپڙا پائيندا ۽ سنا کاڌا کائيندا بہ هئا. پر سندن طبيعت سڳوري جو اڪثر لاڙو دنيا جي ڏيک ويک، زرق برق ۽ سونهن سينگار ڏانهن بنهہ گهٽ هو. پاڻ ڪريمﷺ فرمائيندا هئا تہ آدم جي اولاد کي هنن شين کانسواءِ ٻيو وڏيڪ حق ڪونهي. رهڻ لاءِ گهر، اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ۽ پيٽ پرڻ لاءِ رکي سکي ماني ۽ پاڻي (جامع الترمذي ابواب الزهد) بي بي عائشہ سڳوري رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ پاڻ ڪريمن لاءِ ڪڏهن بہ ڪو ڪپڙن جو جوڙو ويڙهي رکيو نہ ويو. يعني سندن پائڻ لاءِ اهي ئي ڪپڙا هوندا هئا جيڪي سندن جسم مبارڪ تي پاتل هوندا هئا، رکڻ لاءِ وڌيڪ ڪپڙا نہ هوندا هئا. (ابن ماجه ڪتاب اللباس)

## فقير:

عربي ٻولي ۾ فقير اهڙي محتاج کي چئجي ٿو جنهن وٽ ويلي تي کائڻ جيترو مس هجي نہ مال ملڪيت نہ ڪي کائڻ پيئڻ ۽ رهڻ ڪهڻ جا اسباب. بس هڪ ويلي تي گذاري جيترو کاڌو، انگ ڍڪڻ جيترو ڪپڙو ڪا هڪ اڌ ڦاٽل رلي ۽ ٻيگل جهوپڙي. قرآن شريف ۾ لڳ ڀڳ اهڙي مفهوم لاءِ اهو لفظ جمع جي صورت ۾ الْفُقَرَاءُ تي استعمال ٿيو آهي يعني وَاللهُ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَاءُ. مطلب شاهوڪار

آهي تہ الله آهي، اوهان تہ سڀ جا سڀ ڪنگال، سچا ۽ محتاج آهيو. اوهان وٽ جو ڪجھ آهي سو سڀ الله جو ڏنل آهي. اوهان جي پنهنجي ڪا بہ ملڪيت ڪانهي. انهي آيت مان هر انسان جي ذهن، دل ۽ دماغ ڪي درست سوچ رکڻ لاءِ تنبيه ٿيل آهي تہ اي دولتمندا! متان دولت ڏسي مست ٿئين!! اي عقلمندا! متان عقل جي اڏام ڏسي آپي ڪان ٻاهر نڪرين تہ اها منهنجي ذاتي ملڪيت آهي!!! بلڪ اهي سڀ الله جون عطا ڪيل نعمتون آهن، جن جو مالڪ هو پاڻ آهي انهن سيني شين جا خزانا خدائي سرڪار جي قبضي ۾ آهن. جو خود پاڻ قرآن شريف ۾ فرمايو اٿس تہ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ. انهن سمورن خزانن جو مالڪ هو اهڙو شاهوڪار آهي جنهن جي خزانن ۾ ڪوٽ اچڻي ناهي. دنيا جو امير تہ سياڻي فقير بہ ٿي ويندو. هر ماڻهوءَ پنهنجي مشاهدي ۾ ڪئين اهڙا فقير بہ ڏٺا هوندا جيڪي هاڻ امير ٿي ويا هوندا تہ ڪئين اهڙا امير بہ ڏٺا هوندا جيڪي هاڻ فقير ٿي ويا هوندا. انهن خزانن جو اصل ڏٽي تہ خود خدا آهي. جيئن شاهہ لطيف فرمايو تہ "ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا" وٽيس تہ ڪنهن کي مالا مال ڪري، وٽيس تہ ڪنهن کي ڪنگال ڪري. ڏئي بہ اُهو تہ کسي بہ اُهو. عزت بہ ان جي هٿ ۾، تہ ذلت بہ ان جي هٿ ۾. بادشاهہ توڙي گدا سڀ هن جا محتاج.

مٿي عرض ڪيو سون تہ فقير اهو ٿيندو آهي جنهن وٽ مال اسباب نہ هجي. دنيا ۾ جڏهن بہ ڪنهن ماڻهو تي ڪا تنگي، سچائي ڪڙڪندي آهي تہ اهو ماڻهو بيوس، محتاج ۽ لاچار ٿي پوندو آهي. ان ماڻهوءِ ۾ نہ هٿ هوڏ رهندو، نہ ڪي وڏائو ۽ وڏ ماڻهپو. بلڪ هو پاڻ کي سيني کان گهٽ سمجهندو. اهو سڀ ان صورت ۾ آهي جو ڪو ماڻهو قدرتي طرح فقير بنجي وڃي. ڇو تہ اهو اهڙو بي وس ۽ بي اختيار بنجي وڃي ٿو جو نہ ڪا پلي سواري وٺي سگهي، نہ ڪو اوچا ڪپڙا ۽ اوچا ڪاڏا کائي سگهي ۽ نہ وري اوچن عاليشان محلاتن ۾ رهڻ جو سوچي سگهي. پر مال مايا، وس ۽ اختيار هوندي بہ جيڪڏهن ڪو فقيري رستو اختيار ڪري، سموري دنيا ۽ ان جي عيش عشرت تان دل ڪٽي فقط هڪ مولا وحده لا شريڪ سان لنئون لڳائي، دل ۾ حقيقي دوست جو ديرو ڄمائي ٿو تہ اهو آهي فقيري راهہ تي هلڻ وارو.

اهو آهي خدا جي حقيقي سچن ٻانهن مان هڪ ٻانهو. جن لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَاۗءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ 62ښ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ 63ۭ

لَهُمُ الْبُشْرٰي فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۭ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ 64ۭ.

(سورت يونس آيت نمبر 62، 63، 64 رڪوع 7 سيپارو 11)

يعني هيءَ ڳالهہ واضح لفظن ۾ ٻڌي ڇڏيو تہ، الله جي ولين (دوستن) کي نہ مستقبل جو خوف خطرو ۽ نہ ڪي ماضي جو ڪو ارمان، افسوس ۽ ڳڻتي. جن الله جي هيڪڙائي تي ايمان آندو ۽ پرهيزگار ٿي رهيا، اهڙن لاءِ دنيا جي زندگي ۾ بشارت ۽ خوشخبري آهي تہ، آخرت ۾ بہ مبارڪون. الله جي ڳالهہ ۾ ڪا بہ تبديلي ناهي. اها (خدائي بشارت) وڏي ۾ وڏي ڪاميابي آهي.

# صوفي فقير، سچا سالڪ ۽ اهل سنت والجماعت

## از: مولوي محمد يامين شورو

مسلمانن ۾ فقير ۽ صوفي سالڪ الڳ فرقو ناهي. چو ته اهي به اصل ۾ شريعت کي مڃڻ وارا يعني الله ۽ رسول ﷺ جي حڪمن تي هلڻ وارا سلوڪ و معرفت جا پانڌي آهن. عام ماڻهو کي اها غلط فهمي اڄڪلهه جي صوفي ازم يا صوفيت جي غلط تشريح جيڪري ٿي آهي. اها غلط تشريح تڏهن کان منظر عام تي اچڻ لڳي آهي، جڏهن کان ڪن ماڻهن شريعت کي باءِ پاس ڪري هڪ اهڙو رستو اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ مذهبي حد بنديون ۽ شرعي پابنديون نه هجن. ائين ڪٽي چئجي ته، مذهب کان بيزاري يا فراريت لاءِ هڪ آسان واٽ هٿ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ٿيڻ لڳي آهي. حالانڪ بزرگي ۽ فقيري لاءِ ترتيب وار هي چار ڏاڪا ۽منزلون ماڻڻ لازمي آهن. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت انهن چئني مرحلن جو هڪ ٻئي تي اهڙو دارومدار آهي جهڙو مٿي چڙهڻ لاءِ چاڙهيءَ جي ڏاڪڻ جو. جڏهن به ڪو مٿي چڙهڻ لاءِ جڏهن چاڙهيءَ تي چڙهندو آهي ته پهرين ابتدائي ڏاڪي تي پير رکندو پوءِ ٻئي تي ۽ پوءِ ٽئي ڏاڪي تي. هڪ ئي ٽپ سان آخري ڏاڪي تي پير پهچي نه سگهندو. اهو ئي سبب آهي جو طريقت شريعت کان سواءِ ۽ حقيقت طريقت کانسواءِ ته معرفت حقيقت کانسواءِ ماڻي نه ٿي سگهجي.

انهي ڪري اسان فقيري سلسلي جو بنياد اسلامي تاريخ جي آئيني ۾ پيش ڪريون ٿا. حضور اڪرم ﷺ جي لاڏاڻي کان پوءِ انهي زماني جي مسلمانن، پاڻ سڳورن جي صحبتي هجڻ کانسواءِ ڪنهن ٻئي لقب کي پاڻ لاءِ پسند نه ڪيو. چو ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو فضيلت وارو لقب هو ئي

ڪونہ. انهي ڪري حضور ڪريم ﷺ جي صحبت يافتہ ڀلارن کي ”صحابہ ڪرام“ رضوان الله عليهم جي عزت ڀريئي لقب سان سڏيو ويو. جڏهن صحابہ ڪرام کان پوءِ واري دؤر جا ماڻهو آيا، جن کي اصحابن سڳورن جي صحبت ۽ شاگردي جي نسبت حاصل ٿي تہ اهي اصحابن جي تابعداري ڪرڻ سبب ”تابعي“ سڳورا جي لقب سان مشهور ٿيا. انهن ماڻهن انهي تابعي واري لقب کي عزت ۽ شرافت وارو لقب سمجهيو.

انهن تابعي ڀلارن کان پوءِ وارا ماڻهو جيڪي انهن تابعين جي صحبت ۾ رهيا ۽ انهن جي طريقي ۽ ڏسيل واٽ تي هليا تہ اهي ”تبع تابعي“ سڳورا سڏيا ويا. انهي طرح اهي ٽي زمانا شمار ٿيا. جن کي حضور ﷺ پنهنجي هڪ فرمان ۾ ذڪر ڪندي فرمايو آهي تہ ڀلي ۾ ڀلا دؤر ۽ زمانا اهي ٽي آهن. يعني هڪ اهو زمانو جيڪو منهنجو (رسول الله ﷺ) ۽ منهنجي صحابہ ڪرام جو دؤر آهي. ٻئي نمبر تي تابعين جو دؤر ۽ ٽئي نمبر تي تبع تابعي سڳورن جو دؤر، ۽ انهن کانپوءِ ايندڙ سڀ زمانا برابر آهن. ڪو بہ ڪنهن دؤر کان ڀلارو ناهي. پاڻ ڪريمن ﷺ جي فرمان جا الفاظ مبارڪ هي آهن. خيرالقرون قرني ثم الذين يلونهم ثم الذين يلو نهم.

انهن ٽنهي دؤرن ۽ زمانن جي گذرڻ کان پوءِ ديني ۽ شرعي لحاظ کان ماڻهن جا مرتبا ۽ درجا مختلف ٿي ويا. ٽنهي ڀلارن زمانن بعد جن ماڻهن حضور اڪرم ۽ سندن اصحابن سڳورن ۽ تا بعي ۽ تبع تابعي ڀلارن جي طريقہ تي قائم رهي دين سان تعلق بنهہ گهرو ۽ گهاٽو رکيو سي عام طرح عابد زاهد سڏجڻ لڳا، پر انهن خود پاڻ کي اهل سنت والجماعت سڏايو ٿي. پر اڳتي هلي نيون نيون بدعتون شروع ٿيون. جنهن ڪري مختلف فرقا ٺهي پيا ۽ هر فرقي هيءَ دعويٰ شروع ڪئي تہ سندن فرقي ۾ وڏا وڏا عابد ۽ زاهد آهن. اهڙي صورتحال ۾ اهل سنت والجماعت جي خاص خاص ماڻهن پاڻ لاءِ تصوف جو لقب بہ پسند ڪيو. انهن اڪابر اهل سنت والجماعت لاءِ اهو تصوف جو لقب ٻي صدي هجري کان ئي سڏجڻ لڳو. هتي اهل سنت والجماعت جي نالي جو مطلب ۽ مفهوم بہ واضح ٿيڻ کپي تہ بهتر آهي. عام ماڻهو اهو نالو ٻڌو تہ ضرور آهي پر انهي نالي جي توجيهہ ۽ تشريح شايد نہ

ٻڌي ۽ نہ پڙهي هجي. انهي ڪري اسان انهي ناليِ جي مطلب ۽ مفهوم کي ڪولي سمجهايون ٿا.

اهل سنت جي معنيٰ تہ حضور اڪرم ﷺ جي طريقي تي هلڻ وارا چو تہ سنت خاص پان سڳورن جي طريقي کي چئجي ٿو. عبادات، معاملات اخلاقيات، سماجيات وغيره زندگي جي هر شعبي ۾ اهل سنت جي قول، فعل، گفتار ۽ ڪردار جو بنياد پاڻ سڳورن جو طريقو آهي. والجماعت جو مطلب تہ، حضور اڪرم ﷺ جي طريقي تي هلڻ واري سڀ کان پهرين جماعت، اصحاب سڳورن جي هئي. جن پان ڪريمن ﷺ جي طريقي تي سندن روبرو، موجودگي ۾ زير تربيت ۽ زير نگراني عمل ڪيو. جڻ تہ صحابہ جي جماعت حضور اڪرم ﷺ جي تربيت يافتہ ۽ تيار ڪيل جماعت هئي جيئن پاڻ سڳورا پنهنجي نبوت ۽ رسالت ۾ خاتم النبين ۽ صاحب ڪمال هئا، تيئن سندن تربيت يافتہ جماعت اصحاب سڳورا بہ پاڻ ڪريمن جي تابعداري ۾ انسانيت جي بي انتها ڪمال جا صاحب هئا. تڏهن تہ الله تعاليٰ انهي پلاري جماعت لاءِ قرآن شريف ۾ هنڌين ماڳين ساراهہ جوڳيون صفتون بيان ڪيون آهن. ڪٿي فرمايو ويو تہ، لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ڪٿي اُولٰٓئِكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ ، ڪٿي اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ. ڪٿي اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا. ڪٿي اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ. ڪٿي اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ. ڪٿي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ. ڪٿي لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا. ڪٿي حضور سائين جي ذڪر خير سان گڏ سندس اصحابن سڳورن جو بہ ذڪر. مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ؕ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّآءُ عَلَي الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللهِ وَرِضْوَانًا ۡ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ب وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۾. ڪٿي سهڻين صفتن سان نوازيو ۽ ساراهيو ويو تہ السابقون الاولون من المهاجرين والانصار. ڪٿي وري انهن صحابہ جي دين ۽ ايمان کي باقي دنيا جي سمورن مومن مسلمانن جي دين ۽ ايمان جي پرکڻ لاءِ حق وارو معيار ڪري مقرر ڪيو ويو جيئن سورت بقره ۾ آهي. فان آمنو بمثل ما آمنتم به فقدا اهتدوا.

اهل سنت والجماعت جي لفظي تشريح کان پوءِ هي ڳالهہ ازخود سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ، حضور اڪرم ﷺ جي طريقي تي هلڻ واري اهل سنت والجماعت لاءِ رهبر ۽ سونهون، صحابہ سڳورن جي جماعت آهي. انهي

صحابہ واري ڀلاري جماعت حضور اڪرم ﷺ جي طريقي تي عمل ڪيو بلڪ ان طريقي کي پنهنجي زندگي جو نصب العين بنايو. تيئن اهل سنت والجماعت وارا بہ انهي صحابہ جي ڀلاري جماعت جي پيروي ڪندي سندن نقش قدم تي هلي حضور ڪريم ﷺ جي طريقي (سنت) تي عمل ڪن ٿا. اها تشريح ٻڌائي ٿي تہ اهل سنت والجماعت، اها جماعت آهي جيڪا قرآن ۽ حديث تي عمل ڪرڻ واري جماعت آهي ڇو تہ صحابہ جو عقيدو توڙي عمل قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ هو. انهن ڀلارن جو ڪو بہ قول ۽ فعل، قرآن ۽ حديث کان ٻاهر يا مخالف نہ هو. صحابہ ڪرام حقوق الله ۽ حقوق العباد مطلب تہ اسلام جي سمورن احڪامن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ حضور اڪرم ﷺ جي نقش قدم تي پوري ثابت قدمي سان قائم رهيا. اڪثر صحابہ هي جملو علي الاعلان دهرائيندا هئا تہ "لا ازيد والا انقص" يعني جيڪي شريعت جا حڪم اسان کي مليا آهن انهن احڪامن ۾ نہ تہ ذرو وڌائيندا سون ۽ نہ وري انهن مان ڪجهہ گهٽائيندا سون. ڇو تہ شريعت جي حڪمن گهٽائڻ يا انهن ۾ ڪنهن ڳالهہ يا ڪم جي واڌاري ڪرڻ جو اسان کي اختيار ناهي. اسان تہ فقط عمل ڪرڻ جا پابند آهيون، حڪمن ۾ هيرا ڦيري ۽ ڪمي بيشي جا پاور فقط الله کي آهن. رسول الله ﷺ بہ تہ الله جي حڪمن تي عمل ڪرڻ جا پابند آهن. حرام حلال، جائز ناجائز پاڪ پليت، حق ناحق ۾ ردو بدل جو اختيار تہ رسول الله ﷺ کي بہ نہ هو. بس حرام حلال، جائز ناجائز بابت جيڪو حڪم الله تعاليٰ وٽان وحي ذريعي نازل ٿيندو هو تہ رسول الله ﷺ اهو نازل ٿيل حڪم امت تائين پهچائيندا هئا. ڇو تہ خود رسول الله لفظ جي معنيٰ بہ اها ئي آهي تہ الله جو پيغام پهچائڻ وارو، خدا جو قاصد.

مذڪوره تشريح مان هي سمجهہ ۾ آيو تہ اهل سنت والجماعت، اهڙي جماعت آهي جيڪا خالص موحد آهي، شرڪ کان ڪوهين ڏور، سنت طريقي تي هلڻ واري جماعت آهي ۽ بدعت ۽ غير شرعي ريتن رسمن ۽ رواجن کان پاڻ کي بلڪل پري رکن ٿا. پر جيڪڏهن اهل سنت والجماعت جو نالو سڏائيندڙ توحيد سان گڏ شرڪ بہ ڪري، سنت طريقي تي هلڻ سان

گڏ بدعت بہ ڪندو رهي، ۽ جن ڪمن ۽ رسمن جو شريعت ۾ ڪو بہ ثبوت ڪونهي ۽ نہ ڪي اصحابن سڳورن اهي ڪم ۽ ريتون رسمون ادا ڪيون تہ پوءِ اها جماعت اهل سنت والجماعت سڏائڻ جي حقدار ڪونهي بلڪ ان جو نالو تہ اهل بدعت والضلالت يا اهل سرقہ والحماقت هئڻ ڪپي. چو تہ جيڪو عمل، يا نظريو ۽ خيال، عقيدو يا فڪر قرآن شريف ۽ حديث رسولﷺ جي اصولي تعليم ۽ حضور سائين جي سنت طريقي ۽ صحابہ ڪرام جي پلاري جماعت جي طريقي جي خلاف هجي تہ پوءِ اهو عمل، اهو نظريو اهو خيال، اهو عقيدو ۽ اهو فڪر سراسر گمراهي ۽ حق جي راهہ ۽ صراط مستقيم واري سڌي واٽ کان تہ صفا پري ٿي ويو!! اسان جيتوڻيڪ پنهنجي ڳالهہ کي طُول ڏيئي ڊگهو بيان ڪيو آهي. پر جيئن تہ موجوده دؤر جي فقيراڻي رنگ ۽ فقيري رستو اختيار ڪندڙ فردن توڙي جماعتن ۾ شرڪ، بدعت ۽ غير شرعي رسمن رواجن کان پاسو نہ ٿو ڪيو وڃي بلڪ اڪثر ڪم شريعت جي حڪمن خلاف ڪيا وڃن ٿا. تنهنڪري پنهنجو ذاتي فرض ۽ مسلمانن جي اجتماعي خير خواهي نظر ۾ رکي تفصيل سان لکيو اٿئون.

اهل سنت والجماعت جي طريقي تي هلڻ وارو، حقيقت ۾ دنيا جي سمورن شوقن ۽ خواهشن کان ڪناره ڪش ٿي فقيري زندگي گذاريندڙ هوندو. چو تہ هن وٽ دنيا جو نہ هوس حرس هوندو ۽ نہ ڪي طمع لالچ ۽ مال مايا ميڙڻ جي طلب ۽ تانگهہ. جيئن آقاءِ نامدار سرور ڪونينﷺ جي زندگي فقر و فاقہ، مسڪيني ۽ غربت ۾ گذري، ۽ صحابہ ڪرام آخر وقت ۾ جيتوڻيڪ مالدار بہ ٿي ويا هئا پر هنن جي شاهوڪاري عام ماڻهو جي مدد ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ پئي خرچ ٿيندي هئي، ۽ هنن پلارن جي ذاتي زندگي فقيري ۽ مسڪيني حال واري سادگي ۽ ڪفايت قناعت سان پئي گذري، تيئن انهن پلارن جي نقش قدم تي هلڻ وارن نيڪوڪارن جي ذاتي زندگي بہ مسڪيني حال ۾ پئي گذرندي.

## ولايت:

ولايت جو لفظ ولي مان ورتل آهي. ولي جي معنيٰ دوست، وارث. الولاء عربي ۾ محبت، دوستي، ويجهڙائي ۽ قرابت کي چئجي ٿو. الله جو دوست هر اهو ماڻهو آهي جيڪو الله ۽ سندس رسول ﷺ تي ايمان رکي ٿو ۽ چڱن عملن سان زندگي گذاري ٿو ۽ هر قسم جي گناهن کان پاڻ کي بچائي ٿو.

قرآن شريف ۾ فرمان آهي ته اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا. (سيپارو 1 سورت البقرة آيت 257) يعني الله تعاليٰ ايمان وارن جو دوست آهي. الله تعاليٰ کي وحده لا شريڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو سيني عبادتن لاءِ بنياد آهي. اها ڳالهه (خدا کي وحده لا شريڪ ڪري مڃڻ) الله تعاليٰ کي ايتري پسند آهي جو جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي هيڪڙائي بيان ڪري ٿو ۽ هن جي وحدانيت جي واڪاڻ ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ملائڪن جي سامهون ان ماڻهو جو ذڪر ڪري ٿو ته ڏسو منهنجو ٻانهو فقط مون کي پيو واڪاڻي ۽ مون کي پيو پڪاري، انهي ڪري الله تعاليٰ اعلان ڪيو ته جيڪو مون کي مڃي ٿو ته آئون ان جو دوست آهيان. ٻئي هنڌ قران شريف ۾ ارشاد آهي ته وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ. (سورت آل عمران آيت 68) يعني الله تعاليٰ مومنن جو دوست آهي. ساڳي ڳالهه کي وري ٻئي انداز ۾ قرآن شريف اندر هنئين فرمايو ويو ته وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ (سيپارو 25 سورت جاثيه آيت 19) انهي آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ پنهنجي دوستي ۽ ولايت جو تاج عطا ڪرڻ لاءِ تقويٰ (پرهيزگاري ۽ خوف خدا) کي شرط بنايو آهي يعني جيڪو خدا جي بي فرماني ۽ گناهن کان بچي ٿو سو خدا جو دوست آهي. تڏهن ته بي بي رابعه بصري فرمائيندي هئي ته، توهان الله سان محبت جي دعويٰ به ڪريو ٿا ته ان جي بي فرماني به ڪريو ٿا. الله تعاليٰ حضور اڪرم ﷺ جو به ولي (دوست) آهي جيئن قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته. اِنَّ وَلِيِّۦَ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ۖ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ (سورت الاعراف آيت 196 سيپارو 9) يعني بيشڪ منهنجو ولي (دوست) ته الله تعاليٰ آهي جنهن قرآن پاڪ لاٿو ۽ اهو نيڪوڪارن کي دوست بنائي ٿو.

ولايت جو صاحب خدا کي روحاني حوالي سان بنهه ويجهو ۽ قريب هوندو آهي. ولايت جا ٻه قسم آهن. هڪ ولايت عام ۽ ٻيو ولايت خاص. ولايت عام ته سيني ايمان وارن مومنن کي شامل آهي. پر ولايت خاص انهن سلوڪ ۽ معرفت وارن سالڪن سان خاص آهي، جن جي پوري زندگي تقويٰ تي گذري، تان جو انهي حال ۾ واصل بالله ٿيا. انهي ڪري عرف عام ۾ ولايت

جو صاحب ان شخص کي سمجهيو وڃي ٿو جيڪو روحاني منزلون (ذڪر فڪر وغيره) طئي ڪري چڪو هجي ۽ سندس سموري حياتي پاڪائي پرهيزگاري، خوفِ خدا ۾ گذري هجي، اهڙي شخص کي ولي الله سڏجي ٿو. ولايت جو درجو ڪسبي آهي. ڪسبي جو مطلب ته ڪمائي سان حاصل ٿيڻ وارو درجو. پاڪائي، پرهيزگاري، عبادت رياضت جهڙي محنت ڪرڻ سان اهو درجو حاصل ٿئي ٿو. پر نبوت، صديقيت، ۽ صحابيت جا درجا ڪسبي ناهن بلڪ اهي وهبي آهن. وهبي جو مطلب ته، اهي درجا خدا جي خصوصي چونڊ جي نتيجي ۾ حاصل ٿين ٿا. الله تعاليٰ جنهن کي چاهي اهي درجا نصيب ڪري. ڪو به ماڻهو ڪيتري به عبادت ڪري، ڪيترو به خوف خدا ۽ تقويٰ رکي، پر ان کي اهڙي ڪمائي ڪرڻ سان به نبوت، صديقيت، صحابيت جو درجو ۽ مقام مرتبو حاصل ٿي نه سگهندو. ڇو ته اهي درجا اصطفائي ۽ اجتبائي مقام (خدائي چونڊ ۽ انتخاب وارادر جا آهن) جيئن قرآن شريف جون هيٺيون آيتون انهي مفهوم ۽ مطلب جي تائيد ڪن ٿيون.

(1) اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّمِنَ النَّاسِ ۭ

(سورت حج آيت 75 رڪوع 10 سيپارو 17)

يعني ته، الله تعاليٰ ملائڪن مان به خاص خاص ملائڪ چونڊي ٿو جن جي هٿان، هيٺ ڄاڻايل تي انبيائن سڳورن ڏانهن تشريعي احڪام (يعني حلال حرام، پاڪ پليت، جائز ناجائز حق ناحق وغيره بابت حڪم) ۽ عام ملائڪن ڏانهن تڪويني احڪام (يعني جيڪي دنيا ۾ ٿي گذريو يا ٿي رهيو آهي يا ٿيڻو آهي ۽ هر ماڻهو سان جيڪي ماضي ۾ ٿيو يا زمان حال ۽ مستقبل ۾ ٿيڻو آهي تنهن بابت حڪم) موڪلي ٿو. ماڻهن مان به خاص خاص ماڻهو چونڊي ٿو جن کي احڪام ڏيئي پين ماڻهن تائين، انهن احڪامن جي پهچائڻ جي مٿن ذميواري رکي ٿو. انهي جو خلاصو مطلب هي ٿيو ته، الله تعاليٰ پنهنجي مرضي سان جنهن کي چاهي، لائق ۽ مناسب سمجهي تنهن کي نبوت ۽ رسالت (پيغام پهچائڻ) لاءِ چونڊي ٿو. نبوت ۽ رسالت ماڻهن جي انتخاب ۽ اليڪشن ذريعي نه پر الله جي چونڊ سان ٿئي ٿي. انهي ڪري ئي اسان مٿي لکيو هو ته، نبوت ۽ رسالت جو مقام وهبي آهي.

(2) اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰٓي اٰدَمَ وَنُوْحًا وَّاٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَاٰلَ عِمْرٰنَ عَلَي الْعٰلَمِيْنَ 33 ۙ

(سورت آل عمران آيت 33- رڪوع 4 سيپارو 3)

ترجمو: بيشڪ الله چونڊيو آدم کي ۽ نوح کي، ۽ ابراهيم جي اولاد کي ۽ عمران جي اولا دکي سيني جهانن تي (سندن دؤر ۾).

(3) اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ .

(سورت انعام آيت 124 رڪوع 15- سيپارو 8)

ترجمو: الله خوب ڄاڻي ٿو جتي ڪري پنهنجي رسالت کي.

(4) وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَهَدَيْنٰهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ 87ـــ.

(سورت انعام آيت 87 رڪوع 10 سيپارو 7)

ترجمو: ۽ چونڊيو سون انهن کي ۽ هدايت ڪئي سون انهن کي رستي سڌي ڏانهن.

(5) اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ 13ـــ.

(سورت شوريٰ آيت 13 رڪوع 2 سيپارو 25)

ترجمو: الله چوندي ٿو پنهنجي طرف جنهن کي گهري، ۽ رستو ڏيکاري ٿو پاڻ ڏانهن ان کي جيڪو موٽي ٿو.

جيئن رسالت ۽ نبوت، صديقيت ۽ صحابيت جا درجا مافوق البشر (انسان کان مٿي ڀي ڪنهن مخلوق لاءِ) ناهن تيئن ولايت ٻہ مافوق البشر ناهي. جن شين جي ضرورت سيني انسانن کي آهي، تيئن انهن اوچي درجي ۽ مقام وارن انسانن کي ٻہ آهي. کائڻ پيئڻ، ڏک سک، بيماري پوڙهپڻ، گرمي سردي، شادي اولاد، اهل عيال وغيره انهن جي اعليٰ مقام ۽ مرتبي کي گهٽائي نہ ٿو. چو تہ اهي انساني ضرورتون ۽ لوازمات جيئن هر ڪنهن انسان سان لاڳو آهن، تيئن هنن ڀلارن سان ٻہ بشري تقاضائن مطابق لاڳو آهن. مڪي جي قريش مشرڪن کي غلط فهمي ٿي پئي تہ جيڪو الله جو رسول هوندو سو نہ کائيندو نہ پيئندو. نہ شادي ڪندو نہ اولاد هوندس. نہ ننڊ ڪندو نہ آرام. نہ هلندو ڦرندو نہ ڪچهري ڪندو. حالانڪ اهي سڀ بشري ضروتون ۽ تقاضائون آهن جيڪي گهٽ وڌ ضرور شامل رهنديون. قرآن شريف مڪي جي قريش ڪافرن جي اهڙي غلط فهمي جي ترديد ڪئي هڪ هنڌ قرآن شريف انهن ڪافرن جي انهي غلط خيال ۽ اجائي سوچ کي هينئن

بيان فرمايو تہ مالهذا الرسول يا كل الطعام و يمشي في الاسواق. يعني هي ڪهڙو رسول آهي جو کاڌو بہ کائي ٿو تہ بازارن ۾ بہ هلي ڦري ٿو؟! مڪي جي قريش ڪافرن جي نظر، پيغمبر ڪريم ﷺ جي فقط انهي ظاهري اٿي ويٺي تي هئي. انهي ڪري هيءَ ڳالهہ واضح ڪري ڇڏيون تہ جنهن ماڻهو جي نظر خدا وارن ڀلارن جي ظاهري حال تي هوندي سي فيض وٺڻ کان محروم ٿي ويندا ۽ دنيا آخرت جو نقصان الڳ ٿيندن. اها ئي تہ ظاهري نظر هئي جنهن ابو جهل قريشي ڪافر ۽ ابو لهب قريشي ڪافر کي ايمان ۽ اسلام جي عظيم نعمت کان محروم ڪري ڇڏيو. ڀاڳ وارو اهو آهي، جنهن جي نظر الله وارن جي ظاهر تي گهٽ پر انهن جي باطني وصفن تي وڌيڪ هجي. انهن جي تقويٰ، پرهيزگاري، خوف خدا، عبادت اطاعت، الله جي حڪمن تي پابندي سان عمل ڪرڻ ۽ آقاءِ نامدار ﷺ جي سنت طريقي تي نظر هجي تہ انهي راهہ تي هلندڙ الله وارن جي فرمانبرداري جو ڇا مقام ۽ مرتبو آهي!!؟

## وليءَ جي سڃاڻپ:

جيئن ولايت جا بہ قسم آهن تيئن ولي بہ ٻن قسمن جا آهن. هڪ ڪامل ولي ٻيا متوسط (وچولا) ولي. وچولي، درمياني درجي واري ولي جي سڃاڻپ تہ آسان آهي. ڇو تہ ان جون ڪيتريون اهڙيون وصفون هونديون جن کي عام ماڻهو بہ سمجهي ۽ سڃاڻي ويندو. پر ڪامل ولي جي اندر ڪي اهڙيون خاص وصفون ۽ نشانيون هونديون آهن، جيڪي عام ماڻهو جي نظر کان اوجهل ۽ غائب هونديون آهن. سڀ ڪو ان کي سڃاڻي نہ سگهندو. انهي ڪري ڪامل ولي کي سڃاڻڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي.

ولايت هڪ روحاني منزل آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ باطني سفر طئي ڪرڻو پوي ٿو. انهي سفر ۾ هلڻ وارن جا سندن ڪوشش، محنت، زهد ۽ عبادت، اتباع سنت ۽ تقويٰ وغيره جيڪري درجا ۽ مقام بہ مختلف ٿين ٿا. انهي ڪري ڪنهن بہ سلوڪ معرفت جي سالڪ اهل الله کي ڏسي ان جي مقام ۽ درجي متعلق ڪا يقيني راءِ قائم نہ ٿي ڪري سگهجي. انهي جو مثال

هيئن ڪٺي سمجهو ته، ڪنهن تمام بلند جبل جي چوٽي تي چڙهڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو ڪوشش ڪن ٿا پر جبل جي تمام بلند چوٽي تي چڙهي وڃڻ ته فقط هڪ ٻن ماڻهن کي نصيب ٿيندو. باقي ٻيا ماڻهو جيتوڻيڪ چوٽي تائين پهچي نه سگهيا، ڪو هڪ هزار فوٽ جي بلندي تي پهتو، ته ڪو ٻه هزار فوٽ بلندي تي ته ڪو وري ٽي هزار فوٽن جي بلندي تي وغيره پر اهي چوٽي تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا هوندا ته سڀ جا سڀ زمين جي سطح کان مٿي. انهي مثال مان ولايت جي صاحب ولي جا درجا ۽ مقام سمجهڻ کپن.

هڪ حديث مطابق، وليءَ جي سڃاڻپ هي آهي ته، پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته، جڏهن توهان ان کي ڏسو ته، اوهان کي الله ياد اچي وڃي. (ابن ماجه) يعني ته ان جي چهري مان سندس پاڪائي، پرهيزگاري ۽ رجوع الي الله جا آثار پڌرا هوندا، جن کي ڏسي اهڙو اثر ٿيندو جو الله ياد اچي ويندو.

## ڪرامت ولايت لاءِ ضروري ناهي!

ڪرامت ولايت لاءِ ضروري ناهي. يعني ته هر ڪنهن وليءَ لاءِ هي ڳالهه لازمي ناهي ته، هو ڪرامت جو صاحب هجي ۽ دنيا وارن کي ڪرامتون ڏيکاري چو ته، ڪرامت، ولايت جي لوازمات مان ناهي. ڪيترا اهڙا ڪامل ولي به ٿي گذريا آهن، جن جي هڪ به ڪرامت ناهي. هن ڪري ته، ڪرامت ولي جي اختيار ۾ ناهي. اها خدا جي مرضي آهي، چاهي ته، سندس ڪنهن نيڪ ٻانهي، بزرگ ولي جي هٿ تي ڪرامت ظاهر ڪري، دنيا وارن کي انهي پيلاري بزرگ جي سچائي ظاهر ڪري ماڻهن جي دلين ۾ ان لاءِ عزت پيدا ڪري، جي وڻيس ته، ڪا به ڪرامت ظاهر نه ڪري. ڪرامت ولي جو اختياري فعل ناهي. اهو ائين آهي جيئن نبوت ۽ رسالت لاءِ معجزو ڏيکارڻ ڪو لازمي ناهي. ڪيترا اهڙا نبي ۽ رسول ٿي گذريا آهن جن کي ڪو به معجزو ڪو نه ڏنو ويو چو ته معجزو نبي ۽ رسول جو اختياري فعل ناهي. جنهن جو مطلب ته، نبي يا رسول جيڏي مهل ۽ جتي چاهي ته معجزو ڏيکاري ائين ناهي، بلڪ اهو خدا جي مرضي ۽ اختيار ۾ آهي ته نبي يا رسول جي هٿ تي معجزو ظاهر ڪري، دنيا وارن آڏو سندس نبي ۽ رسول جي سچائي ظاهر ڪري. تذڪره غوثيه ۾ هي ڳالهه نظر آئي ته، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني

رحمة الله عليه وٽ هر وقت مريدن ۽ معتقدن جو هجوم رهندو هو. وٽس خانقاه ۾ رهندڙ فقيرن لاءِ لنگر پاڻي جو بہ انتظام هوندو هو. هڪ پيري سندس ڪو مريد ڪپڙن ڌوئڻ جي ارادي سان آسپاس جي ٻنين ڏي ويو. جتي هڪ واٽر تي وڃي پهتو. واٽر جي پر ۾ نار ۽ هرلو هليو پئي جتان انهي واٽر ۾ پاڻي پئي وهيو جنهن مان ٻني سيراب ٿي رهي هئي. انهي نار تي ويٺل هڪ شخص صوفي بزرگ جي ويس ۾ تنهن مريد کي ڏسي ڪانئس حال احوال ورتو. مريد وراڻيو تہ آئون بادشاهہ پير حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جو مريد آهيان. اتي رهي پيو ذڪر فڪر ڪريان تہ انهي صوفي بزرگ چيس تہ تون بادشاهہ پير وٽ ڪيترو وقت رهيو آهين؟ تہ وراڻيائين تہ مون کي 30-40 سال ٿيا آهن. نندي هوندي کان وٺي هن عمر تائين اتي ئي رهيو پيو آهيان. تہ وري پڇيائينس تہ انهي عرصي ۾ بادشاهہ پير جي ڪا ڪرامت ڏٺئي؟ مريد وراڻيو تہ مون ڪا بہ ڪرامت ڪا نہ ڏٺي. تنهن تي هن جڙتو صوفي بزرگ چيو تہ جي آئون توکي ڪرامت ڏيکاريان تہ تون مون کي مڃيندين؟ مريد وراڻيو تہ پوءِ آئون توهان جو مريد ٿيندس. اهو ٻڌي انهي جعلي بزرگ چيو تہ سامهون بيٺل پوک ڏي ڏسجانءِ. ان جي سامهون ڪجهہ ٻاجهيون پيندييون ميها وغيره پوکيل هئا. ٿوري دير ۾ نظر آيو تہ پيندين جي بجاءِ اتي توريون، تہ ميهن جي بجاءِ ڇاهيون نظر آيون. اهو ڏسي مريد حيران ٿي ويو ۽ ڪپڙا ڪٺي واپس ٿي ويو ۽ وڃي خانقاهہ مان پنهنجو سامان ڪٺڻ لڳو تہ انکي بادشاهہ پير ڏسي پڇيو تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تہ چيائين سائين! آئون توهان وٽ 30-40 سال رهيس پر توهان تہ هڪ بہ ڪرامت ڪا نہ ڏيکاري! آئون ٿوري دير لاءِ پريان صوفي بزرگ وٽ ويس ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ تہ هن منٽن ۾ ڪرامت ڏيکاري. اهو ٻڌي حضرت بادشاهہ پير فرمايو تہ جي تون وڃين ٿو تہ ڀلي وڃ. پر هڪڙي ڳالهہ ٻڌيو وڃ. تون مون وٽ جيترو بہ وقت رهيو آهين منهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ يا ڪم ۾ سنت طريقي جي خلاف ڏٺئي؟! تہ مريد عرض ڪيو تہ سائين! مون توهان جو ڪو بہ ڪم سنت جي خلاف نہ ڏٺو تہ حضرت بادشاهہ پير فرمايو تہ الله جي ولي جي وڏي ڪرامت اها ئي آهي جو هن جو ڪو بہ ڪم سنت (حضور ڪريم ﷺ جي طريقہ) جي خلاف نہ هجي.

انهي واقعي کي سامهون رکي هي ڳالهہ چونداسين تہ الله جو ولي تہ اهو آهي جيڪو خدا جا فرض، واجب، سنتون، نفل ۽ مستحب تائين جيڪي

ڪم آهن سي بہ ادا ڪرڻ وارو هجي. انهن فرضن ۽ واجبن ۾ حقوق الله ۽ حقوق العباد جا سمورا احڪام بہ شامل آهن جيڪي عبادات، معاملات ۽ اخلاقيات وغير جا آهن.

ڏهين صدي هجري جي مشهور بزرگ ۽ عالم عبدالوهاب شعراني فرمايو تہ، ڪرامتن جو ظاهر ٿيڻ، ولايت (ولي هجڻ) لاءِ شرط ڪونهي. ولي هجڻ لاءِ شرط فقط الله جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي منع ڪيل ڳالهين کان پري رهڻ آهي. ان جو ڪاروهنوار ڏيتي ليتي، اٿي ويٺي قرآن ۽ حديث جي دليلن سان وابستہ هجي. جيڪو شخص اهڙو هوندو تہ ان جي ولايت تي قرآن شريف شاهد آهي. جيتوڻيڪ ڪو هڪ ماڻهو بہ ان جو معتقد نہ هجي ۽ نہ ان وٽ مريدن جي جماعت هجي. (تفسير مظهري جلد 5)

هڪ پيري شيخ عبدالله بن مبارڪ، حضرت امام حسن بصري تابعي رحہ کان پڇيو تہ، ولي ڪير ٿيندو آهي؟ تہ وراڻيائين تہ، هوالذي يڪون في وجهه حياء، وفي عينہ بڪاء، وفي قلبه صفاء وفي لسانه ثناء، وفي يده عطاء، وفي وعده وفاء . وفي لطفه شفاء. ترجمو: ولي اهو آهي جنهن جي منهن ۾ حياء، اکين ۾ خوف خدا کان لڙڪ، دل ۾ صفائي ۽ پاڪائي، زبان تي الله جي ساراهہ، هٿ ۾ بخشش ۽ سخاء، وعدي ۾ وفا، سندس ڳالهہ ۾ برڪت ۽ شفا هجي.

## الله جي ولي جون عام طرح هي نشانيون آهن.

1. الله وحده لاشريڪ جي عبادت، بندگي، ٻانهپ ڪري، ڪنهن بہ غير جي آڏو نہ جهڪي، هر ڳالهہ ۽ هر حال ۾، توڙي هر ڪم ۾ الله تعاليٰ تي يقين، اعتماد، ۽ پورو ڀروسو ڪري، ان هڪڙي پالڻهار ۽ ڏيهن جي ڏاتار جو محتاج رهي، هر پل ۽ هر گهڙي پنهنجي قول فعل ۾ الله ڏانهن رجوع ڪري.

2. هر صورت ۾ رسول الله ﷺ جي اطاعت (تابعداري) ڪري، سندن سنت طريقي کي نہ ڇڏي.

3. الله جي سموري مخلوق (ماڻهو ڇيڻو ڍور ڍڳو پکي پکڻ، وڻ ٽڻ وغيره) جي خدمت ڪري ۽ انهن جي ايذائڻ نہ پر انهن سان همدردي ۽ پرگهور سار سنڀال وارو رويو ۽ جذبو رکي.

ڇا وليءَ کي سندس ولايت جو پتو پئجي سگهي ٿو؟

ولايت بابت هن وضاحتي مضمون ۾ پڇاڙي هن سوال جي جواب تي

ڪريون ٿا تہ ڇا ڪنهن وليءَ کي سندس ولايت (ولي هجڻ) جو خود بخود پتو پئجي وڃي ٿو؟ يا ڪيس ماڻهو ۽ سندس مريد، معتقد ٻڌائن ٿا تہ تون ولايت جي مقام ۽ مرتبي تي پهچي ويو آهين! انهي جو عام فهم جواب هي آهي تہ هر ڪامل ولي پنهنجي مقام ۽ مرتبي کي ذاتي احساسات ۽ مشاهدن ذريعي پاڻيهي معلوم ڪري وٺي ٿو. اها ڳالهہ هيئن سمجهڻ کپي تہ ڪو نوخيز ڇوڪرو پاڻ کي سندس ڪن جسماني نشانين ذريعي پاڻيهي معلوم ڪري وٺي ٿو تہ هو بالغ ٿي ويو آهي. بلوغت بابت ٻئي ڪنهن جي ٻڌائڻ جي ضرورت ئي ڪونهي. ڇو تہ بلوغت جو حال سندس اندروني مسئلو آهي جنهن کي ٻين کان وڌيڪ هو خود ئي محسوس ڪري وٺو. پر ڪامل ولي، ولايت کي خدائي امانت سمجهي راز ۾ رکي ٿو ماڻهن جي اڳيان اهڙو ڪو بہ راز نہ ٿو کولي. جيڪڏهن ڪو پاڻ کي ظاهر ظهور ۽ علي الاعلان پيو ولي سڏائي ۽ پاڻ کي پيو پڏائي تہ آئون ولايت جي فلاڻي درجي ۽ مقام تي پهچي ويو آهيان تہ اهو غلط بياني ڪري ماڻهن کي دوکو ۽ فريب ڏيئي رهيو اهي، اهو ولي سڳورو ناهي پر ولايت جي آڙ ۾ شهرت جو بکيو ۽ نام نمود جو طالب ۽ ڪوڙيو آهي. اهو الله جو ولي نہ پر نفس جو غلام ۽ شيطان جو آلہ ڪار آهي. اها ڳالهہ هن مثال مان اڃا بہ وڌيڪ آساني سان سمجهي سگهجي ٿي تہ جنهن هرڻ ۾ مشڪ پيدا ٿي ويندي آهي تہ ان کي پاڻيهي پتو پئجي ويندو آهي تہ منهنجي ناف (ڏن) ۾ مشڪ پيد اٿي وئي آهي. پوءِ انهي هرڻ جا سک ڦٽي پوندا آهن، ننڊون حرام ٿيو وڃنس. هر وقت ڪيس هي ڪتڪو ۽ خطرو رهندو آهي تہ متان ڪو شڪاري اچي منهنجو ڏن وڍي ڪٽي نہ وڃي. اهڙي بيچيني ۾ ننڊ بہ بيني بيني ڪندو آهي ۽ هر وقت چوڪس رهندو ۽ ڪڙڪي ٻڌڻ تي ڇال هڻي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي ڀڄي ويندو آهي. اهڙي طرح جنهن نيڪ ڀلاري شخص کي ولايت واري نسبت الله تعاليٰ وٽان عطا ٿي ويندي آهي تہ اهو هر وقت هلندي ڦرندي، اٿندي ويهندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي، کائيندي پيئندي پنهنجي دل ۽ نظر کي هر قسم جي مڪروه ۽ حرام شيءِ کان بچائيندو رهندو آهي تہ متان ڪو عمدو لذيذ کاڌو يا ڪو حسين خوبصورت ماڻهو سامهون نہ اچي، يا ڪو اندر ۾ ابليس ڏاريندڙ انسان اچي ڪا شرارت نہ ڪري، جنهن جي فريب، حرص ۽ طمع ۾ منهنجو ايمان کسجي نہ وڃي.

# صوفيت، صوفي ازم ۽ تصوف

**از: مولوي محمد يامين شورو**

اهي ٽيئي لفظ ويجهي ويجهي معنيٰ رکن ٿا. تنهنڪري قريب المعنيٰ يا هم معنيٰ لفظ چئجن. مفهوم جي لحاظ کان صوفيت، صوفي طريقي يا انهي جماعت کي چئجي جيڪا تصوف واري سلسلي جي هجي.

مذڪوره نالن جي اشتقاق ۽ اصل مادي جي باري ۾ عربي ٻولي جي ماهرن جو ڪنهن هڪ مادي تي اتفاق ڪونهي. ڪي ان جو اصل مادو صفا، ته ڪي صفه، ته ڪي وري صف ٻڌائن ٿا، پر اسان جي سمجهه ۾ صوفيت، صوفي، يا تصوف جو اصل مادو صوف آهي، جنهن جي معنيٰ! اُن اوني لباس پائڻ کي عربي ۾ تصوف چئجي ٿو. جيئن قميص پائڻ کي عربي ۾ تقمص چئجي ٿو. ته اهو اشتقاق اسان کي ڪنهن حد تائين درست لڳي ٿو. جيتوڻيڪ صوفي طريقي وارن سڀني جو لباس اوني ڪو نه هو پر اڪثريت جو اوني لباس هو.

## صوفيت:

صوفين وٽ اسلامي علمن جا ٻه قسم آهن هڪ ظاهري ٻيو باطني ظاهري علم مان مراد شريعت آهي ۽ باطني علم اهو آهي جيڪو چند صحابہ ڪرام جهڙوڪ: حضرت ابو بڪر صديق، حضرت علي، ۽ حضرت ابو ذر غفاري وٽان نقل ٿيو. حضرت ابو بڪر کان حضرت سلمان فارسي ته حضرت علي کان امام حسن بصري اهو علم نقل ڪيو.

قرآن شريف ۾ صوفي يا صوفيت يا تصوف جي نالي سان ڪو به

اصطلاح ڪو نہ ٿو ملي. جيئن هن ڪان علاوه ٻئي مضمون (تصوف ۽ طريقت جا سلسلا) ۾ ذڪر ڪري آياسون تہ اهو تصور اسلام جي پهرئين نسل (صحابہ ڪرام) ۾ موجود ئي ڪو نہ هو. مشهور مؤرخ علامہ ابن خلدون جي لکڻ مطابق تہ اهو اصطلاح ٻي صدي هجري ۾ ڏسڻ ۾ آيو. ابن خلدون جا لفظ هي آهن تہ صوفيت مان مراد پاڻ کي پوري طرح الله جي حوالي ڪري ڇڏڻ (جيڪو حقيقت ۾ اسلام جو تصور بہ آهي) ۽ اهي صوفي، مڪمل روحاني پاڪائي، انسان جي اندروني ڪيفيتن، وجود جي فطرت، ۽ دنياوي خوشين، مزن کان پري ٿي عبادت ۽ الله جي ٻانهپ تي زور ڏين ٿا. جيستائين اهي سمورا طور طريقا حضرت محمدﷺ وٽان آندل الله جي پيغام جي حدن اندر رهندي اختيار ڪيا وڃن تہ ايستائين تہ لفظ صوفي ۽ تصوف جي بجاءِ ان کي شريعت ئي چئي سگهجي ٿو. ڇو تہ جڏهن سڀ ڪجهہ قرآن ۽ سنت جي مطابق ئي آهي تہ پوءِ ان کي تصوف ڇو چيو وڃي هن ڪري تہ انهي لاءِ تہ شريعت جو اصطلاح پاڻ سڀني جي قريب ترين زماني کان ئي موجود هو. پر پوءِ ان ۾ اسلامي حڪومت جي پري پري تائين پکڙجي وڃڻ ڪري، اسلام کان اڳ وارا يوناني ۽ ايراني فلسفيانہ خيال شامل ٿيڻ لڳا. انسان ۽ ڪائنات جو تعلق، الله سان ويجهڙائي، دنياداري کان ڪناره ڪشي، انسان جي ٻي وسي جهڙا تصور شامل ٿيڻ کان پوءِ صوفيت پنهنجي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي انهي قسم جي روحاني پاڪائي ۽ عبادت جي تصور کي قرآن شريف جي سورت الحديد جي آيت نمبر 27 ۾ رهبانيت جو نالو ڏنو ويو آهي. ۽ ان کي خود انسان جي تخليق (گهڙيل، ناهيل) سڏيو ويو آهي.

اردو جي مشهور شاعر ڊاڪٽر سر اقبال سيالڪوٽي، اسلام ۾ تصوف جي تصور کي اسلام جي زمين تي هڪ ڏاريو ۽ اجنبي تصور قرار ڏنو آهي جيڪو غير عرب (اسلام جي وسيع ٿيڻ ڪري) ۽ (اسلام کان اڳ واري) ايراني عقليت پسند ماحول ۾ وڌيو ويجهيو. ڊاڪٽر اقبال تصوف جي باري ۾ اها راءِ سيد سليمان ندوي جي نالي 13 نومبر 1917ع تي پنهنجي هڪ خط ۾ هنن لفظن سان تحرير ڪئي آهي. هيءَ صحيح آهي تہ اسلام ۾ تزڪيہ نفس

۽ روح تي زور ڏنو ويجي ٿو ۽ انهي تزڪيہ کي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ صوفين جا ٻہ قسم نظر اچن ٿا. هڪ اهي صوفي جيڪي مڪمل نموني پاڻ کي قرآن شريف ۽ شريعت جي حدن ۾ رکندي ائين ڪندا رهيا (۽ ڪري رهيا آهن) ۽ ٻيا اهي صوفي جيڪي غير مسلم فڪرن ۽ فلسفن سان گدلي ٿيل تصوف تي هلندا هئا (۽ هلن ٿا) يعني هميشہ هڪ اهڙي صوفيت بہ موجود رهي آهي جيڪا ڪنهن بہ طرح اسلام سان تعلق نہ ٿي رکي ۽ ڪيترا صوفي اهڙا بہ آهن، جو صوفيت جي رياضتن مان گذرڻ بعد هڪ اهڙي درجي تائين پهتا جو ان کان پوءِ هنن پاڻ کي اسلام کان الڳ ڪري ڇڏيو.

ننڍي کنڊ هندستان ۽ پاڪستان ۾ اسلام جي اشاعت ۽ پکيڙڻ لاءِ صوفي بزرگن جو ڪردار تمام گهڻو اهم تسليم ڪيو ويو آهي.

جيتوڻيڪ محمد بن قاسم کان بہ اڳ هتي سنڌ ۾ اسلام جي دعوت ڪن اصحابن سڳورن جي معرفت پهچي چڪي هئي. سنڌ جي هڪ نامور عالم حضرت علامه غلام مصطفيٰ قاسمي حيدرآباد واري تصديق سان لکيو آهي تہ روايت ڪئي وئي آهي تہ رسول الله ﷺ پنهنجن پنجن اصحابين کي سندن خط ڏيئي سنڌين ڏانهن موڪليو. جڏهن اهي سنڌ ۾ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ۾ پهتا تہ اتي جي ڪن ماڻهن اسلام آندو. ان کان پوءِ ٻہ اصحابي سڳورا ميزبان سنڌي کي ساڻ ڪري سنڌ کان واپس وريا ۽ انهن مان ٽي اصحابي سڳورا سنڌ ۾ رهي پيا. (انهن جي تبليغ سان) ڪيترن سنڌين اسلام قبول ڪيو ۽ اهي سنڌين کي اسلام جا احڪام ٻڌائيندا رهيا ۽ اتي ئي سنڌ ۾ وفات ڪيائون. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي انهن روايتن تي محدثانہ طور بحث بہ ڪيو آهي. اسان کي هنن روايتن جي ٻين تاريخي حوالن سان بہ تائيد ملي آهي. (بياض هاشمي قلمي ورق 2 بحوالہ مقدمو نور القرآن ص 2 ۽ 3) پر محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ ۽ محمود غزنوي جي هندستان تي حملن ڪرڻ سان گڏ دين اسلام جي بزرگن خاص ڪري صوفي فقيرن بزرگن جي سنڌ ۾ اچڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. انهن صوفي فقيرن جي پر امن طريقو اختيار ڪرڻ ۽ انهن جي سهڻن اخلاقن ۽ ديني تبليغ جي نتيجي ۾ لکين ماڻهن اسلام قبول ڪيو.

## صوفي ازم:

صوفي ازم ڇا آهي؟ اسان جي سماج ۾ اولياء الله، بزرگان دين يا صوفين جي باري ۾ هي تصور آهي تہ، الله وارو اهو هوندو آهي جنهن جي هٿ ۾ تسبيح هجي، مصلو ڪلهي تي هجيس تہ بدن تي گودڙي اوڍيل هجي. پر نہ رڳو دين جي غلبہ واري جدوجهد کان لاتعلق هجي بلڪ هن جو طرز عمل هيءَ هجي جو جيڪڏهن ڪو ان کي ٿپڙ هڻي تہ، هو وريءَ ٻي ڳل پيش ڪري، يا جواب ۾ دعائون ڏيندو وڃي. ياد رهي تہ، اهو تصوف ۽ طريقت ناهي. اسلامي تصوف جو موضوع ۽ مقصد جهالت کان ڇوٽڪارو ۽ رب جي معرفت حاصل ڪرڻ، تزڪيہ نفس، روح کي انوار الاهي سان روشن ڪرڻ، دنيا ۽ ان جي عيش عشرتن کان منهن موڙڻ، حقيقي خالق سان مضبوط تعلق جوڙڻ، خدا جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ آهي. انهي ڪري جيستائين تصوف جي مقصد ۽ موضوع جو تعلق آهي، سو تہ سراسر دين آهي ۽ اهو مطلوب (گهربل) آهي. تصوف جو اصطلاح جيڪو اسان وٽ هلندڙ آهي سو غير قرآني آهي. قرآن ۽ حديث (ڪتاب و سنت) ۾ تصوف لاءِ اهم اصطلاح "احسان" آهي، جنهن جو مفهوم سهڻو سلوڪ ڪرڻ يا ڀلائي ڪرڻ آهي. بهرحال "تصوف" غير قرآني اصطلاح هئڻ ڪري قرآن ۽ حديث جي چاهيندڙ شيدائين ۾ انهي اصطلاح کان دوري پيدا ٿي وئي. جنهن جو نتيجو هي نڪتو تہ، شريعت ۽ طريقت ۾ وڇوٽي پيدا ٿي وئي. حالانڪ اصل ۾ شريعت ۽ طريقت ۾ ڪو بہ ڦير فرق يا وڇوٽي ڪو نہ هئي. هاڻي اسان پنهنجي اصل موضوع جو جائزو وٺون ٿا تہ، ڇا تصوف جو طريقو مسنون (سنت طريقي مان ثابت) ۽ منصوص (قرآن حديث جي متن مان نڪتل) آهي يا نہ؟ ۽ ٻيو هي تہ، دين جو اصل مخاطب هڪ فرد آهي يا پورو انساني سماج؟ يعني تہ، هر انسان تي اصل ذميداري سندس خود جي آهي يا ٻين انسانن کي دعوت، تلقين، تبليغ، نصيحت جيڪا بہ ٿي سگهي سا ڪرڻ سندس ديني فرض ۾ شامل آهي؟ انساني شخصيت جي اندر بہ متضاد عنصر، هڪ ٻئي جون بہ مخالف طاقتون، هڪ ٻئي سان وڙهندڙ بہ

قوتون، هڪ سندس نفس حيواني ۽ ٻيو روح ملڪوتي موجود آهي. انهي ڪري روح کي طاقت وٺائڻ ۽ سگهارو ۽ طاقتور بنائڻ لاءِ گهربل اسباب مهيا ڪيو وڃي ۽ حيواني نفس کي سنوارڻ سڌارڻ لاءِ تزڪيہ (پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش) ڪئي وڃي. انهي تزڪيہ جو مقصد نفس کي فنا ۽ ختم ڪرڻ، ماري ڇڏڻ ناهي بلڪ نفس کي ضابطي ۽ ڪنٽرول ۾ رکڻ آهي. ضبط نفس ۽ تزڪيہ نفس اهي شيون گهربل آهن. اسلام ۾ نفس ڪشي (نفس ماري ڇڏڻ) جو ڪو بہ حڪم ڪونهي. جڏهن تہ روح کي طاقت ۽ سگهہ ڏيڻ لاءِ ذڪر الاهي آهي. جنهن جو نچوڙ ايمان آهي ۽ ذڪر الاهي ۾ اهم ترين شيءِ قرآن شريف آهي. جنهن جي باري ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو تہ. هيءَ يعني قرآن ”الذڪر“ آهي. مطلب قرآن سڀ جو سڀ ذڪر اهو ئي آهي. ذڪر جو ٻيو ذريعو نماز آهي ۽ ان کي بہ قرآن جي پڙهڻ (قرئت) سان ادا ڪرڻو آهي. ذڪر جو ٽيو ذريعو مسنون (حديثن ۽ پاڻ سڳورن جي معمولات مان ثابت) ذڪر اذڪار ۽ دعائون آهن. مطلب تہ پاڻ سڳورن جن ذڪرن جي تلقين ڪئي آهي ۽ جيڪي دعائون ڪانئن نقل ٿيل آهن ۽ سندن روزمره جو معمول بہ هيون، انهن مسنون ذڪرن کي پنهنجي زندگي جو معمول بنائڻ سان ايمان جي مضبوطي ۽ گهرائي ۾ واڌارو ٿيندو رهندو. ايستائين جو انسان تصوف يا احسان جي منزل حاصل ڪري وٺي. احسان جو انفرادي هدف (احسان جي ذاتي منزل) ماڻڻ ڪانپوءِ هاڻي احسان جو اجتماعي هدف (احسان جي سماجي منزل) حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ اهو هدف آهي سماج ۾ هلندڙ ظلم واري نظام کي ختم ڪري، عدل انصاف واري نظام کي قائم ۽ جاري ڪيو وڃي، تہ جيئن وڏ ڪان وڏ تعداد ۾ انسان، اسلامي تصوف يا احسان مان فائدو وٺي سگهن. ٿورو غور ڪريو تہ. اهو ماڻهو ڪيتريقدر خود غرض چئبو جيڪو سالن جا سال جهنگلن ۽ ويران بيابانن ۾ نفس کي مارڻ لاءِ تڪليفون پيو سهي. پاڻ کي پيو مانجهي ۽ رڳڙي، پر ٻئي طرف ڪروڙين انسان لڳاتار ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙ هجي رهيا هجن. انسانن جي تمام وڏي اڪثريت لاءِ اهڙو موقعو ئي ميسر نہ ٿو ٿئي جو ڪو اعليٰ خيال يا ڪو اوچو نصب العين انهن جي سوچ

جي پرپاسي گذري. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي روح کي نفس جي هٿ ڪڙين مان آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ، ٻين کي بہ ظلم ۽ ڦرلٽ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي بہ جدوجهد ڪري، تہ جيئن اهي بہ ايمان جي دولت مان فائدو وٺي سگهن. سياسي ڏاڍ، معاشي استحصال ۽ ڦرلٽ سماجي اوچ نيچ تي جڙيل سماجي نظام کان هڪ فرد متاثر نہ هجڻ ممڪن ئي ڪونهي. پاڻ سڳورن جي هڪ حديث آهي ڪاد الفقر ان يڪون ڪفراً. يعني مسڪيني، سڃائي ۽ محتاجي انسان کي ڪفر تائين پهچايو ڇڏي.

حقيقي صوفي ازم جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو نڪتو بہ نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي تہ، خلق جي خدمت جون ٽي منزلون آهن. پهرين منزل: بکين کي کاڌو کارائڻ، ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ، ٻي منزل: ماڻهن جي آخرت سنوارڻ جي ڪوشس ڪرڻ. الله جي طرف سڏڻ، انهي کان مٿي ڪا خدمت خلق ٿي نہ ٿي سگهي جو انسان ٻين جي هميشہ واري زندگي جي ڪاميابي لاءِ ڪوشش ڪري.

ٽي منزل خدا جي خلق کي ظالماڻہ نظام جي ڏاڍ ۽ استحصال ڦرلٽ وغيره کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. فقط پهرئين قسم جي خدمت کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ، دين جي خدمت خلق واري تصور کي محدود ۽ تنگ ڪرڻ جي برابر آهي. انهي سلسلي ۾ اصل حڪيمانہ قول حضرت شاهہ ولي الله جو آهي. هو فرمائي ٿو تہ، ”جنهن سماج ۾ دولت جي تقسيم جو نظام غير منصفانہ هجي تہ، اتي هڪ پاسي دولت جا ڍير لڳي ويندا، عياشيون ٿينديون، بدمعاشيون ۽ خرمستيون هونديون، تہ ٻئي پاسي مسڪيني ۽ سڃائي ۽ محتاجي جو دؤر دؤرو هوندو ۽ انسانن جي تمام وڏي اڪثريت حيوانن وانگر بار ڍوئڻ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويندي. الله تعاليٰ کان امير بہ غافل تہ غريب ۽ مسڪين بہ غافل هوندا. امير بہ محروم تہ غريب محتاج بہ محروم. اهڙين حالتن ۾ انصاف واري سماجي نظام قائم ڪرڻ کانسواءِ انسانن جي تمام وڏي اڪثريت لاءِ روحاني ترقي جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿي سگهي.“

## تصوف:

امام غزالي پنهنجي ڪتاب المنقذمن الضلال ۾ ڄاڻايو آهي تہ ”جڏهن آئون ٻين علمن مان فارغ ٿيس تہ صوفين جي طريقي ڏانهہ ڌيان ڏنم. مون کي معلوم ٿيو تہ انهن جو طريقو علم ۽ عمل سان تڪميل کي پهچي ٿو. انهن جي علمن جو مقصد آهي: نفس مارڻ (نفس کي ضابط ۾ آڻڻ) اوڳڻن ۽ برين عادتن کان پاڪ ۽ صاف رهڻ، دل کي ٻيائي کان پري رکڻ، ۽ ان کي الله تعاليٰ جي ذڪر سان سينگارڻ ۽ سنوارڻ. امام غزالي جو اهو مشاهداتي بيان، حقيقت ۾ تصوف جي صوفيانہ طريقي جو مختصر تعارف آهي. اها ئي صحيح معنيٰ تصوف جي طريقي جي سڃاڻپ آهي. صوفي بزرگن تصوف جي روشني ۾ انسانيت، اخلاقي اقدار، محبت، اخلاص ۽ عشق الاهي جو پيغام ڏنو آهي، ۽ نبي ڪريمﷺ سان محبت ڪرڻ ۽ سندن پيروي ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. صوفيانہ تعليم شريعت کان جدا ناهي. شريعت تي دل جي حضور سان عمل ڪرڻ کان پوءِ ئي سالڪ، طريقت جي منزل تي قدم رکي ٿو. طريقت جي روحاني منزل تي، الله تعاليٰ جي ربوبيت ۽ قدرت جي عجيب ڪارنامن ۽ ڪرشمن جي باري ۾ غور فڪر ڪرڻ سان حيرت ۾ وجهندڙ مشاهدا ماڻڻ بعد، الله تعاليٰ جي ذات جي معرفت ۽ سڃاڻ حاصل ٿيڻ ڪري معرفت جي منزل تي رسڻ کان پوءِ جيڪا ذات حق آهي تنهن جي حقيقت جي پروڙ حاصل ٿئي ٿي. جڏهن اها پروڙ ۽ پرک پوي ٿي تہ سالڪ کي دنيا جهان جي ڪا بہ گل نہ ٿي رهي، ۽ سالڪ حقيقت ۾ محو ۽ مستغرق رهي ٿو. تصوف جا اهي سڀ مول متا شريعت کان الڳ بہ ناهن تہ شريعت سان ٽڪرائجن بہ ڪو نہ ٿا. چو تہ تصوف جو بڻ بنياد اسلامي تعليم ئي آهي.

موضوع جي مناسبت سان بهتر ٿيندو تہ سنڌ جي سرتاج صوفي شاعر، سهروردي سلسلي جي سالڪ ۽ معرفت جي منزل ماڻيندڙ عارف حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان سر يمن ڪلياڻ داستان پنجين ۾ آيل صوفي فقيرن بابت ڪجهہ بيت پيش ڪريون.

صوفي سالم سي ويا، جي اڪثر سين اڏيار،
بازي بازندن کي آهي اويسار،
پريان سين پهڪار، رنديءَ رساٽي ڪيا.
ڏکين لفظن جي معنيٰ:
صوفي: سالڪ.
ويا: منزل تي پهتا.
اڏيار: پاسو ڪندڙ
اڪثر: گهڻ، ماڻهن جي رش، گوڙ.
بازي: راند.
بازندن: عشق جي رانديگرن.
اويسار: اڻ وسرندڙ. وسرڻ نہ جهڙو.
پهڪار: هم صلاح. هم ڪلام.
رِندي: مستي، عشق جي موج.
رساٽي ڪيا: پهچايو. پڄايو.

سمجهاڻي: جن صوفي فقيرن ماڻهن جي گهڻ، گوڙ ۽ رش کان پاسي ٿي گمنامي ۾ رهي عبادت رياضت سان پنهنجي منزل مقصود تي وڃي پهتا. هنن فقيرن سڀ ڪجهہ بلڪ پنهنجو پاڻ حقيقي عشق تان گهوري قربان ڪري ڇڏيو. جڏهن صوفي فقيرن پنهنجو تن من ۽ ڌن رب جي رضا خاطر حقيقي عشق جي راهہ ۾ قربان ڪيو تہ، ڪين انهي قرباني جو اهڙو تہ روحاني فائدو راحت ۽ سڪون مليو جو وسرڻ جوڳو آهي ئي ڪو نہ. اهڙن صوفي فقيرن کي سندن عاشقانہ عبادتن ۽ پرهيزگاري نيت وڃي حقيقي محبوب رب العالمين سان ملايو.

صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

سمجهاڻي: صوفي فقيرن پنهنجي هستي، پنهنجي ذات، ۽ پنهنجو وجود وڃائي، پنهنجي مَين (انا) کي ميٽي دل مان ئي ڪڍي ڦِٽو ڪري ڇڏيو. دل کي اهڙين سوچن، خيالن کان ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي هستي

وجائي ڇڏيائون، هاڻي منجهن ڪو بہ وڏائو ۽ ڪا بہ مَين (انا) موجود ڪونهي. جڏهن دل جي آرسي ڌوپي صاف ٿي وئي تہ اهڙي دل ۾ نور الاهي جا جلوا پيا ٿين تہ جيئري ئي خدائي جلوي جي جوت پيا پسن ۽ انهي روحاني نظاري سان روح کي راحت پيا پهچائين.

صوفي لا ڪوفي، ڪو نہ پائيس ڪير،
منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌر نہ آهس پير،
جنين ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهرو.

سمجهاڻي: صوفي فقيرن جو ڪو بہ الڳ فرقو ڪونهي. هي فقير انهن گروپ بندين جهڙي فرقي بازي کان بنهہ پري آهن. هنن الله لوڪن جو اهڙن تفرقي جي ڪمن سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. عام ماڻهو کي انهن جي مقصد جو پتو بہ ڪونهي. پر اڪثر سطحي نظروارا انهن جي حقيقت حال کي پروڙي بہ نہ ٿا سگهن. ڇو تہ اهي فقير اندر جو اندر پنهنجي نفس کي مار ڏيڻ ۾ لڳا پيا آهن. انهن جي نفس سان ويڙهہ بنهہ ڳجهي آهي. نفس کي لڪل نمونہ اهڙي تہ سزا ٿا ڏين ۽ ان جي مستي ماري ٿا ڇڏين جو ڪنهن کي ڪو پتو ئي نہ ٿو پوي. صوفي فقيرن ۽ الله لوڪن وٽ نفس سان ويڙهہ ڪرڻ ۽ ان جي شر ۽ شرارتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ذڪر ۽ تقويٰ ذريعي جدوجهد ڪرڻ، جهاد اڪبر آهي. اها ڳالهہ اسان کي حضور اڪرمﷺ جي سيرت پاڪ ۾ هڪ واقعي مان نظر اچي ٿي. سو هيءَ تہ پاڻ سڳورا جڏهن سن 7 هجري ۾ يهودين جو خيبر واور علائقو فتح ڪري واپس مديني شريف پهتا هئا تہ پاڻ مسجد نبوي ۾ اچڻ سان فرمايائون تہ رجعنامِن الجهاد الاصغر الي الجهاد الاڪبر. يعني تہ اسان ننڍي جهاد کان فارغ ٿي هاڻي وري وڏي جهاد ڏانهن موٽي آيا آهيون. ننڍي جهاد مان مراد هئي خيبر واري لڙائي جيڪا يهودين سان ٿي هئي، ۽ وڏي جهاد مان مراد آهي نفس سان جهاد ڪرڻ. ڪافر سان وڙهڻ ۽ ان کي شڪست ڏيڻ، خنجر ڀالا، گرز تيرن ۽ تلوارن سان وڙهڻ ظاهر ۾ وڏي بهادري، همت، پهلواني ۽ جرئت وارو ڪارنامو آهي، پر نفس سان ويڙهہ ڪرڻ اُن کان بہ وڌيڪ ڏکيو ۽ مشڪل آهي. هن ڪري تہ ڪافر، مومن جو ٻاهريون دشمن آهي ۽ سو بہ پڌرو ۽ ظاهر

ظهور ڏسڻ ۾ اچڻ وارو پر هي نفس تہ اندر ۾ لڪل دشمن آهي، سو بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي تہ ان سان ويڙهہ ڪرڻ، ان کي ماري مچائڻ ۽ شڪست ڏيڻ لاءِ تمام مضبوط پڪي ايمان ۽ وڏي تقويٰ جي ضرورت آهي. نفس کي هيسائڻ جو هڪڙو ئي طريقو آهي تہ، دل خدا اجي ياد کان غافل نہ ٿئي، ۽ نفس جون خواهشون ۽ سڌون پوريون نہ ڪجن، بلڪ انهن سڌن کي ٺڪرائي ڇڏجي. تڏهن تہ حضرت شاهہ ڀٽائي اهڙي رياڪار صوفي کي جٺ ۽ ملامت ڪري ٿو:

صوفي چائين سڌ ڪرين، صوفين اِيءَ نہ صلاح،
ڪاتي رک ڳلاهہ، وجهہ اڇلي آڳ ۾.

سمجهاڻي: اي رياڪار! پاڻ کي صوفي فقير بہ ٿو سڏائين تہ وري نفساني خواهشون، اوچا ڪاڏا کائڻ، عمدا لباس پائڻ، ڀلين سوارين تي چڙهڻ، محل ماڙين ۾ رهڻ جهڙيون سڌون بہ ڪرين ٿو تہ. پوءِ تون صوفي فقير ناهين؟ تون تہ سڌڙيو فقير چئبين! الله لوڪ صوفي فقير، خدا وارا بزرگ ۽ سچا سالڪ اها ڳالهہ سوچين بہ ڪو نہ ٿا، اهو تہ الله وارن جو مرڪ ناهي. جي فقيري وات ورتي اٿئي تہ. سڀ هوڏ هستيون ۽ سڌن واريون سوچون ڦٽيون ڪر. هي عمدا لباس، تاج ڇٽ سڀ لاهي ڦٽا ڪر، بلڪ انهن کي باهہ ۾ اڇل تہ ڀلي سڙي رک ٿين! سادگي ۽ قناعت اختيار ڪر جي ائين نہ ٿو ڪري سگهين تہ پوءِ صوفي فقير سڏائڻ ڇڏي ڏي.

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جيئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

سمجهاڻي: سچا سالڪ ۽ صوفي فقير تہ اهي آهن جن کي ڪا دنيا جي شين مان ڪا شيءِ ڏجي ٿي تہ هو رنج ٿا ٿين، ڇو تہ انهن جي دنيا جي لذتن سان دل نہ آهي. هنن کي اهڙي عيش عشرت يا ڪا مزيدار شيءِ نہ ٿي ڏجي تہ راضي رهن ٿا. جڏهن انهن پنهنجي هستي ڇڏي نيستي واري وات ورتي آهي تڏهن تہ صوفي فقير ۽ سلوڪ جا پانڌي بنيا آهن.

سر آسا جي داستان چوٿين ۾ تہ. شاهہ سائين رياڪار فقيرن کي سخت ننڊا ڪئي آهي ۽ تمام ناراض ٿي ڪاوڙ واري انداز ۾ جٺ ڪئي

آهي:

منهن تہ موسيٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوهہ نہ ڇڏئين.

منهن تہ موسيٰ جهڙو سيرت شيطاني،
بازي بيراني، ڪڏي ڪوهہ نہ ڇڏئين.

ان پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهيين.

اڳتي وري اهڙن رياڪار ٻٽي پاليسي رکندڙ مسلمانن ۽ خاص ڪري فقيراڻي ويس ۾ هلندڙ فقيرن کي سڌي راهہ ڏسيندي هدايت ڪري ٿو تہ.

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
هينئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻ ڪان پالهو رهين.

سمجهاڻي: شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ فقيري رستي جون جيڪي منزلون ۽ درجا آهن سي ماڻڻ لاءِ سعيو ڪر. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت حاصل ڪري انهي صوفياڻي سلوڪ واري سفر ۾ ثابت قدم رهي پنهنجو ايمان پڪو ۽ بي ريا عمل جاري رکندين تہ دنيا ۾ موجود گندگي ۽ گدلاڻ کان هر طرح محفوظ رهندين. جيڪو نفس ۽ شيطان جي شر ۽ شرارتن کان حفاظت ۾ رهيو تہ اهو گناهن جي غلاظت ۾ ملوث ٿيڻ کان خدا جي پناهہ ۾ رهندو. جيڪو ٻانهو خدا جي پناهہ ۾ اچي ويو تہ ان جا ٻئي جهان موچارا ٿي ويا. ڪيس رب جي رضا بہ حاصل تہ صاحب ڪوثر ۽ شافع محشر ﷺ جي شفاعت نصيب ٿيڻ سان گڏ سندس برڪت ڀرئي هٿ سان حوض ڪوثر جو پاڪ پاڻي پيئڻ جي بہ سعادت ملندي. پوءِ جنهن حوض ڪوثر جو پاڻي پيتو تہ ڪيس وري اڄ ئي نہ لڳندي، ۽ جنهن کي

**مديني جي مير سهڻي حبيب ﷺ جي شفاعت نصيب ٿي ته، ڪيس حساب ڪتاب جو اونوئي نه رهندو.**

اللَّهُمَّ صَلِّ عَلَى مُحَمَّدٍ وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍكَمَا صَلَّيْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ
إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ. اللَّهُمَّ بَارِكْ عَلَى مُحَمَّدٍ، وَعَلَى آلِ مُحَمَّدٍكَمَا بَارَكْتَ عَلَى إِبْرَاهِيمَ وَعَلَى آلِ إِبْرَاهِيمَ إِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ

❋_❋_❋

رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ گ رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ 40ــ رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ 41ـ

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَـنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَـنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ٢٠١ـ

**(آمين)**

**ح**

# تصوف ۽ طريقت جا سلسلا

**از: مولوي محمد يامين شورو**

جهڙي طرح جسماني علاج جا مختلف طريقا آهن جهڙوڪ: ايلو پيٿي، هيوميوپيٿي، اڪوپنڪچر، ۽ يوناني حڪمت (طب)، اهڙي طرح روحاني علاج لاءِ مختلف وقتن تي مسلمان بزرگن ذڪر اذڪار، ورد وظائف جا طريقا شروع ڪيا جن جي استعمال سان تجربن ثابت ڪيو تہ روحاني بيمارين ۾ شافي ڪافي فائدا ٿين ٿا ۽ ٿيندا رهن ٿا. روحاني علاجن جي اهڙن طريقن کي صوفيانہ اصطلاح ۾ تصوف ۽ طريقت جا سلسلا سڏيو وڃي ٿو. انهن سلسلن جي ذريعي لکين ڪروڙين خدا جي خلق کي روحاني فائدو پهتو. جيڪي ماڻهو سڌي وات کان ٿڙهي ويا هئا، سي توحيد ۽ سنت مطابق سڌي راهہ تي هلي زندگي گذارڻ لڳا. تصوف جو مرڪزي پروگرام خلق جي خدمت ڪرڻ ۽ سهڻا اخلاق ڌارڻ سان گڏ نفس کي پاڪ ڪرڻ ۽ دل کي صاف رکڻ آهي. قرآن شريف ان بابت فرمايو تہ قد افلح من زڪاها. يعني جنهن پنهنجو اندر اُجاريو، سورين بداعمالين جي گندگين، غير اخلاقي ڪمن کان پاڪ ڪيو سو ڪامياب ٿي ويو. هوئنئن بہ پيغمبر ڪريم ﷺ جي نبوي ذميدارين ۾ قرآن شريف خاص ڪري چئن ڪمن کي بيان ڪيو آهي.

(1) يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ، (2) وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ، (3) وَالْحِكْمَةَ، (4) وَيُزَكِّيْهِمْ (سورت البقرة آيت 129 رڪوع 15 سيپارو1) يعني پيغمبر سائين جو پهريون ڪم ۽ ذميداري، الله جون نازل ڪيل آيتون ماڻهن کي پڙهي ٻڌائڻ، تلاوت قرآن جا آداب، تلاوت جو لب و لهجو، پڙهڻ جو طريقو سمجهائڻ. ٻئي نمبر ذميداري انهن آيتن جي معنيٰ ۽ مفهوم واضح ڪري ٻڌائڻ، قرآن شريف کي لغت ۽ ڊڪشنري جي

مدد سان، نہ پر پيغمبر سائين جي ٻڌايل تشريح جي روشني ۾ سمجھبو. ٽي ذميداري، قرآن شريف جي ٻڌايل پروگرام کي مڪمل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي، ڏاھپ ۽ عقلمندي سان ڪمال تائين پھچائي ڪامل ۽ مڪمل ڪرڻ. آخري ۽ چوٿين ذميداري ھئي تہ، جيڪا جماعت حضورﷺ جي زير تربيت ۽ زير تعليم آھي تنھن جي اندر کي اجارڻ يعني انھن کي نفس جي وسوسن شرارتن ۽ اجاين سڌن ۽ شيطاني لڪل حرڪتن کان اھڙو ڌوئي پاڪ ڪرڻ جو وري انھن جي دلين تي نہ تہ نفس جي شرارتن جو اولڙو ۽ نہ ڪي شيطان جو پاڇو پئي. ھر مومن مسلمان جي اصلاح پنھنجي دانائي ۽ ڏاھپ سان اھڙي طرح ڪري جو ان جي دل کي ايمان ۽ ڪامل يقين جي نور سان اھڙو روشن ڪري جو گمراھي جا انڌيرا دور ٿي وڃن. بيشڪ پيغمبر سائين پنھنجي نبوي ذميدارين کي انتھائي عمدي طريقي سان پوري طرح نڀائي مڪمل ڪيو. اھو ئي سبب آھي جو ان وقت اصحابن سڀورن کي نبوي فيض مان ايترو تہ نصيب ٿيو جو انھن اصحابن سڀورن کي نہ ٻئي ڪنھن علم جي ضرورت پئي ۽ نہ ڪنھن ذڪر اذڪار جي سلسلي جي حاجت پئي. ھو رسالت مآب ﷺ جي علمي فيض ۽ صحبت ۾ اھڙا تہ رنڱجي رچي لال ٿي ويا جو اھو رنگ لھڻ وارو تہ ھو ئي ڪو نہ. ھن ڪري تہ اھو توحيد ۽ تقويٰ وارو چڙھيل رنگ، حقيقت ۾ خدا جو رنگ ھو. جيئن قرآن شريف ۾ آھي تہ، صبغة الله و من احسن من الله صبغة. يعني تہ اھو الله جو چڙھيل رنگ آھي. ڀلا الله تعاليٰ کان وڌيڪ ٻيو ڪو رنڱڻ وارو آھي؟ نہ! بلڪ اھو الله سيني کان وڌيڪ سھڻو رڱڻ وارو آھي. جو تہ ٻيا رنگ ميٽجي ڊھي ويندا مگر الله جو چڙھيل رنگ تہ لھڻ ڊھڻ ۽ ميٽجڻ وارو آھي ئي ڪو نہ!

پاڻ سڀورن جو ھڪ فرمان آھي تہ، انما بعثت معلماً. يعني آئون دنيا ۾ استاد ٿي آيو آھيان. استاد جا ٻہ ڪم ھوندا آھن ھڪ تہ ھو پنھنجي شاگردن کي تعليم ڏيئي ڪامل ڪري تہ ٻيو انھن جي اھڙي تربيت ڪري جو منجھن ڪا بہ ڪمي باقي نہ رھي. جنھن صورت ۾ پيغمبر دنيا جو استاد ٿي اچي ٿو تہ خود پيغمبر جو استاد الله تعاليٰ پاڻ ھوندو آھي. جيڪو وحي ۽

الهام جي ذريعي سندس تعليم ۽ تربيت ڪري ٿو. ڪو به شاگرد جي پنهنجي علم ۽ فن ۾ ڪمال جو صاحب ثابت ٿئي ٿو. ان مان سندس استاد جي ڪامل مهارت جي ثابتي ملي ٿي. اهو ئي سبب هو جو پاڻ سڳورا به ڪامل ته سندس صحبت يافته شاگرد اصحاب سڳورا به ڪامل هئا. پوءِ اهڙي صورت ۾ انهن اصحاب سڳورن کي نه ڪنهن ٻئي استاد جي ضرورت پئي، نه ڪي ٻئي پير مرشد جي محتاجي ٿي، ڇو ته اصحابن سڳورن کي ظاهري علم جو به ڪامل استاد مليو ته باطني علم ۽ تربيت ۾ به ڪامل مرشد نصيب ٿيو.

پيغمبر سائين جي وجود ۾ سندس آندل هدايت واري روشني جي فيض جو مثال هن مان ملي سگهي ٿو ته، قرآن شريف جي مختلف سورتن ۾ پاڻ سڳورن جون ڪيتريون صفتون ذڪر ٿيل آهن. جن ۾ هڪ صفت ”سراج منير“ به آهي. يعني سدا روشن ڏيئو جيڪو زمان ۽ مڪان جي قيد ۽ حد بندي کان بالاتر رهي روشني پهچائيندو رهي. پيغمبر سائين جي انهي سهڻي صفت .سراج منير“ کي سامهون رکي غور ڪريو ته، جڏهن سج اڀرندو آهي ته، سج جي تيز روشني دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ٿي. سج جي موجود رهڻ جي صورت ۾ ٻيون سموريون روشنيون ڀلي ڪٽي موجود هجن پر انهن جو سهائو محسوس ئي نه ٿيندو. سج جي روشني جيڪري اونداهي غائب ٿي ويندي آهي ته، ائين ئي جڏهن پاڻ سڳورن پنهنجي موجودگي ۽ نگراني ۾ اصحابن سڳورن جي دلين توڙي سموري وجود مان ظاهري جسماني ۽ باطني روحاني پليدي وارو انڌيرو ائين ڌوئي پاڪ صاف ڪيو جيئن سج جي هوندي رات جي اونداهي گم ٿيو وڃي. جڏهن اصحابن جا قلب ايترا پاڪ صاف، اڇا اجرا ٿي ويا، نفس جون سموريون گندگيون به صاف پاڪ ٿي ويون، نه دل تي ڪو ڪٽ ۽ زنگ رهيو نه ڪو ظاهري جسم تي ڪو مر مير. ته پوءِ اهڙي ظاهري ۽ باطني پاڪائي کان پوءِ اصحابن سڳورن کي وڌيڪ ڪنهن چلي ڏهي ڪيڻ، ذڪر اذڪار جي موجوده طور طريقن کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت ئي نه رهي. اصحاب سڳورا، نبوي علم واري فيض ملڻ سان هڪ ئي وقت قرآن جا مفسر به هئا ته حديث جا اڪئين ڏٺا ۽ ڪنين ٻڌا شاهد، گواهه ۽ محدث به هئا ته، قرآن حديث مان مسئلا ڪيدي ٻڌائڻ وارا ۽ عمل ڪرڻ وارا فقيہ، مجتهد، مفتي ۽ عامل بالقرآن والسنت به هئا ته، دين جا داعي ۽ مبلغ به

هئا. عابد زاهد، متقي سچا پڪا مومن مسلمان بہ هئا تہ فقيري ۽ تصوف جا صاحبِ ڪمال فيض يافتہ ۽ اهو فيض تقسيم ڪرڻ وارا پاڻ ڪريمن جا مريد، تہ وري باقي دنيا جا مرشد، هادي ۽ رهبر هئا. اهو ئي سبب آهي جو صوفيت، تصوف، فقيري ۽ سلوڪ معرفت جي سلسلن جو انهي پاڻ سڳورن ۽ سندس اصحابن جي پيلي دؤر ۾ ڪو بہ وجود ڪو نہ هو. پر جيئن جيئن پاڻ سڳورن ۽ سندس اصحابن جو دؤر پري ٿيندو ويو تيئن تيئن ماڻهن جي دلين جي پاڪائي، پرهيزگاري ۽ دل جي صفائي ۾ فرق ايندو ويو. تان جو اڳتي هلي ڪجهہ نين بدعتن ۽ ڪن مذهبي رنگ ۾ ريتن رسمن جي شروعات ٿي جنهن ڪري ڪيترا سادا سودا ڪم عقل ۽ ڪم علم ماڻهو اهي بدعتون ۽ نيون ايجاد ڪيل مذهبي ريتون رسمون بہ دين سمجهي ڪرڻ لڳا ۽ ڪي دنيا پرست جن ڪي مال ميڙڻ سان دلي محبت، عزت ۽ شهرت جي بک هئي تن سادن سودن ماڻهن جي سادگي جو فائدو وٺي بہ پاڻ کي عابد زاهد سڏائڻ شروع ڪيو. اهڙي وقت ۽ صورتحال ۾ دين جو درد رکندڙ ۽ امت جي اصلاح جو فڪر ڪندڙ الله جي نيڪ ٻانهن دين جي ظاهري علم سان گڏ باطني علم بہ سمجهائڻ سيکارڻ ۽ انهن جي عملي مشق ڪرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. انهي ڪري ظاهري ديني علم يعني شريعت واري علم قرآن حديث ۽ فقہ وغيره جي پرچار ۽ پڙهائڻ لاءِ درسگاهن جو سلسلو شروع ٿيو تہ باطني علم يعني طريقت واري ذڪر اذڪار ذريعي نفس کي پاڪ ڪرڻ (تزڪيہ نفس) ۽ دل کي هر قسم جي حرص طمع، حرام جي طلب کان صفا ڪرڻ (تصفيہ قلب) لاءِ خانقاهن جو سلسلو شروع ٿيو. جيتوڻيڪ فقيري، صوفيت ۽ تصوف جي ظاهري ويس ۾ ڪي اهڙا بہ صوفي رهيا ۽ ٿي گذريا آهن، جن انهي باطني علم ۾ الحاد ۽ بي ديني واري فلسفي سان گڏ شرڪ ۽ بدعت جي ملاوٽ ڪري تصوف کي ڪافي حد تائين توحيد ۽ سنت جي لائين کان هٽائي، ان جو رخ گمراهي ڏي ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ بہ اڪثريت اهڙن الله وارن ڪاملن جي رهي جن پنهنجي خانقاهن ۾ فيض فقيري، تصوف ۽ تزڪيہ واري باطني تعليم کي شريعت جي روشن اصولن مطابق قائم دائم رکيو. اهڙي طرح انهن شريعت جي روشني ۾ ئي پنهنجي مريدن، معتقدن کي باطني علم وارو فيض ڏنو. هونئن تہ صوفيت ۽ تصوف جا سلسلا گهڻا آهن پر جن کي امت جي اڪثريت اعتماد ۽ يقين سان مڃي ٿي سي چار سلسلا آهن. اهي چار ئي

سلسلا دنيا ۾ ڪنهن هڪ هنڌ يا هڪ ملڪ ۾ شروع نہ ٿيا آهن. بلڪ مختلف هنڌن ۽ ملڪن تان انهن سلسلن جو آغاز ۽ اجراء ٿيو آهي. جهڙوڪ قادري سلسلو جيڪو حضرت شيخ سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه ڏانهن منسوب آهي. چو تہ مذڪوره بزرگ انهي قادري سلسلي کي تمام گهڻي ترقي ڏياري، مضبوط ڪيو ۽ پڪيڙيو. سندس وصال 517هہ مطابق 1123ع ۾ ٿيو. قلندر شهباز کان ڪجهہ اڳ حضرت شيخ سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان ڪي بزرگ سنڌ ۾ آيا جن جي ذريعي اهو سلسلو قادري سنڌ ۾ پکڙيو.

چشتي سلسلو: هن سلسلي جو پهريون بزرگ شيخ ابو اسحاق (وفات 329هہ مطابق 940ع) آهي. هند ۽ سنڌ ۾ حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري هي سلسلو پکيڙيو.

سهروردي سلسلو: هن سلسلي جو بنياد تہ حضرت شيخ ابو نجيب عبدالقاهر سهروردي (وفات 522هہ مطابق 1168ع) وڌو. جيڪو بغداد جي هڪ ڳوٺ سهرورد جو هو. سندس نسب جو سلسلو حضرت ابو بڪر صديق خليفي اول رضي الله عنہ سان ملي ٿو. پر سندس ڀائٽي شيخ شهاب الدين سهروردي هن سلسلي کي اوج تي پهچايو. انهي ڪري انهي سلسلي جو باني شيخ شهاب الدين سهروردي کي مڃيو وڃي ٿو. قلندر شهباز کان ٿورو اڳ ڇهين صدي هجري ۾ سلسلو سهروردي سنڌ ۾ پهتو. سيد محمد شجاع مشهد (ايران) جو رهاڪو هو ۽ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو نياٽو (داماد) ۽ خليفو هو. اهو ڪجهہ وقت بغداد ۾ رهڻ کان پوءِ پنهنجي گهرواري سميت بغداد مان مڪي مڪرمہ آيو. جتي ڪيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو سيد محمد مڪي رکيو ويو. سيد محمد شجاع واپس مشهد آيو اتي وفات ڪيائين. پر سيد محمد مڪي لڏي اچي بکر (سنڌ) ۾ رهيو. ان کان سواءِ سنڌ مان حضرت شيخ نوح بکري بہ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو خليفو هو. جنهن هتان سنڌ مان وڃي حضرت شيخ سهروردي کان روحاني فيض ۽ خلافت حاصل ڪئي. سندس مقبرو بکر ڀيٽ ۾ آهي.

سهروردي سلسلو حضرت شيخ بهاء الحق والدين زڪريا ملتاني جي محنت سان بہ گهڻو وڌيو ۽ پکڙيو. اهڙي طرح سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ سهروردي سلسلي جو اثر رهيو.

نقشبندي سلسلو: هن سلسلي جو باني حضرت شيخ بهاء الدين

نقشبندي بخاري (وفات 791هه مطابق 1388ع) آهي. هي سلسلو سنڌ ۾ گهٽو پوءِ پهتو. سنڌ ۾ هن سلسلي جو پهريون بزرگ مخدوم آدم ٺٽوي آهي. جيڪو ٻارهين صدي هجري جي اوائل ۾ ٿي گذريو آهي. انهن چئن ئي سلسلن جي صوفيانه تعليم جو بنيادي مقصد ساڳيو آهي. البت مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ عملي طريقا جدا جدا آهن. صحيح بخاري ۾ آهي ته، حضرت جبريل عليه السلام، حضرت رسول الله ﷺ جن کان سوال ڪيو ته، ما الاحسان؟ يعني احسان ڇا کي چئجي؟ (سنڌيءَ ۾ احسان جي معنيٰ ڪنهن ڪم کي سهڻي نموني ادا ڪرڻ، مقرر معيار کان به وڌيڪ سهڻو ڪري پيش ڪرڻ) پاڻ سڳورن جواب ۾ فرمايو ته، ان تعبدالله ڪا نڪ تراه و ان لم تڪن تراه فانه يراڪ (يعني الله جي عبادت ائين ڪر جو ڄڻ تون ان کي ڏسين پيو پر جي تون ان کي ڏسين ڪو نه ٿو ته، اهو توکي ته ڏسي پيو). ان جو نالو احسان آهي، جيڪو خوف خدا ۽ الله ڏي توجهه ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو. رب جي ذات ڏانهن توجهه اهڙو ڪجي جو ٻئي پاسي خيال ئي نه وڃي. ان احسان کي ڪن بزرگن طريقت جو نالو ڏنو ته ڪن تصوف چيو ۽ ڪن سلوڪ سڏيو آهي. نالي رکڻ سان ڪو فرق ڪو نه ٿو پئي، اهو احسان ئي آهي.

دين تي عمل ڪرڻ ڏکيو آهي پر ڪرڻو پوندو آهي، اها شريعت آهي، نيڪ عمل ڪندي ڪندي عبادت ڏانهن دل جو شوق به پيدا ٿي پوي ۽ سياري جي سردي، اونهاري جي گرمي هن کي نيڪ عمل کان روڪي نه سگهي ۽ شريعت تي هلڻ آسان لڳي، ته اها طريقت آهي. هر معاملي ۾ الله تعاليٰ تي نظر هجي، مخلوق کان ڪجهه به نه سمجهي، سڀ ڪجهه الله کان سمجهي، ته اها معرفت آهي. الله جي تعريف ۽ عبادت ڪرڻ باوجود پنهنجو ڪو به ڪمال نه سمجهي، عاجزيءَ جو اقرار ڪندو رهي ۽ سمجهي ته، الله جي عبادت ۽ تعريف جو حق مون کان ادا ٿي نه سگهندو ته ان کي حقيقت چوندا آهن. اهي سڀ شيون قرآن ۽ حديث جي مطابق آهن. ڪن جاهل صوفين ۽ بدعتي فقيرن يا ڪن غلط راهه هلندڙ پيرن، تصوف ۾ ڪيتريون بدعتون ۽ غير شرعي ڳالهيون پيدا ڪيون آهن. جن سان موحد بزرگ جو ڪو واسطو ڪونهي.

امام ابن تيميه ۽ ٻين عالمن جنهن تصوف جي مخالفت ڪئي آهي اهو واقعي به معيوب (عيبدار) آهي، اهو ائين آهي جيئن ڪيترن مسلمانن چوريون، ڦرون، بي ايمانيون، ٺڳيون ڪري دين اسلام ۽ مسلمانن کي بدنام

ڪيو آهي. حالانڪ اهي خاميون دين اسلام ۾ ڪونهي. اسلام ته دين برحق آهي. غلط ڪم ڪندڙ مسلمان غلط آهي. اسلام سچو دين الاهي آهي. تصوف ۽ سلوڪ ۾ پيدا ٿيل بدعتن خلاف، توحيد پرست بزرگن نه رڳو آواز بلند ڪيو آهي پر ان جي خلاف باقاعده جهاد به ڪيو آهي.

سهروردي سلسلي جي پيشوا حضرت بهاء الحق والدين زڪريا ملتاني جي هنن قولن تي هي مضمون ختم ڪريون ٿا. (1) معرفت الاهي جي سلسلي ۾ پهريون قدم حب دنيا ترڪ ڪرڻ آهي. جڏهن انسان دنيا جي ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو. تڏهن هو ان مقصد کان دور ٿي وڃي ٿو. جنهن مقصد لاءِ هو پيدا ڪيو ويو آهي. يعني الله تعاليٰ جي عبادت. (2) انسان جي اصل شيءِ دل آهي. دل جي اصلاح ٿي وڃي ته پوءِ بدن جي اصلاح به خود بخود ٿي ويندي. دل کي پليدين کان پاڪ رکڻ گهرجي. جيڪي شيون دل کي تباهه ڪن ٿيون انهن جو اصل هڪ آهي ۽ اهو آهي "دنيا جي محبت". (3) مريد لاءِ لازم آهي ته هو شريعت جو عالم هجي جيئن علم سان عمل ڪري، علم سندس رهبر ٿيندو ته شيطان ساڻس هٿ چراند ڪري نه سگهندو.

# سهروردي مشائخن جو طريقو ذڪر ۽ تسبيحون

### از: مولوي محمد يامين شورو

هر شخص مولا جي طالب کي مرشد ڪامل وٺڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. جيئن تہ ڀلارن جي صحبت مان ڀلائي ۽ بڇڙي سنگت مان بڇڙائي رسي ٿي. انسانن کي رب تعاليٰ جو حڪم آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ١١٩ (سورة التوبة رڪوع 15، آيت 119، سيپارو 11) ترجمو: اي ايمان وارؤ! خدا کان ڊڄو ۽ سچارن سان شامل رهجؤ. ٻئي هنڌ فرمايل آهي:

وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ (سورة لقمان آيت نمبر15، رڪوع2، سيپارو 21) ترجمو: انهن ماڻهن جي رستي تي هلجؤ جيڪي منهنجي طرف (الله جي طرف) موٽن ٿا.

جڏهن مولا پاڪ جو ڪو طالبو انهي مقصد سان مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿئي ٿو تہ، مرشد هن کي پنهنجي صحبت ۾ رکي ٿو ۽ جي مريد ۾ ڪي خاميون آهن، هو حرص ۽ حوس جي دام ۾ قاتل آهي يا منجهس اخلاقي ۽ چڱين عادتن جي ڪمي ۽ شرعي نقص آهن تہ شيخ (مرشد) پهرين پهرين هن جي انهن سيني مرضن جي دفع ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو ۽ مريد کي اهڙ و رستو وٺائيندو جيئن هن جي دل مان دنيا ۽ دنيا جي شين جي رغبت ۽ محبت گهٽجي وڃي. مولا ڪريم جي رضا تي راضي رهي، ڏک ۽ مصيبت ۾ صابر هجي، نماز ۽ فرائض جو پوري طرح پابند ٿئي. اها بنيادي اصلاح ۽ سڌارو مريد جي ٿوري ڪاڏي ڪائڻ، ٿوري سمهڻ، گهٽي ڪان گهڻو ذڪر ڪرڻ، صلوات سڳوري جام پڙهڻ، ڏهن ۽ چاليهن جي ذريعي مجاهدن ڪيڻ سان ٿيندو. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي:

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا (سورة العنڪبوت آيت 69، رڪوع 7، سيپارو 21) ترجمو: جيڪي ماڻهو اسان جي راهہ ۾ ڪوشش ڪن ٿا، اسين انهن

ڪي پنهنجا رستا ڏيکاريون ٿا يعني پاڻ ڏانهن پهچڻ جا رستا ڏيکاريون ٿا.

الله جو گهڻو ذڪر ڪرڻ ۽ مجاهدا ڪيڻ روحاني بيمارين جو شافي علاج آهي. انهن عملن سان رب تعاليٰ جي رضامندي حاصل ٿئي ٿي. حديث شريف ۾ آهي: ”يقول الله تعاليٰ انا مع عبدي ما ذڪرني و تحرڪت بي شفتاه“ (بلوغ المرام صفحو 299) ترجمو: الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته، آئون انهي ٻانهي سان گڏ آهيان جيستائين هو مون کي ياد ڪندو رهي ٿو ۽ هن جا چپ منهنجي ذڪر سان چرندا رهن ٿا.

ايضاً حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي: ”ماشيء انجيٰ من عذاب الله من ذڪرالله“ (ترمذي باب الدعوات) ترجمو: الله جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏيڻ واري شئي الله جي ذڪر کان وڌيڪ ٻي ڪانهي.

ايضاً فرمايو اٿن: ”مثل الذي يذڪر ربه والذي لايذڪر مثل الحيّ والميت“ (صحيح بخاري باب الدعوات) ترجمو: جيڪو شخص پنهنجي ربّ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ جيڪو نه ٿو ڪري، تن جو مثال جيئري ۽ مئل جهڙو آهي. (ذڪر ڪندڙ جيئرو ۽ نه ڪندڙ مئل). ذڪر، الله تعاليٰ جي يادگيري ۽ سندس بندگي آهي. الله جو ذڪر وڏي شيئي آهي يعني الله جو ذڪر ٻانهي جي حق ۾ وڏي رحمت آهي. قرآن شريف فرمائي ٿو:

وَاَقِمِ الصَّلٰوۃَ اِنَّ الصَّلٰوۃَ تَنۡہٰی عَنِ الۡفَحۡشَآءِ وَالۡمُنۡکَرِ ؕ وَلَذِکۡرُ اللّٰہِ اَکۡبَرُ (سورة العنڪبوت آيت نمبر45، رڪوع5، سيپارو 21) ترجمو: تحقيق نماز بي حيائي ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪي ٿي ۽ الله جو ذڪر ته انهي کان به وڌيڪ آهي فائدن ۾. شاه عبدالقادر صاحب موضع القرآن جي حاشيي ۾ لکي ٿو ته ”اللہ کی یاد کو اس سے بھی (نماز سے)“

اَلَا بِذِکۡرِ اللّٰہِ تَطۡمَئِنُّ الۡقُلُوۡبُ 28ـ (سورة الرعد آيت28، رڪوع4، سيپارو 13)

ترجمو: الله جي ذڪر سان مؤمنن جي قلب کي سُڪون ۽ اطمينان حاصل ٿئي ٿو.

وَّذَکِّرۡ فَاِنَّ الذِّکۡرٰی تَنۡفَعُ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ 55ـ (سورة الذاريات آيت 55، رڪوع3، سيپارو 27)

ترجمو: الله جي ذڪر سان مؤمنن کي نفعو پهچي ٿو.

الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪرڻ صبح ۽ شام ذڪر جي تسبيحن پڙهڻ

جو مؤمنن کي حڪم آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا 41ۙ وَّسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا 42 (سورة الاحزاب آيت 41 ۽ 42، رڪوع 6، سيپارو22) ترجمو: اي ايمان وارؤ! الله کي گھڻو ياد ڪريو ۽ صبح شام سندس پاڪائي بيان ڪريو.

بهرحال جهدالنفس ۽ ذڪر اذڪار گھڻو ڪرڻ ۽ هميشہ ڪرڻ سان نفس جي سرڪشي ۽ بي فرماني ۾ گھٽتائي ٿئي ٿي. بلاشڪ هي نفس امارو جڏهن گھٽيون تڪليفون ڏسندو ۽ ذليل ٿيندو تڏهن وڃي سڌرندو ۽ تڏهن ئي هن جي دل جو لاڙو الله ڪانسواءِ ٻين سيني شين کان هٽي الله ڏي ٿيندو.

حقيقت ۾ مولا سائين جي طالب جو پهريون قدم نفس کي ماري مڃائڻ آهي. فارسي ٻولي ۾ ڪنهن دانا چيو آهي تہ:

گر حيات خوب خواهي نفس را گردن بزن،
زانڪ از نفست قوي ترهيچ دشمن غير نيست.

معنيٰ تہ، اي طالب! جيڪڏهن پنهنجي حياتي خوش خوب بنائڻ گھرين ٿو تہ پهريائين پنهنجي نفس جو ڪنڌ ڪپي ڇڏ، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي نفس کان وڌيڪ ٻيو ڪو بہ تنهنجو دشمن ڪونہ آهي.

هڪ ٻيو سالڪ بہ اردو زبان ۾ چوي ٿو تہ،

بڑے موذی کو مارا جس نے مارا نفس امارا
نھنگ و ازدھاؤ شیر نر مارا تو کیا مارا

معنيٰ تہ، جنهن سرڪش ۽ هٺيلي نفس کي ماريو تہ، انهي ڄڻ وڏي موذيءَ کي ماريو. باقي جي واڳو يا ارڙ يا شينهن نر کي ماريو تہ ڇا ٿي پيو؟ ڄڻ ڪجھ نہ ٿيو.

طالب يا مريد جي انهي منزل تي پهچڻ بعد سهر وردي مشائخ، ڪلمه شريف لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ڇهن ئي تسبيحن تي جهري ذڪر سان (آواز سان ذڪر) عمل ڪرائين ٿا. يعني مٺيري آواز سان ذڪر ڪرائين ٿا. اهي تسبيحون نمبر وار هي آهن:

(1) لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (2) اِلَّا اللّٰهُ (3) اللّٰهُ (4) لِلّٰهِ (5) لَهُ (6) هُو

سنڌ ۽ پنجاب، توڙي هندستان جي ڪن ضلعن ۾ سهروردي طريقي جا

رنگ گھٽيئي آهن. ڪلمه شريف لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو ذڪر گهڻو ڪري عام طرح معلوم آهي. انهي بابت ڪجهه بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ هئي مگر ڪن صاحبن کي انهي ذڪر تي اعتراض آهي. هڪڙي مولوي صاحب چوائي موڪليو تہ، انهي طرح ذڪر ڪرڻ جو ثبوت حديث شريف مان نہ ٿو ملي، تنهنڪري اهو بدعت آهي. شايد ٻئي بہ ڪنهن صاحب کي ڪو اعتراض هجي تنهنڪري ڪلمه شريف جي تسبيحن بابت پنهنجي ڄاڻ مطابق ڪجهه تفصيل ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو. واضح هجي تہ اهي ڇهه ئي تسبيحون ڪلمه طيبه جا جزا آهن ۽ ڪلمه طيبه وري اسم ذات الله جي حرفن مان ورتل آهي. هڪ اهل حديث عالم مرحوم قاضي محمد سليمان منصور پوري اسماء الحسنيٰ جو شرح لکيو آهي. انهي جو نالو معارف الاسماء شرح اسماء الحسنيٰ آهي، تنهن ۾ لکي ٿو تہ:

ڪلمه توحيد لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي حرفن تي ويچار ڪيو. ساري ڪلمه ۾ ڪو بہ حرف زياده ڪونهي. اهيئي حرف آهن جيڪي اسم ذات الله جي نالي ۾ موجود آهن. ڄاڻ تہ، انهن ئي حرفن جي ترڪيب ڪلمه توحيد کي بنائي ٿي. حرفن جو هر هڪ جزو معرفت الاهي جو درياء آهي. اسم ذات پاڪ جي لفظي ترڪيب تي غور ڪريو. لفظ الله جو پهريون الف نہ لکيو وڃي تہ لله پڙهيو ويندو. جنهن جي معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ، آسمانن ۽ زمين جا خزانا الله جي ملڪيت آهي.

وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

(سورة المنافقون آيت7، رڪوع1، سيپارو28)

ايضاً آيت:

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ

(سورة المائده آيت18، رڪوع3، سيپارو 6)

ترجمو: آسمان، زمين ۽ ٻنهي جي درميان سيئي شيون الله جي اختيار ۾ آهن. سيني کي انهي ڏي ئي موٽڻو آهي.

ايضاً آيت:

وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ ۭ

وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ

(سورة هود آيت 123، رڪوع 10، سيپارو 12)

ترجمو: آسمان ۽ زمين جون ڳجهيون حقيقتون الله جي ئي قبضي اختيار ۾ آهن ۽ سيني جو موٽڻ (رجوع) بہ انهي ڏي ئي آهي. تڏهن انهي جي ئي عبادت ڪريو ۽ انهي تي ئي ڀروسو ڪريو اوهين جيڪي عمل ڪريو ٿا اوهان جو پروردگار انهي کان غافل نہ آهي.

۽ جي لله جو پهريون لام (لِ) نہ لکيو وڃي تہ له پڙهيو ويندو ۽ هيءَ معنيٰ ظاهر ٿيندي تہ الله جي ئي هٿ ۾ آهن آسمانن ۽ زمين جي خزانن جون ڪنجيون ۽ جيڪي شخص الله جي آيتن کي نہ ٿا مڃين، اهي نيٺ گهاٽي ۾ رهندا.

لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ

(سورة الزمر آيت63، رڪوع6، سيپارو24)

ايضاً آيت:

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَمَا تَحْتَ الثَّرٰى

(سورة طه آيت6، رڪوع1، سيپارو16)

ترجمو: الله جي ئي قدرت ۾ آهي جيڪي آسمانن ۽ زمينن ۾ انهن جي درميان آهي ۽ جيڪي مٽيءَ جي گولي هيٺ آهي.

ايضاً آيت:

اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ يُـحْيٖ وَيُمِيْتُ ۭ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ

(سورة التوبه آيت116، رڪوع14، سيپارو 11)

ترجمو: بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي ئي آهي. اهو ئي جياري ٿو. اهو ئي ماري ٿو. الله ڪانسواءِ اوهان جو نہ ڪو حامي آهي نہ ڪو مددگار.

۽ جي له جو لام (ل) بہ نہ لکيو وڃي تہ ھ رهندي، جنهن جو اُچار (هُو) ٿيندو. اهو حرف واحد انهي اڪيلي ذات پاڪ احد ۽ سندس پاڪ صفتن ڏي اشارو ۽ دلالت ڪري ٿو.

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (سورة الاخلاص). هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ (سورة المومن آيت65، رڪوع7، سيپارو 24 ). هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ فِي الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَاۗءُ (سورة آل عمران آيت 6،

رڪوع 1، سيپارو3)، هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ طِيْنٍ (سورة الانعام آيت 2، رڪوع1، سيپارو7)، هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ (سورة يونس آيت5، رڪوع 1، سيپارو11)

ترجمو: اي رسول ﷺ چئو تہ، اهو الله اڪيلو ئي آهي. اهو ئي الله هميشہ حيات (زنده) آهي. انهي کانسواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي، پوءِ اوهين سچيءَ دل سان انهي کي سڏيندا ڪريو. اهو ئي الله اوهان جون صورتون ماءُ جي پيٽ ۾ جهڙي طرح وڻيس تهڙي طرح بنائي ٿو. اهو ئي الله جنهن اوهان کي مٽيءَ مان خلقيو. اهو ئي آهي جنهن سج کي چمڪندڙ بنايو ۽ چنڊ کي روشن ڪيو ۽ سندس منزلون مقرر ڪيون تہ انهي ڪري اوهين انهي جي وسيلي سالن جو ڳاڻيٽو ڪري سگهو ۽ حساب ڄاڻندا رهو.

مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ سهروردي مشائخ ڪلمه شريف لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي جهري ذڪر کي سيڪڙات طالب جي حال مطابق گهڻو فائديمند سمجهن ٿا. طالبن جي جماعت ۾ مختلف حالتن وارا ماڻهو جمع ٿين ٿا. جن مان ڪي عمل ۾ گهٽ آهن تہ ڪي صفا اڻ ڄاڻ، ڪي نفساني جذبات ۾ قاتل آهن، تہ ڪي بلڪل ڪمزور ۽ سست آهن. اهڙن مختلف طبيعتن جي طالبن کي هڪڙي رستي تي هلائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ ابتدا ۾ انهي جهري ذڪر جو عمل گهڻو فائدي وارو آهي. جيئن تہ ڪو طالب اڪيلي سر بہ هر وقت، هر حالت ۾ اٿئي ويٺي، ستي ليٽي انهي شغل سان مشغوليت رکي سگهي ٿو ۽ طالبن جي جماعت بہ مجموعي طرح گڏجي ذڪر ڪري سگهي ٿي.

## تسبيحن جو بيان:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي تسبيح سان الله کانسواءِ هر غير الله جي نفي (انڪار) ڪرڻو آهي. لا جي تلوار سان هر باطل معبود، هر واهيات وهم، هر واهيات ڪم، گمان، هر نفساني جذبات، هر بيهوده خواهش ۽ سڏ کي وڍي ڇڏڻو آهي.

اِلَّا اللّٰهُ جي تسبيح سان فقط هڪ مولا پاڪ جو اسم مبارڪ الله قلب جي اندر ثابت ڪرڻو آهي. يقين رکڻو آهي تہ هڪ حق پاڪ الله کانسواءِ ٻي هرڪا شيءَ ناقص الوجود غير حقيقي، عارضي، فنا ۾ گهيريل، معبود ٿيڻ جي لائق ئي ناهي، جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا (سورة طه

آيت 14، رڪوع1، سيپارو16) ترجمو: بيشڪ آئون ئي ته الله آهيان، مون ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه الله ڪونهي، ٻي جاءِ تي فرمائي ٿو ته فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (سورة محمد آيت19، رڪوع2، سيپارو 26) ترجمو: پوءِ سمجهي ڇڏ ته الله ڪانسواءِ ڪوبه الله ڪونهي.

## الله، الله تعاليٰ جي پاڪ نالي جي تسبيح!!

الله، رب تعاليٰ جو ذاتي اسم آهي. اسم عَلم آهي. ذات سبحانه و تعاليٰ جي لاءِ خاص الخاص آهي. اهو اسم حق پاڪ پنهنجي هستي لاءِ مقرر فرمايو آهي. رب تعاليٰ ڪي سندس نالن سان پڪاري دعا گهرڻ جو پاڻ حڪم فرمايو آهي. وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا (سورة الاعراف آيت 180، رڪوع 22، سيپارو9) ترجمو: الله جا سيئي نالا سهڻا آهن، اوهين ڪيس سندس سهڻن نالن سان پڪاريو.

اهو ئي رب تعاليٰ جو پيارو نالو الله، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي صورت ۾ آهي. اسماء الحسنيٰ جا سڀ صفاتي نالا انهي اسم پاڪ الله جي تابع آهن. سچي دل سان اقرار باللسان و تصديق بالقلب جو اهو مرڪز آهي. اهو مقام اهو آهي جتي مومن جو قلب ڪائنات جي بادشاهه سان بندگي جو تعلق رکي ٿو. انسان خاڪ جي چپٽيءَ کي ايڏو مانُ مليو آهي جو کيس اجازت آهي ته جيڪي گهري، سڌو ڪائنات جي بادشاهه کان ادب ۽ عاجزيءَ سان گهري وٺي. قرآن شريف فرمائي ٿو ته: وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ (سورة المومن آيت 60، رڪوع6، سيپارو24) ترجمو: اي انسانو! اوهان جو رب فرمائي ٿو ته، اسان کان دعائون گهرندا رهو، اوهان جي دعا قبول ڪنداسين.

قرآن شريف ۾ انهي مضمون جون ٻيون آيتون به آهن. بهرحال الله جي تسبيح سان قلب ۾ نور پيدا ٿئي ٿو. الله جي تسبيح سان عارفن ڪاملن جي دل ۾ آرام ۽ راحت پيدا ٿئي ٿي. غمگين، ڏکويل، حيران، پريشان ۽ مظلوم دلين جو فرياد ٻڌجي ٿو. قرآن شريف فرمائي ٿو ته: اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْ (سورة النمل آيت 62، رڪوع5، سيپارو20) ترجمو: ڀلا اهو ڪير آهي جنهن کي جڏهن ڪو شخص بي قرار، بي آرام ٿي فرياد ڪري ٿو ته، انهي بي قرار جو فرياد ٻڌي، انهي جي مصيبت ٽاري ڇڏي!

هائو! اهو الله جل شانه آهي جنهن جي نالي جي تسبيح ۾ بي شمار برڪتون آهن.

لله، له، هو اهي تسبيحون بہ معرفت الاهيءَ جو خزانو آهن طالب کي هر تسبيح جو ذوق شوق جدا حاصل ڪرڻ گهرجي. جيئن فارسيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”هر گلي را رنگ بوءِ ديگر ست“ يعني هر گل جي پنهنجي خوشبو. اهي تسبيحون قرآن شريف جي آيتن جا لفظ آهن، جيڪي ساري ڪائنات کي رب جي اختيار ۽ قبضي ۾ ڏيکارين ٿيون، ۽ ٻڌائين ٿيون تہ: لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ (سورة لقمان آيت 26، رڪوع3، سيپارو21) ترجمو: آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي، سو الله جو ئي آهي، بيشڪ الله ئي حمد و ثنا، تعريف ۽ واکاڻ جو لائق آهي.

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ 36؁ وَلَهُ الْكِبْرِيَاۗءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (سورة الجاثية آيت 36 ۽ 37، رڪوع 4، سيپارو25) ترجمو: پوءِ بيشڪ الله کي ئي تعريف جڳائي جيڪو آسمانن جو مالڪ آهي. زمين جو مالڪ، سيني جهانن جو پالڻهار مالڪ آهي. زمين ۽ آسمانن ۾ انهي جي ئي وڏائي ۽ عظمت آهي.

لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ (سورة البقره آيت 116، رڪوع 14، سيپارو1) ترجمو: آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي، سو سڀ الله جو آهي، سيئي انهي جا تابعدار ۽ فرمانبردار آهن.

هو: وَهُوَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ لَهُ الْحَمْدُ فِي الْاُوْلٰى وَالْاٰخِرَةِ ۡ وَلَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (سورة القصص آيت70، رڪوع 7، سيپارو20) ترجمو: الله اهو آهي جنهن کانسواءِ ٻيو ڪو بہ الله ڪونهي. دنيا ۽ آخرت ۾ انهي جي تعريف آهي ۽ انهي جو ئي حڪم آهي. انهي جي ئي طرف اوهان کي موٽي اچڻو آهي.

قرآن شريف ۾ انهن لفظن جون آيتون گهڻيون ئي آيل آهن. خاص طرح ”هو“ جي لفظ سان گهڻيون آيتون قرآن ۾ آيل آهن. ايتري قدر جو تمام کي ٿوريون سورتون انهي مبارڪ لفظ کان خالي آهن نہ تہ اڪثر سورتن ۾ مڪرر، باربار انهي لفظ جون آيتون آهن جيڪي جابجا الله تعاليٰ جي قدرت جو اظهار ۽ سندس پاڪ صفتن جو بيان ڪن ٿيون.

وَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ (سورة البقرة آيت 163، رڪوع 19،

سيپارو2) ترجمو: اوهان سڀني جو خدا هڪڙو آهي. انهي ڪانسواءِ ڪوبہ خدا ڪونهي. هو وڏي رحم وارو ۽ نهايت مهربان آهي.

اللّٰہُ لَآ اِلٰہَ اِلَّا ھُوَ ۙ اَلْحَیُّ الْقَیُّوْمُ (سورة آل عمران آيت 2، رڪوع1، سيپارو3) ترجمو: الله پاڪ جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ الہ ڪونهي، هو سدائين حيات ۽ ڪائنات کي سنڀاليندڙ آهي.

اَللّٰہُ لَآ اِلٰہَ اِلَّا ھُوَ ۭ لَیَجْمَعَنَّکُمْ اِلٰی یَوْمِ الْقِیٰمَةِ لَا رَیْبَ فِیْہِ (سورة النساء آيت87، رڪوع11، سيپارو5) ترجمو: الله اها ذات پاڪ آهي جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو الله ڪونهي. اوهان سڀني کي قيامت جي ڏينهن ضرور گڏ ڪندو. انهي ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي.

لِلّٰہِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا فِیْہِنَّ ۭ وَھُوَ عَلٰی كُلِّ شَيْءٍ قَدِیْرٌ (سورة المائدة آيت 120، رڪوع16، سيپارو7) ترجمو: آسمانن ۾ زمين ۾ جيڪي بہ انهن منجهہ آهي. سڀني تي الله جي ئي حڪومت آهي ۽ هو الله هر شيءَ تي قادر آهي.

وَھُوَ الْقَاہِرُ فَوْقَ عِبَادِہٖ ۭ وَھُوَ الْحَكِیْمُ الْخَبِیْرُ (سورة الانعام آيت 18، رڪوع2) ترجمو: ۽ هو (الله) سڀني پنهنجي ٻندن تي غالب آهي، وڏي حڪمت وارو ۽ خبردار آهي.

وَھُوَ الَّذِیْ یُرْسِلُ الرِّیٰحَ بُشْرًا بَیْنَ یَدَیْ رَحْمَتِہٖ (سورة الاعراف آيت57، رڪوع7، سيپارو8) ترجمو: الله اها ذات پاڪ آهي جو پنهنجي رحمت سان هوائن جي معرفت برسات جي خوشخبري موڪلي ٿو.

وَتَوَكَّلْ عَلَی اللّٰہِ ۭ اِنَّہٗ ھُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ (سورة الانفال آيت61، رڪوع8) ترجمو: الله تي ڀروسو رک، بيشڪ هو (الله) ٻڌي ٿو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو.

ھُوَ الَّذِیْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَہٗ بِالْہُدٰی وَدِیْنِ الْحَقِّ لِیُظْہِرَہٗ عَلَی الدِّیْنِ كُلِّہٖ ۙ وَلَوْ كَرِہَ الْمُشْرِكُوْنَ (سورة التوبه آيت 33، رڪوع5 سيپارو10) ترجمو: اهو ئي (الله) آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچو دين ڏيئي موڪليو آهي تہ انهي کي سڀني دينن تي غالب ڪري، توڙي جو مشرڪن کي اها ڳالهہ بڇڙي ڇو نہ لڳي.

ھُوَ یُحْیٖ وَیُمِیْتُ وَاِلَیْہِ تُرْجَعُوْنَ (سورة يونس آيت56، رڪوع6) ترجمو: اهو الله ئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو اوهان سڀني کي انهي ڏي موٽي وڃڻو آهي.

ھُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِیْہَا فَاسْتَغْفِرُوْہُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَیْہِ ۭ اِنَّ رَبِّیْ قَرِیْبٌ مُّجِیْبٌ (سورة هود آيت 61، رڪوع6، سيپارو12) ترجمو: اهو (الله) جنهن اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو

۽ اوهان کي انهي ۾ آباد ڪيو انهي ڪان معافي گهرو انهي جي دربار ۾ توبه ڪريو بيشڪ منهنجو الله ويجهو آهي ۽ دعا قبول ڪري ٿو.

اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ (سورة يوسف آيت98، رڪوع11، سيپارو13) ترجمو: بيشڪ اهو (الله) بخشڻهار ۽ مهربان آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا (سورة الرعد آيت3، رڪوع1، سيپارو13) ترجمو: بيشڪ هو قادر مطلق آهي جنهن زمين کي وڇايو ۽ انهي تي وڏا وڏا پهاڙ ۽ دريا بنايا.

لفظ ”هو“ جون آيتون گهڻو ڪري ساري قرآن ۾ موجود آهن. ويندي سورة اخلاص تائين موجود آهن. قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ! الائجي ته اهڙي پاڪ اسم سان ذڪر ڪرڻ ۾ ڪهڙي قباحت (برائي) آهي؟ آخر ”هو“ جو ضمير به ته خاص الله تعاليٰ ڏي موٽي ٿو. خصوصاً جڏهن اهڙا قرينا (نشانيون) موجود هجن. وري اعتراض ڪندڙ ذڪر کي بدعت بنائڻ ۾ بلڪل بي انصافي ڪري رهيو آهي. اول ته خاص طرح قرآن شريف ۾ الله جي اسمن سان ذڪر ڪرڻ جا احڪام ملن ٿا.

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا (سورة الدهر آيت 25، رڪوع2) ترجمو: صبح شام پنهنجي رب جي اسم جو ذڪر ڪندا رهو.

فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ (سورة الحاقه آيت 52، رڪوع2، سيپارو29) ترجمو: پنهنجي شان واري پروردگار جي اسم جي تسبيح ۽ پاڪائي بيان ڪندا رهو.

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى (سورة الاعليٰ آيت 1، رڪوع1 سيپارو30) ترجمو: تون پنهنجي بلند شان پروردگار جو نالو پاڪائي سان ياد ڪندو رهه ۽ ٻيو حضور ﷺ جن به فرمايو آهي:

افضل الذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ افضل الدعاء الحمد لله (جامع الترمذي جلد2، باب الدعوات)

جڏهن قرآن شريف ۾ اهڙو حڪم موجود آهي ۽ جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جي ڪلمه شريف جي ذڪر کي افضل الذڪر فرمايو آهي ته پوءِ انهي کي يا انهي جي ڪنهن جزء کي بدعت بنائڻ صاف زور آوري آهي.

(ڪتاب پير اشرف شاهه قريشي، سوانح ۽ ڪلام، مصنف مولوي محمد يامين شورو صفحه 61 کان 71 تائين، ڇاپي هيٺ.)

# وفات جون تاريخون

## (فقير حاجي جان محمد شورو جي ڊائري تان ورتل)

هڪڙا اچن آڏيءَ جو بيا وڃن صبح شام،
جيڪي مٿيءَ جا مهمان، سي رهي رهندا ڪيترو.

(1) وفات: فقير عبدالله شورو ولد فقير محمد صديق شورو. تاريخ 4 جمادي الثاني 1401هہ مطابق 10 اپريل 1981ع جمعي جي رات.

(2) وفات: حاجي دريا خان ولد ساماٽو شورو. تاريخ 5 سيپٽمبر 1977ع مطابق 20 رمضان 1397هہ.

(3) وفات: حاجي گل محمد ولد ساماٽو شورو. تاريخ 6 ذوالحج 1402هہ مطابق 24 سيپٽمبر 1982ع.

(4) وفات: حاجي محمد فقير ولد فقير عبدالواحد شورو. تاريخ 10 رمضان 1376هہ خميس جي رات فجر جو ساڍي ٽي وڳي. ڄمار 69 سال. حاجي محمد، خليفي پيرو فقير جو پوٽو هو.

(5) وفات: حاجي شفيع محمد فقير شورو ولد حاجي محمد شورو. تاريخ 20 ربيع الاول 1401هہ مطابق 1981ع بروز اڱارو.

(6) وفات: محمد عرف حاجن ولد حاجي شفيع محمد فقير. تاريخ 8 رجب 1417هہ مطابق 20 نومبر 1996ع بروز اربع.

(7) وفات: حاجي عطا محمد شورو تاريخ 4 صفر 1407هہ مطابق 19 آڪٽوبر 1986ع بروز خميس.

(8) وفات: حاجي محمد مراد شورو تاريخ 3 ذوالحج 1388هہ مطابق 21 فيبروري 1969ع بروز جمعہ.

(9) وفات: حاجي الله بخش شورو تاريخ 13 ذوالحج 1404هہ.

(10) وفات: زوجہ حاجي الله بخش شورو. تاريخ 16 رجب 1413هہ مطابق 10 جنوري 1993ع.

(11) وفات: حاجي ڪريمداد ولد حاجي الله بخش شورو. تاريخ 19 ربيع الثاني 1414هہ مطابق 7 آڪٽوبر 1993ع.

(12) وفات: مير محمد ولد حاجي غلام حيدر شورو. تاريخ 10 جمادي

الاول 1431هہ مطابق 25 اپريل 2010ع بروز آچر.

(13) وفات: حاجي غلام حيدر شورو. تاريخ 5 جمادي الاول 1406هہ مطابق 17 جنوري 1986ع ڇنڇر جي رات.

(14) وفات: محمد موسيٰ فقير ولد اڪرم فقير شورو. تاريخ 7 شوال 1430هہ مطابق 26 سيپٽمبر 2009ع آچر جي رات.

(15) وفات: محمد يوسف ولد يار محمد فقير شورو. تاريخ 6 آڪٽوبر 2007ع بروز ڇنڇر بوقت هڪ بجي ظهر مهل. مطابق رمضان 23 تاريخ سن...............

(16) وفات: زوجہ محمد الياس فقير. تاريخ 28 نومبر 2008ع مطابق 30 ذوالقعد 1429هہ ڇنڇر جي رات. عمر اندازاً سؤ سال.

(17) وفات: فقير حاجي احمد شورو. درگاهہ پيرو فقير شورو جو چوٿون نمبر گادي نشين. تاريخ 8 ذوالقعد 1412هہ مطابق 12 مئي 1992ع بروز اڱارو بوقت ساڍا ٻارهن.

وفات وقت لکيل تاثرات:

مرحوم فقير حاجي احمد شوري جي وفات وقت سندن فرزند حاجي جان محمد شوري (موجوده گادي نشين) پنهنجي ڊائري ۾ تاثرات لکيا هئا سي هتي ڏجن ٿا.

”بابا سائين کي 19 مهينا فالج جي تڪليف رهي. پڇرين ڏينهن ۾ تڪليف تمام گهڻي ٿي. پوءِ کين ايمبولينس ۾ کڻي راجپوتانہ اسپتال حيدرآباد وياسون. مون سان گڏ هڪ بابا حاجي محمد صديق ۽ حاجي ڪريمداد شورو، يار محمد ابڙو ۽ محمد صديق عرف ڪارو حاجاڻي، حاجي ڪريمداد ۽ يار محمد ابڙو واپس ڳوٺ آيا. باقي بابا مولوي حاجي محمد صديق ۽ محمد صديق عرف ڪارو حاجاڻي اتي رهي پيا. ڊاڪٽر ارشاد مورياڻي علاج ڪندو رهيو پر بابا سائين کي هوش نہ آيو. ڏيڍ مهينو رهياسين پر حالت بيهوشي جي رهي. رات جو حاجي محمد سومرو ڳوٺ شير محمد نوڙها وارو ايندو هو ۽ ساري رات گڏ هوندو هو صبح جو وري ڳوٺ ويندو هو. رب العزت کيس اجر عظيم ڏيندو. ٻيا دوست احباب بہ ڏسڻ ۽ پڇڻ لاءِ ايندا رهندا هئا. حاجي مختيار شورو صاحب بہ رات جو روزانہ پيو

ايندو هو. ڪافي ڏينهن بعد جڏهن سڏارو ڏسڻ ۾ نہ آيو تہ، حاجي مختيار صاحب چيو تہ، سائين کي سول اسپتال ڪراچي ۾ داخل ڪرايون. مون وراڻيو تہ جيڪا توهان وڏن جي صلاح. پوءِ ڊاڪٽر ارشاد موورياڻي سان صلاح ڪيائون. جنهن چيو تہ، توهان ڪراچي پلي وڃو. بابا حاجي محمد صديق اسپتال وارن جو حساب ڪتاب چڪتو ڪرائڻ لاءِ ويو تہ، اسپتال وارن چيو تہ ڊاڪٽر ارشاد موورياڻي اسان کي چئي ويو آهي تہ، توهان رڳو ڪمري جي فيس ونجو باقي منهنجي (ڊاڪٽر جي) في فقير صاحب جن پاڻ ڏيندا. پوءِ فقط اسپتال جي في ڏيئي ڪراچي روانا ٿيا سون. بابا حاجي محمد صديق ۽ حاجي قابل مري پيراڻي وارو بہ گڏ هليو. ڪراچي پهتاسون تہ، حاجي مختيار شورو ۽ لالا ايوب پناڻ ٽنڊو آدم وارو اڳ ۾ ويٺا هئا، جن تمام سٺي مدد ڪئي ۽ اسپتال ۾ داخلا وٺي ڏنائون. سڪندر شورو صاحب بہ وقت ماني موڪليندو هو جيڪا عنايت راڄڙ گاڏي ۾ کڻي ايندو هو. چاچا حاجن، سڪندر صاحب، حاجي ڪريمداد ۽ ادا حاجي يوسف جن بہ ڪافي مدد ڪئي. رب سائين کين اجر ڏيندو. علاج تمام بهتر هليو پئي ڏينهن بابا سائين کي هوش آيو ۽ اکيون پٽيائين پر افسوس جو ڳالهائڻ لاءِ زبان نہ کلي، تمام گهڻي ڪوشش ڪيائون پر زبان ڪا نہ اٿلي. مون کي ڏسي مون ۾ نهاري بابا جن تمام گهڻو روئندا هئا. ڳوٺ مان ڪو ايندو هو تہ ان کي ڏسي بہ روئندا هئا. حاجي قابل مري بہ منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي. بابا مولوي حاجي محمد صديق تہ مون سان گڏ ئي گڏ هو. ڪا بہ دوا يا ٽيسٽ هوندي هئي تہ پاڻ جلدي ايندا هئا. مون ڊاڪٽر کي چيو تہ، توهان ڪوشش ڪريو زبان کلي پئي ڪيترو بہ خرچ اچي تہ آئون ڏيندس. پر ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ، هاڻي فقير سائين اهڙي پوزيشن ۾ آهي جو نہ ڳالهائي سگهندو ۽ نہ وري هلي سگهندو. هڪ ٻانهن بہ ڪم نہ ڪندي ۽ ڄنگهہ بہ. جيترو وقت حياتي رهندا تہ انهي حال ۾ هوندا. مون ڊاڪٽر کي چيو تہ، ٻاهرين ملڪ وٺي وڃون تہ ڪهڙي ملڪ ڏي وٺي وڃون. پر ڊاڪٽر چيو تہ، ٻاهرين ملڪ وڃڻ جو بہ ڪو فائدو نہ ٿيندو. پوءِ ڊاڪٽر عبدالواحد ڪاڪي پوٽي ۽ ڊاڪٽر جعفر مري کان بہ پڇيم تہ انهن جو بہ ساڳيو جواب هو تہ، ڪو بہ فائدو نہ ٿيندو.

نيٺ ڊاڪٽرن موڪل ڏني ۽ ڳوٺ آياسون. ڪڏهن ڪڏهن، انين ڏهين ڏينهن حيدرآباد تہ وري ڪڏهن نواب شاهہ ويندا هئاسون. بابا جن کي ڏسڻ لاءِ ڪو بہ ايندو هو تہ ڳالهائڻ بلڪل ڪو نہ ڪرندو هو پوءِ فقط روئندا هئا.

هڪ ڏينهن تمام گهڻي تڪليف ٿي پيس ان وقت منهنجي طبيعت بہ صحيح ڪو نہ هئي بخار ۽ جان ۾ ڪمزوري هئي. ايمبولنس گاڏي وٺي آيا، تہ آئون بہ ساڻس گڏ ٿي ويس. پر مون کي سيني چيو تہ، تون ٺيڪ ناهين ويهي رهہ. پوءِ بابا مولوي حاجي محمد صديق ساڻس گڏجي ويو ۽ ٻيو نوح بہ ساڻن گڏ هو. صبح ٿيو پر مون کي آرام نہ آيو. مون چيو تہ، ضرور ويندس. وچڻ کان پهرين هڪ ڇيلو وٺي ٻڪرار جاڙو ڳاهو جي حوالي ڪيم تہ، اهو ڪهي صدقو ڪريو. پوءِ آئون ۽ چاچا حاجن سول اسپتال حيدرآباد وياسون. بابا جن کي تڪليف تمام گهڻي هئي چار پنج ڏينهن رهيا هئاسون تہ بابا سائين ڏينهن جو ساڍي ٻارهين وڳي وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليا. بس زندگي ساٿ نہ ڏنو ۽ حياتي ايتري ئي هئي. اتان کان ايمبولينس ذريعي واپس ڳوٺ آياسون. ظهر جي نماز بعد آخري غسل جي تياري ڪرڻ لڳاسون تہ ڏٺم تہ حاجي ڪريمداد کي بابا جن جي وڇوڙي جو ڏاڍو ڏک هو. مون کي ۽ ٻاءِ نيڪ محمد کي ڏسي چيائين تہ هڪ پٽ نيڪ ۽ ٻيو جاني. حاجي ڪريمداد بابا سائين کي ڪڏهن بہ نالو وٺي نہ سڏيندو هو بلڪ سدائين بابا سائين چوندو هو. حاجي ڪريمداد چوندو هو تہ، جن جا پٽ جاني تہ ٻيا نيڪ تہ پوءِ انهن کي ڪهڙو اُلڪو؟

آخري غسل محمد سليمان سينهڙو ۽ حاجي ڪريمداد، ۽ مولوي عبدالرحمان ۽ بابا حاجي محمد صديق ڏنو. بابا جن جي ماءُ جي جي سڳوري تمام گهڻو روئي رهي هئي بلڪل ماٺ نہ ٿي ڪيائين. وچين نماز پڙهي پوءِ ڪنيوسين، جنازي نماز استاد فقير مننار پڙهائي قبر ۾ لاهڻ مهل هيٺ بابا جي حج جو رفيق حاجي ڪريمداد ۽ ولي محمد سينهڙو لٿا.

بابا سائين کي ڏاڍا حاجي محمد فقير جي پيراندي کان رکيوسين. جيترو وقت حياتي رهيس تہ، بابا سائين جي تڪليف جيڪا مون ڏني هئي سا ڪا نہ وسرندي.

(18) وفات: فقير غلام محمد ولد حسين فقير شورو. تاريخ 8 شوال

1412ھ مطابق 12 اپريل 1992ع بروز آچر بوقت ظهر.

(19) وفات: حاجي محمد عرف حاجن فقير ولد حاجي شفيع محمد فقير شورو. تاريخ 8 رجب 1417ھ مطابق 20 نومبر 1996ع. بروز اربع.

(20) وفات: مولوي حاجي محمد صديق ولد فقير عبدالله شورو. تاريخ 23 شعبان 1414ھ مطابق 5 فيبروري 1994ع چنڇر جي ڏينهن. کيس فقير حاجي احمد جي پير ۾ دفنايو ويو.

(21) وفات: حاجي طالب فقير شورو. تاريخ 27 جمادي الاول 1416ھ بوقت 12 وڳي.

(22) وفات: وڏيرو حاجي عبدالحڪيم شورو. تاريخ 18 ذوالقعد 1418ھ مطابق 18 مارچ 1998ع.

(23) وفات: گل منير ولد طالب شورو ڳوٺ محمد شورو لڳ جمڙائو. دلور. تاريخ 13 جمادي الاول 1431ھ مطابق 28 اپريل 2010ع بروز اربع.

(24) وفات: وڪيو شورو ٻيڙاپور وارو. تاريخ 25 ربيع الاول 1431ھ مطابق 12 مارچ 2010ع ربوز جمعه.

(25) وفات: الهڏنو شورو ولد طالب شورو ڳوٺ حاجي دودو شورو لڳ جمڙائو. تاريخ 25 ربيع الاول 1431ھ مطابق 12 مارچ 2010ع بروز جمعه.

(26) وفات: ارشاد علي شورو ولد خير محمد شورو ڳوٺ ٻيڙاپور. تاريخ 10 مئي 2010ع مطابق 26 جمادي الاول 1431ھ اڱاري جي رات.

(27) وفات: زوجہ مومن شورو ڳوٺ حاجي دودو شورو تاريخ 23 فيبروري 2010ع مطابق 8 ربيع الاول 1431ھ بروز اڱارو.

(28) وفات: دريا خان ولد محمد موسيٰ شورو. لڳ ڪنڊو اسٽاپ. تاريخ 17 شعبان 1431ھ مطابق 29 جولاءِ 2010ع بروز خميس.

(29) وفات: محمد شورو ڳوٺ ٻيڙاپور. تاريخ 8 رجب 1430ھ مطابق 2 جولاءِ 2009ع بروز خميس.

(30) وفات: زوجہ علي محمد فقير شورو. تاريخ 2 مارچ 1996ع مطابق 11 شوال 1416ھ.

(31) وفات: زوجہ فقير غلام محمد شورو. تاريخ 11 آگسٽ 1993ع مطابق 21 صفر 1414ھہ بروز اربع.

# مددي ڪتاب

(1) تصوف ڪا اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ترجمه اردو رسالہ قشيريه عربي مصنف امام قشيري (376هہ-465هہ) مترجمہ اردو محمد عبدالنصير علوي ناشر مڪتبہ رحمانيہ لاهور.

(2) سوانح حيات حضرت سائين پير وارا. مؤلف مولانا محمد قاسم سومرو. ڇاپو پهريون 2004ع روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ.

(3) سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. ڇاپو پهريون جولاءِ 1989ع. ڇپايل مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي.

(4) شاهہ جو رسالو مرتب غلام محمد شهواڻي، نئون ڇاپو 2012ع. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

(5) تاريخ شورا تحقيق و تحرير دوست محمد ٻٽي ڇاپو پهريون سال 1997ع.

(6) فقير حاجي جان محمد شورو جي ڊائرين تان ورتل مواد.

(7) نيٽ تان ورتل مواد.

(8) ماهوار الصادق سنڌي ڪراچي.

(9) الله ڪي ولي ڪون؟ مؤلفين: مولانا عبدالماجد صديقي، مولانا ابو دانيال نقاش، مڪتبه ارسلان بنوري ٽائون ڪراچي، سال 2004ع.

(10) درس غوثيه (اردو) مرتب: درس عبدالڪريم پلي، سال ڊسمبر 1999ع.




قرآن شريف جو قلمي نُسخو



پيرو فقير شوري جو مُصلو

1

